مشرق جو درويش
گوتم ٻڌ

محمد حفيظ سيد / منير سولنگي

مشرق جو درويش
گوتم ٻڌ

محمد حفيظ سيد

منير سولنگي

سنڌي ساهت گهر - حيدرآباد سنڌ.

2000ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ.

ڪتاب جو نالو: مشرق جو شهزادو گوتم ٻڌ
ليکڪ: محمد حفيظ سيد
سنڌيڪار: منير سولنگي
پهريون ڇاپو: جولاءِ 2000ع
ڪيليگرافي: ايم. اقبال شيخ
ڪمپوزنگ : ناز ڪمپيوٽر اڪيڊمي
آفيس نمبر 18- سيڪنڊ فلور، شيلٽر ڪينٽ
شاپنگ مال ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد سنڌ.
فون نمبر: 784350 فيڪس 782357
قيمت -/50
پنجاهه روپيا فقط

سنڌي ساهت گهر ڪتاب نمبر 118

MASHRIQ JO DARVESH GOTAM BHUDH
By: Mohd Hafeez Syed
Translated by: Muneer Solangi
Published by: Naz Sanai
Office No. 18- Second Floor, Shelter
Shopping mall Cantonment, Hyderabad Sind.
Phone: 784350 Fax:782357
Book No. 118- July 2000
Per Copy: Rs: 50/-

ٻه اکر

مهاتما گوتم ٻڌ جي زندگيءَ تي محمد حفيظ سيد جو هيءُ لکيل شاندار ڪتاب اردوءَ ۾ ۱۹۴۲ع ۾ ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو هو. ايڏي طويل عرصي گذرڻ ڪانپوءِ اردوءَ ۾ به ان جو ٻيو ايڊيشن ڇپجي نه سگهيو آهي. مهاتما گوتم ٻڌ ۽ سندس تعليم ۽ ٻڌ ازم جو سڄي دنيا سان گڏ، اسان جي سنڌ تي به تاريخي طور وڏو اثر رهيو آهي. اڄا تائين به اسان پنهنجي عظيم شاعرن ۽ درويشن شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين جي ڪلام ۾ ان جو اثر ڏسي پسي سگهون ٿا.

ٻڌ ڌرم سدائين عبادتن کان وڌيڪ انسان جي ذهني ترقي ۽ عملن جي سڌاري جي پرچار پٺي ڪئي. ڇو ته هو اها ڳالهه وڏي واکي ڪندا هئا ته دنيا ۾ ڪنهن به شيءِ کي دائميت ناهي. هنن انساني ڏکن ۽ پيڙائن جا نه رڳو ڪارڻ معلوم ڪيا پر انهن جو بهتر علاج به ڏسيو ۽ انساني معاشري کي غلطين کان پاڪ رکڻ لاءِ جاکوڙ ۽ جستجو ڪئي ڇو ته انهن انساني غلطين کي ئي، ٻڌ ازم ڏکن جو ڪارڻ ٿي سمجهيو. ٻڌ ازم جا صحيح ۽ سچا پيروڪار شخصي نجات نه پر عالمي نجات لاءِ جاکوڙيندا رهيا. انهن زندگيءَ لاءِ هڪڙا اهڙا اصول طئه ڪيا ۽ اهڙا رستا ڏسيا، جنهن سان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ان جا پيروڪار پيدا ٿيا. سنڌ تي ان جو انتهائي گهڻو اثر رهيو آهي. راجا ڏاهر جي زماني ۾ سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي ماڻهو ٻڌ ڌرم جي پوئلڳي ڪندا رهيا. نه رڳو عام ماڻهو پر راجا ڏاهر جو هڪڙو ڀاءُ پڻ ٻڌ ازم جو ڀڪشو ٿي رهيو.

مهاتما گوتم ٻڌ، هڪڙو عظيم سڌارڪ هو، هندو ڌرم ۾ هن ڪيترائي اهم سڌارا آندا. هو سڄي ڄمار ماڻهن کي ظاهري پاڪيزگيءَ بدران، اندروني پاڪيزگي پيدا ڪرڻ لاءِ درس ڏيندو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو ان جي قائم ڪيل بنيادي اُصولن کي اڄ به اهائي اهميت ۽ حيثيت حاصل آهي. هو انسان ذات جو واقعي وڏو مهاتما هو. ان جي فڪر ۽ زندگيءَ بابت اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ڇڻ مواد آهي ئي ڪونه. شاباس آهي اسان جي دوست مُنير سولنگيءَ کي، جنهن ان جي شخصيت ۽ فڪر تي اردوءَ ۾ آيل هن پراڻي ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو ترجمو ڪري نه رڳو سنڌي ادب ۾ هڪڙي سٺي ڪتاب جو واڌارو آندو آهي پر مهاتما گوتم ٻڌ بابت پڙهندڙن کي بنيادي معلومات ڏيڻ جي هڪڙي سٺي ڪوشش ڪئي آهي. هن جو ترجمو به ڪمال جو ترجمو آهي. مونکي يقين آهي ته سنڌيءَ جا پڙهندڙ، ان جي هن چڱي پورهئي کي ڪڏهن به وساري نه سگهندا.

ناز سنائي

21 جون 2000

آفيس نمبر 18- سيڪنڊ فلور، شيلٽر ڪينٽ

شاپنگ مال، ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد سنڌ.

ترتيب

● ٻه اکر 3

● مهاڳ 13

باب پهريون: 16

● گوتم کان اڳ جو هندوستان:

آريا ڪٿان آيا؟ پاڪ ڪتاب، ويدن جو مذهب، ويدڪ مذهب ۾ ڦير ڦار. گهڻ پوڄا، وحدت الوجود ۽ همہ اوست جو عقيدو. گوتم جو جنم.

باب ٻيون: 26

● گوتم ٻڌ جي جيون ڪٿا:

پيدائش، شادي، جنگ جو فن، راهول جو جنم، دنيا کي تياڳ، تپسيا، دماغي ولوڙ، ٻڌ ٿيڻ، پرچار جو تت، روزمره جي زندگي، هڪ وڏيڪ اپديش، همسار جو ٻڌ مذهب اختيار ڪرڻ، شدوڌن سان ملاقات، ڪجهه خاص چيلا، پهريان ٽي سال، ان کان پوءِ جا سال، ڪجهه خاص واقعا، آخري ٽي مهينا، آخري وعظ، دفن ڪفن.

باب ٽيون: 55

ٻڌ جي تعليم، خدا ۽ روح، فلسفو، شين جي جسمي جوڙجڪ، احساس، اڪيلا ۽ گڏيل تصور، سگهه ۽ لاڙو، ونان (خيال ۽ شعور)

● ٻڌ جا روح جي مسئلي تي زباني پرچار: 60
روح جو نہ هجڻ، جوڻ ۽ ڪرم، سڌو رستو، اخلاقي حڪم، والدين ۽ اولاد تي فرض، زال مڙس جا فرض، دوستن ۽ ساٿين جا فرض، مالڪ ۽ نوڪر جا فرض، مذهبي ماڻهن جا فرض.

باب چوٿون: 70
سنگهہ يا فقيرن جي جماعت، شرط ۽ داخلا جو طريقو، ڏهہ حڪم، راهبن سان گوتم جي آخري ڳالهہ ٻولهہ، چار وڏيون ڪوششون.

باب پنجون: 81
تبديليون ۽ اضافا، متفق ڳالهين جا نتيجا، اختلافن جي شروعات، گوتم کان اڳ جا ٻڌ، گوتم الهويت جي درجي تي، معجزا، ڏاڪٽيا ٻڌ ۽ گوتم، سردي ٻڌ.

باب ڇهون: 88
سنگهہ جون ڪائونسلون ۽ اختلاف

باب ستون: 94
ٻڌ مذهب جدا جدا ملڪن ۾، لنڪا، برما، تبت، دلائي لاما، چين، جاپان، نيپال، ڪوچين آواز ۽ فارموسا وغيره.

ضميما 104

تعارف

نالو	محمد پريل
ذات	سولنگي
والد جو نالو	ڀليڏنو سولنگي
ڄمڻ جو هنڌ	ڳوٺ ڀليڏنو سولنگي، لڳ گاگڙي تعلقو ۽ ضلعو خيرپور ميرس.
ادبي نالو	منير سولنگي
ادبي سڃاڻپ	شاعر، نقاد ۽ مترجم
ڇپيل تصنيف	هم جنسيت
ادبي شروعات	1956ع کان
ادبي استاد	جناب سليم ڳاڙهوي
ادبي تنظيم سان واڳيل	سنڌي ادبي سنگت
خاص صنف ۾ دلچسپي	غزل، تنقيد ۽ ترجمو

تنهن کانسواءِ نفسيات، جنسيات، تاريخ ۽ فلسفي تي ڪيئي، طبعزاد ۽ ترجما سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. ڪوبہ مجموعو سهيڙيل نہ آهي. ڇڙوڇڙ سوين مضمون، اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهن.

ڪينجهر ايوارڊ محترم ناز سنائي جي رسالي "ڪينجهر" ۾ ترجمي تي 1997 ۾ مليو.

لاهور ميوزم ۾ رکيل ٻڌ جو اصل مجسمو

ٽيڪسيلا ميوزيم ۾ ٻڌ جو رکيل مجسمو



گوتم ٻڌ جي موت جو منظر- وڪٽوريه ۽ البرٽ ميوزيم لنڊن ۾ رکيل



تيڪسيلا مان ملندڙ ٻڌ جي هڪ تصوير

گوتم ٻڌ جي موت کانپوءِ ان جي رک کي مختلف جاين تي موجود اسٽوپن ۾ محفوظ ڪيو ويو هو. هن تصوير ۾ جيڪو اسٽوپا ڏيکاريو ويو آهي، هي ٽيڪسيلا ۾ اڃا بہ سِيل نمبر ۹ ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

مھاڳ

جڏهن آريا هندوستان ۾ آيا ۽ سپت سنڌوءَ کي فتح ڪري، پنهنجي آريائي،مت لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي ۽ سنڌو، گنگا ۽ جمنا جي ڪنارن تي وبهي، ويدڪ ادب، جي آبياري ڪرڻ لڳا. هنن پنهنجي اڄڻ کان اڳ ۾ ڪارن خدائن ۽ رائج پوڄڻ کي آريا ويدي مت ۾ شامل ڪيو. ويدڪ مت ۾ ذات پات ۽ اوچ نيچ کي ڀرپور نموني سان اجاگرڪيو ويو. برهمڻ جي مڙسي کي ايترو ته مٿي ڪيو ويو جو پرڀوءَ تائين پهچڻ جو ڏاڪو به انهيءَ برهمڻ کي سمجهيو ويو. ويدن کي اهڙي زبان ۾ لکيو ويو، جيڪا ديسي ماڻهن لاءِ ڏاري ۽ اجنبي زبان هئي. برهمڻن جي نظر ۾ ٻيون جيڪي ديسي ٻوليون هيون سي جانورن جون ٻوليون هيون.

سنسڪرت ئي اهڙي زبان ڄاتي ويئي جيڪا علم ۽ عرفان واري زبان هئي. اهڙي طرح برهمڻن پنهنجي مذهب جا بنياد ڏاڍ، جبر ۽ جانبداريءَ تي رکيا. اوچ نيچ ۽ ذات پات جي چڪر. ديسي ماڻهن جو منيون منجهائي ڇڏيون. نيچ ذات واري ماڻهوءَ يعني شودر کي ته ويدن پڙهڻ، ويدن ٻڌڻ ۽ ڇهڻ جو ڪوبه اڌيڪار نه هيو. تنهن ڪري اهو فطري امر هيو ته انهيءَ عمل جو ردعمل پيدا ٿئي. انهيءَ رد عمل ۾ ڪپل وستوءَ جو هڪ شهزادو سڌارت يا گوتم شامل ٿي ويو. هن بادشاهيءَ کي، مايا کي پنهنجي زال يشوڌرا کي (چيني ٻڌ تي زالون لکن ٿا) ۽ پٽ راهل کي ۽ محل کي الوداع چئي، انهيءَ ڪربناڪ سمنڊ جي گهراين تائين پهچڻ لاءِ وشال پرٿويءَ تي قدم رکيو. هن تيزيءَ سان گيان ۽ ڌيان جون منزلون طئه ڪري نرواڻ جو نعرو هنيو ۽ ٻڌمت مقبوليت جون منزلون تڪڙيون اکرڻ لڳو.

ٻڌمت جي مقبوليت جو وڏو سبب هي به هيو ته هن مذهب ڪنهن به مت جي خلاف نفرت نه پکيڙي، ليڪن ان مت مان سنا سنا اصول چونڊي پنهنجي مت ۾ شامل ڪيا. هن ڪنهن به مذهب کي گهٽ نه ڄاتو ته انهيءَ جي نتيجي ۾ ٻئي ڪنهن به مذهب ٻڌ مذهب کي خراب نه سڏيو. گوتم جي سنگهه ۾ شودر، ڪوري، موچي ۽ مينگهواڙ به اچي شامل ٿيا. ذات پات جو چڪر سختيءَ سان ختم ڪيو ويو. گوتم ميل ميلاپ پائيپي، پريم ۽ شانتيءَ جي فضا قائم ڪئي. هن مت ۾ ڪنشڪ ۽ اشوڪ جهڙا شهنشاه به شامل ٿي ويا.

هن وقت ٻڌمت جا پوئلڳ دنيا ۾ تمام ٿورا آهن پر پوءِ به ٻڌمت لاءِ ڪنهن وٽ به تعصب ۽ نفرت نه آهي. گوتم کي اڄ انهن هستين ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو، جن انسانيت کي دين ۽ ڌرم سمجهي خدا جي مخلوق آڏو پريم شروع ڪيو. هن مهان هستيءَ جو درس پوري انسان ذات لاءِ هڪجهڙو هيو. هن هر انسان کي پنهنجي آزادي، پاڻ وڃڻ جو درس ڏنو.

هيءُ عظيم انسان عقيدت ۽ وڏائي جي اونده ۾ ائين گم ٿي ويو آهي جو هن جو اصل ۽ حقيقي روپ صاف نظر نٿو اچي؛ هن جي بازي ۾ سندس همعصر ماڻهن جيڪي ڪجهه لکيو آهي اهو هن وقت دستياب نه آهي. گوتم جي وصال کان ٽي سو سال پوءِ سندس تي لکيل مواد جام ملي ٿو. توڙي جو تاريخي اعتبار کان هن جو ڳچ حصو معتبر نٿو سمجهيو وڃي.

گهڻو تڻو مواد "تري پٽڪ" (ٽن ٽوڪرين) ۾ ملي ٿو. انگريزيءَ ۾ گوتم تي اٽڪل پنج هزار ڪتاب لکجي چڪا آهن، پر انهن جو بنياد آهي تري پٽڪ آهن، تري پٽڪ مان هر هڪ ٽوڪريءَ ۾ ڪيئي ڪتاب اچي وڃن ٿا.

مان جناب ڊاڪٽر محمد حفيظ سيد جي اردو ڪتاب گوتم، جو ترجمو پڙهندڙ دوستن آڏو عرض رکيو آهي. ترجمي ڪرڻ ۾ مان ڪيترو ڪامياب ويو آهيان، اهو ڪاٿو مان نٿو لڳائي سگهان. اهو اندازو پڙهندڙ ڪي صحيح نموني پسان لڳائي سگهن ٿا.

منير سولنگي

12-4-2000

پير جو ڳوٺ ڪنگڙي

باب پهريون

گوتم کان اڳ جو هندستان

اسان جو هي هندوستان هڪ وڏي کنڊ جي حيثيت رکي ٿو، هي تمام وشال ۽ زرخيز آهي ۽ جدا جدا قومن جي رهڻ جي جڳهه آهي. هن جا اصلي رهاڪو ڪير هئا، انهيءَ جي ڪا به سنڌ ڪانهي. ليڪن آريا نسل جي ماڻهن جي اچڻ کان اڳ ۾ هتي دراوڙي نسل جا ماڻهو رهندا هئا. هي اڻ سڌريل ۽ جهنگلي نه هئا پر هنن وٽ پنهنجي ساهت ۽ زبان هئي.

هلندڙ وقت جي کوجنا ۽ جاکوڙ اهڙا نشان ڳولهي لڌا آهن جن مان هي ڳالهه ثابت ٿي آهي ته دراوڙ سڌريل ۽ شهري زندگي گذاريندا هئا ۽ ڪيترين اهڙين صنعتن کان واقف هئا، جيڪي اڄ ڪلهه مشيني دور ۾ اچرج جهڙيون پاسن ٿيون.

آريا ڪٿان آيا؟

انهن دراوڙن کي ڏکڻ طرف ڌڪيندي اتر اولهه کان اها قوم آئي جيڪا پاڻ کي آريا، ڪوٺرائي ٿي ۽ جنهن جي نسل مان هجڻ وارو هندستاني آبادي جو وڏو حصو دعويٰ ڪندڙ آهي. هي ماڻهو ڪٿان آيا ۽ ڪهڙي سمي ۾ آيا؟ انهيءَ باري ۾ تاريخ جي ڄاڻن ۾ اختلاف آهي. يعني اهي "ناروي" "سوئيڊن" ۽ "ڊنمارڪ" کان آيا ۽ اولهه جي اڪثر ملڪن ۾ پکڙندا "ڪوهه ڪاف" تائين وڃي پهتا. پوءِ ايران ۾ واهيرو ڪندي، هندستان تائين اچي پهتا. ڪجهه تاريخ جا ڄاڻو چون ٿا ته انهن جو جنم، هنڌ وچ ايشيا آهي ۽ اهي اتان ئي يورپ ۽ ايشيا ۾ پکڙيا. ڪجهه ملائڪ صفت تاريخ دان اهڙا به آهن جيڪي لنڪا (سري لنڪا) کي حضرت آدم جو

جنم هنڌ بنائي انساني نسل جيئ شروعات اتان کان ڪن ٿا ۽ آرين کي هندوستان مان ٿيندي وچ ايشيا تائين وٺي وڃن ٿا ۽ پوءِ پنهنجيءَ پهرينءَ منزل ڏانهن موٽائي اچن ٿا.

تمام سچ ڪوجنا هي ٻڌائي ٿي ته انهن جو جنم، هنڌ اهو زمين جو ڀاڱو آهي، جنهن کي اڄ ڪلهه (بوهيميا) ۽ (آسٽريا) چون ٿا ۽ انهن جي دعويٰ آهي ته (آريا) هتان کان يورپ ۽ ايشيا ۾ پکڙيا. انهن سڀني تاريخدانن جي ثبوت ۾ جيڪي دليل پيش ڪيا آهن انهن جي تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت نه آهي. هن ڳالهه تي سڀئي متفق آهن ته آريا اتر اولهه جي طرف کان آيا ۽ اٽڪل ٽن هزارن سالن قبل مسيح تائين ايندا رهيا. هيءَ به مجيل ڳالهه آهي ته هڪ پيرو نه آيا پر سوين سالن تائين جدا جدا ٽولن ۾ ۽ جٿن ۾ ايندا رهيا. جيئن جيئن آباديءَ ۾ واڌ ٿيندي ويئي يا نون، نون ملڪن ۾ رهڻ جي ضرورت آڏو آئي ته اهي اتر هند ۾ اوير طرف برابر وڌندا رهيا. ايستائين جو (پنجاب) يو- پي ۽ بهار جا اولهه وارا حصا انهن جي رهڻ جا هنڌ بڻجي ويا ۽ "آريا ورت" جي نالي سان سڏجڻ لڳا.

پاڪ ڪتاب:

انهيءَ زماني جي حالتن جي اگر ڄاڻ ملي سگهي ته آرين جي انهن پاڪ ڪتابن مان ملي سگهي ٿي جن کي "ويد" چيو وڃي ٿو.

(الف):- ويد چار آهن (١) رگ ويد (٢) يجر ويد (٣) سام ويد (۴) اٿر ويد.

انهن جي قديم زبان سنسڪرت آهي، جيڪا هاڻوڪي سنسڪرت کان نرالي آهي. هندن جو خيال آهي ته "ويد" آسماني ڪتاب آهن ۽ اهي پيدائش جي منڍ ۾، جنهن کي اوٽويهه ڪروڙ، پنجونجاه لک اٺاسي هزار پنج سو چوئيتاليهه سال ٿيا جو پرميشنر جي خاص ٻانهن جي وسيلي اسان تائين پهچايا ويا. ويد گهڻو حصو نظم ۾ آهن ۽ انهن جا شعر، منتر، چيا وڃن ٿا. انهن منترن جي ڳڻڪي کي "سنتا" يا "سنگهيتا" چون ٿا. سڀني منترن جو ڪوبه "ارٿ" هٿ اچي نه سگهيو آهي. جنهن جي ڪري انهن جي مطلب جي باري ۾ سنسڪرت جي ڄاڻن ۾ وڏا اختلاف آهن. پوءِ به ويدن کان پوءِ سڀ کان پراڻن ڪتابن ۾ "ارٿ" جو هڪ اهڙو سلسلو موجود آهي، جنهن ۾ منترن جي معنيٰ ۽ استعمال جو موقعو ٻڌايو ويو آهي. اهڙين سمجهاڻين جي سلسلي کي (برهمڻ) چون ٿا.

اهڙي طرح رگ ويد جي باري ۾ به برهمڻ (ارٿ) موجود آهن.

(آتيتري) ۽ (ڪوشيڪي)، يجرويد جا ٻه تفسير "شت پٿ" ۽ "تيتري" آهن. "سام ويد" جا ٽي ارٿ آهن "تانڊيا" "سدويش" ۽ "ڇاندوگيا". جڏهن ته اتر ويد جي باري ۾ ڪوبه برهمڻ ڪونهي.

(ب):- ويدن ۽ برهمڻن کان سواءِ ڏهه ٻيا "پوترپشڪ" آهن جن کي "اپنشد" چون ٿا. انهن جا نالا هي آهن. "ڪين" "هرشن" "سندڪ" ماندوڪيا" "اپش" "ايتري" "ڇاندوگيا" "تيتري"، "برهدار" "نيڪ" اپنشد جي لفظي آهي "ڳجهه" يعني اپنشد اهو خدائي ڳجهه آهن جن کي سمجهڻ سان انهيءَ ذات جل جلاله جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي.

(ج):- انهي کان سواءِ ويدي ساهت ۾ "اپ ويد" به شامل آهن، اهي چار آهن. (١) ڌرويد يعني لڙائيءَ جو فن (٢) گاندرو ويد يعني موسيقيءَ جو علم (٣) ارٿ ويد يعني صنعت ۽ ڪاريگري (٤) آيوروِيد يعني علم طب.

(د):- انهي ويدي ساهت کي حاصل ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هيٺين علمن جو ڄاڻ ضروري آهي. انهن علمن کي "انگ ويد" چون ٿا.

(١) سکشا يعني علم قرات (٢) ڇند يعني علم عروض (٣) وياڪرڻ صرف ونحو گراس (٤) نيروڪت- لغت ۽ لفظن جي سمجهاڻي (٥) جيوتش = ستارن جو علم (٦)ڪلپ يا ڌرم شاستر= مذهبي حڪم.

انهن ڪتابن کي ڏسڻ کانپوءِ جيڪي ڳالهيون اصولي حوالي سان ظاهر ٿين ٿيون اهي آهن:

ويدن جو مذهب:

هي ماڻهو تمام گهٽا مذهبي هيا ليڪن شهريت جي حقن جو ڪوبه خيال نه ڪندا هئا. غير آرين جو قتل هنن جي نظر ۾ ڪوئي ڏوهه نه هيو. سوپارو، مات ڪاڏل انسان تي پنهنجي مالڪي جمائي ڪوبه ڪم وٺي سگهندو هو. اهي جدا جدا قبيلن ۾ ورهايل هئا ۽ قبيلا ڪٽنبن ۾ ورهايل هئا. غريبيءَ ۽ اميريءَ جو خاص فرق نه هيو، يعني نه ڪو گهڻو امير هيو ۽ نه وري گهڻو غريب هيو. اهي مختلف ديوتائن تي ويساه رکنداهئا. انهن جو عقيدو هيو ته سمورا قدرتي نظارا انهن ديوتائن جو اظهار آهن.

مثلاً: اگني (باه) اندر (مينهن) ورن (هوا) وغيره.

انهيءَ کان سواءِ سڀ کان اعليٰ ۽ اتم هڪ ذات کي به مڃيندا هئا، جنهن کي "برهما" چوندا هئا.

"آريا سماج" ۽ "سناتن" ڌرم ۾ اختلاف آهي، آيا هي جيڪي ديوتائن جا جدا جدا نالا ورتا ويا آهن اهي "برهما" جي رڳي صفت آهن يا

انهن جي جدا ڪا هستي به آهي؟ آريا سماج ديوتائن ڪي جدا هستي نٿو مڃي. پر انهن نالن ڪي "برهما" جون صفتون مڃي ٿو. سناتن ڌرم وري انهن الڳ هستيون به مڃي ٿو ۽ صفتون به.

انهيءَ ڳالهه تي ته سڀ متفق آهن ته ويدن جي زماني ۾ نه مورتيون هيون ۽ نه ئي مندر. ۽ ٻئي شيون بعد ۾ وڌايون ويون آهن. "برهما" کي سڀ ازلي ۽ ابدي ڪري مڃين ٿا. هيٺ ڏنل ويدن جا به منتر انهيءَ جا ساکي آهن.

(١) انهيءَ وقت نه، "است" هو، نه "ست" نه زمين هئي نه آسمان ڪابه شيءَ اتهن مٿان ڇڙهتو هجڻ واري نه هئي ۽ ڪنهن جي واسطي ڪجهه هجي ها؟ هي اونهو سمنڊ به انهيءَ وقت ڪٿي هيو.

(٢) هيءُ دنياجنهن مان پيدا ٿي آهي اهو ئي هڪ ان کي "ڌارڻ" ڪرڻ (بچائڻ) وارو آهي، جيڪو انهيءَ وشال گگن ۾ آهي ۽ ان مٿان قادر آهي، اهوئي هن جي باري ۾ ڄاڻي سگهي ٿو"

ويدي آرين کي "روح" جو به يقين هيو ۽ انهن جو خيال هيو ته روح اسان جي تن کان جدا شئي آهي، جيڪو جسم جي فنا ٿيڻ کانپوءِ به باقي رهي ٿو. مگر ويدن جي ڪجهه ئي ڏينهن پڄاڻان هن سادي مذهب ۾ ڪيترنئي قسمن جون ريتون ۽ رسمون شامل ٿي ويون. برهمڻ (تفسير يا ارٿ ويد) انهن رسمن تي ٻڌل آهن. انهن ۾ "يگيه يا يجن" (قرباني) ڪرڻ تي گهڻو زور ڏنل آهي. (هون) هر جڳهه جو ضروري ڀاڱو آهي. (هون) ۾ ديوتائن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ سڳنڌ ڀريون شيون ساڙيون ويندون آهن ۽ مکيه، مکيه منتر پڙهيا ويندا آهن. (اپنشدن) ۾ زندگي ۽ موت جي جدا جدامسئلن تي ڌاهپ وارو بحث ڪيل آهي ۽ انهن جو لاڙو سڌو ويدانيت (تصوف) جي طرف آهي ۽ انهن کان هندن ۾ همه اوست ۽ همه اوزاشت جو نظريو رواج ۾ اچي ٿو.

ويدي مذهب ۾ ڦير ڦار:

متجنڌڙ حالتن جي ڪري ٻاهرين سيپيتا ۽ اندرين نسلي اختلافن جا اثر هن مذهب تي به پوڻ لڳا ۽ انهن ۾ بت پوڄا پکڙي، مندر نهيا، ذات پات جو ويڇو وڌيو. ڌرمي اڳواڻ برهمڻ، ويڙهاڪ ۽ راڄ ڪرڻ وارا کتري يا ڇتري، واپار ۽ پوک ڪرڻ وارا "وئيش" سڏائڻ لڳا ۽ اڻ آريا قومون ۽ نوڪر چاڪر "شودر" جي نالي سان سڏيا ويا. "مهاڀارت" ۽ رامائڻ" جن جڳن جو ذڪر ڪن ٿا، انهن ۾ آرين جي ساري جيون ۾ ظاهري ڏيکاءَ ۽ ناٺ باٺ جو واڌارو ٿي ويو هو. "ويد" جي زماني ۾ شهر نه هئا. ماٿهو

ننڍين ننڍين قبيلن ۾ ورهايل هئا ۽ ڳوٺن ۾ رهندا هئا. انهن جي سياسي زندگيءَ ۾ به سواءِ بزرگ خاندان جي رعايا پرجا جي ڪا به ڄاڻ نه هئي. جنگي نظمن جي زماني ۾ شهر وسي چڪا هئا. اٽڪي ويهڻي، ڪاڏو پيتو پوشاڪ ۽ معاش جي سادگي گم ٿي چڪي هئي.

راجا ۽ پرجا جو فرق ظاهر هيو. راجا جي مرڻ کان پوءِ راڄ پرجا جو نه سمجهيو ويندو هو، پر راجا جي وارثن جو سمجهيو ويندو هو. هو پنهنجو پونير خود چونڊڻ لڳو هو ۽ ان وٽ ويڙهاڪ سپاهين جي فوج رهڻ لڳي هئي.

مذهبي حيثيت سان به بقول لالا لجپت راءِ "ويدن جي ايشور پوڄا تي ديوتا پرستيءَ جي قلعي چڙهي چڪي هئي. ويدڪ ديوتائن جي جاءِ تي وشنو ۽ شيو، وڏيڪ هر دلعزيز ٿي چڪا هئا ۽ يگن يا جڳن جو سلسلو به تمام ڳوڙهو ٿي چڪو هيو. "رامائڻ ۾" مهاراڄ رام چندر جي، ڪي ۽ "مهاڀارت" ۾ سري ڪرشن، ڪي وشنوءَ جو اوتار چيو ويو آهي. هي اوتارن وارو خيال به ويدڪ ويچار نه آهي.

انهن روحاني ٽولن سان گڏوگڏ ڪجهه فلسفي به هيا، جيڪي خدا جا قائل نه هئا ۽ روح ۽ مادي کي ازلي ۽ ابدي مڃيندا هئا. انهيءَ ٽولي مان اڳتي هلي "جين ڌرم" بڻيو.

انهن جدا جدا نظرين جو هي نتيجو هيو جو گوتم ٻڌ جي جنم وقت رگو (آريا ورت) انساني جيوت جي باري ۾ نظريا هلندڙ هيا. تنهن ڪري "ويگ" ۽ "مجهم نڪايا" ۾ جيڪي گوتم ٻڌ جا مڪالما ڏنا ويا آهن انهن م انهن نظرين جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ هر هڪ کي ڪوڙو ڪري ثابت ڪيو ويو آهي ته "ٻڌ" جيڪو نظريو انهن ڪمن جي باري ۾ پيش ڪيو آهي، اهوئي صحيح آهي، انهن جو وچور اختصار سان گڏ هن ريت آهي.

۱ کان ۴- ششت داد:

اهي ماڻهو جيڪي ٽن نمونن سان "ڌيان" جي وسيلي يا منطقي دليلن جي ڪري ويساه رکن ٿا ته دنيا جا ظاهري ۽ انفرادي روح غير فاني آهن.

۵ کان ۸ ستيڪا:

اهي ماڻهو جيڪي چئن طريقن سان انهيءَ تي ويساه ڪندا آهن ته ڪجهه روح فاني آهن ۽ ڪجهه روح غير فاني آهن.

(الف) اهي ماڻهو جيڪي انهيءَ تي يقين رکندا آهن ته خدا ازلي ۽

ابدي آهي، مگر انفرادي روح ائين نہ آهن.
(ب) اهي ماڻهو جيڪي انهيءَ تي ويساه ڪندا آهن تہ سڀ ديوتا ازلي ۽ ابدي آهن مگر انفرادي ائين نہ آهن.
(ج) اهي ماڻهوجيڪي اهو يقين رکن ٿا تہ ”سرير“ جون شڪليون فاني آهن، مگر ڪا اهڙي شيءِ آهي جنهن ”دل ، دماغ يا شعور چئي سگهجيّ ٿو ۽ اهو ازلي ۽ ابدي آهي.

٨ کان ١٢: انت نيتڪا:

اهي ماڻهو جيڪي محدود ۽ لامحدود جي ٻاري ۾ منطقي بحث ڪندا آهن.
(الف) اهي جيڪي دنيا کي محدود سمجهن ٿا.
(ب) اهي جيڪي دنيا کي وشال سمجهن ٿا.
(ج) اهي جيڪي دنيا کي ٻنهي نمونن سان مڃين ٿا.
(د) اهي جيڪي دنيا کي ڪجهہ بہ ڪري نٿا مڃين.

١٣ کان ١٦: امرد-ڪبپڪا:

اهي ماڻهو جيڪي نيڪي ۽ بديءَ جي باري ۾ گول مول ڳالهيون انهيءَ ڪري ڪن ٿا جو اهي ڊڄن ٿا.
(الف) ڪٿي ائين نہ ٿئي جو صاف صاف ڳالهين ڪرڻ ۾ انهن کي ڪو ڇيهو رسي.
(ب) اهي ڊڄن ٿا تہ ڪٿي انهن شين سان لڳاءُ نہ پيدا ٿئي ۽ پوءِ ڪا تڪليف پهچي.
(ذ) يا انهيءَ ڪري مڃين ٿا تہ انهن جا ذهن ننڍڙا آهن ۽ اهي بيوقوف آهن.
(ج) اهي ڊڄن ٿا تہ ڪٿي ڪو سنئو نظارو انهن کي موهي نہ وجهي.

١٧ کان ١٨: اوڌڪ سمپشتيڪا:

اهڙا ماڻهو جيڪي اهو سمجهن ٿا تہ شيءِ جو اصل، بنان ڪنهن علت جي بہ سمجهي سگهجي ٿو.

١٩ کان ٥٠: اوڌم رکتڪا:

اهي ماڻهو جيڪي انهيءَ ڳالهہ تي ويساه رکن ٿا تہ روح مستقبل ۾ موجود رهندي.
(الف) سورهن قسمن جا نظريا آهن، جيڪي انهيءَ جا دعويدار

آهن ته موت کان پوءِ هڪ شعوري وجود رهندو.

(ب) انهن قسمن جا اهڙا نظريا آهن جن ۾ هڪ غير شعوري وجود دعويٰ ڪئي وئي آهي.

(ج) انهن قسمن جا اهڙا نظريا آهن جن ۾ هن قسم جي وجود جي دعويٰ ڪئي وئي آهي جيڪو شعوري ۽ غير شعوري نظريي جي وچ ۾ هجي.

۵١ کان ۵٧ تائين- اڇيدواد:

اهي ماڻهو آهن جيڪي هي ٻڌائن ٿا ته ستن قسمن مان ڪنهن هڪ قسم جو روح آهي، مگر مرڻ کان پوءِ بالڪل فنا ٿي وڃي ٿي. اهي ماڻهو ابدي فنا جا پوئلڳ آهن

۵٨ کان ٦۴ تائين- ڏٺ ڌهم سنيان واد:

هي اهي ماڻهو آهن جيڪي اها دعويٰ ڪن ٿا ته روح آهي ۽ هن دنيا ۾ ڪهڙي به هنڌ آهي، پوري خوشي هيٺين طريقن سان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

(الف) پنجن حواسن جي پوري فائدي ۽ لذت سان.

(ب) هڪ جاڪوڙي ڌيان جي وسيلي (پهريون جهان يا ڌيان)

(ج) ڪنهن هڪ ڪري ذهني لذت حاصل ڪرڻ جي وسيلي، جنهن ۾ جاڪوڙ ۽ کوجنا جو جوڙ نه هجي (ٻيو جهان يا ڌيان)

(د) هڪ زهني آسودگيءَ جي وسيلي جنهن ۾ نه خوشي هجي نه پيڙا هجي ۽ نه جاڪوڙ. (ٽيون ڌيان)

(و) هڪ اهڙي آسودگي جنهن پوترتائي جو احساس گڏ هجي. (چوٿون جهان يا ڌيان)

هيءَ وچور توڙي جو ڊگهي آهي. مگر ٿوري ڌيان ڏيڻ سان هي ظاهر ٿي ويندو ته انهيءَ کي رگويتاڙ نتوچئي سگهجي. ڳالهه هيءَ آهي ته آريا! آسٽريا ۽ هنگري کان هلي ڪري ايشيا ۾ اچي پهتا. اتان، ايران، افغانستان ۽ ڪشمير کي پار ڪري هندوستان ۾ پهتا. جتي خود اڳ ۾ هڪ سڌريل قوم موجود هئي. اهي جيئن، جيئن اڳتي وڌندا پئي ويا ته انهن کي نون، نون خيالن ۽ نون، نون نظرين سان واسطو پئي پيو، ايستائين جو جڏهن اهي بنگال جي سرحد تائين اوير ۾ ۽ همالي جي هنج ۾ اتر تائين پهتا ته انهن کي ڀانت ڀانت جي مابعد الطبيعاتي ۽ اخلاقي مونجهارن جي باري ۾ انيڪ نظريا ملندا پئي ويا ۽ اهي هر قسم جي نظرين کي پنهنجي فلسفي ۾ جاءِ ڏيندا پئي ويا.

انهيءَ ڪري گوتم ٻڌ جيڪي روح جي باري ۾ نظريا بيان ڪيا

آهن، اهي سڀ انهيءَ وقت موجود هئا. اڄ جي جديد تعليم سان سينگاريل ماڻهن جي آسانيءَ واسطي انهن سڀني نظرين جو تت اڄ ڪلهه جي اصطلاح ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو.

:Animism-1

اهڙو جٿو جيڪو روح جو قائل هيو ۽ ان جو چوڻ هو تہ بي جان شين ۾ بہ روح آهي. انهيءَ سبب جي ڪري بت پرستي، ستاره پرستي اگني پوڄا وغيره چالو ٿي ۽ اهي ئي ماڻهو جن پوتن، ديوي ۽ ديوتائن وغيره جا قائل هئا.

گهڻ پوڄا :Polytheism-2

اهڙو جٿو جيڪو قدرت جي نظارن ۾ روح کي مڃيندو هو. (جهڙي طرح ويدن ۾ ديوتائن جي باري ۾ مڃيووڃي ٿو) يا جيڪو هڪ کان وڌيڪ جو قائل هو.

:Pantheism-3

وحدت الوجود ۽ همہ اوست جو عقيدو

اهڙو جٿو علت العلل جو قائل هيو ۽ انهيءَ ڳالهہ کي مڃيندو هو تہ سڀ انهيءَ جا مظاهر آهن. ويدانيت فلسفو، تصوف وانگر هن نظريي تي ٻڌل آهي.

:Dualism-4

اهو جٿو جيڪو روح ۽ مادي کي آ مستقل جوهر ڪري مڃيندو هو. (جهڙي طرح جين مذهب وارا) انهن سان گڏ اهي ماڻهو بہ هئا جن کي اسان ”ماريئين“ ”لذتئين“ چئي سگهون ٿا. انهن سڀني ۾ جيڪا گڏيل ڳالهہ هئي اها هيءَ هئي تہ جسم ۽ مادي کان جدا روح ڪا شيءِ ضرور آهي. انهيءَ روح جي پوري آنند ۽ خوشيءَجي واسطي انيڪ طريقا ٻڌايا پئي ويا. ڪو ”هون“ تي زور ڏيندو هو، ڪو قربانيءَ تي، ڪو بتن جي پوڄا تي، ڪو ٻڇڙي روح ڪيپرچائڻ تي ۽ڪوڏيان ۽ گيان تي زور ڏيندو هو ۽ ڪو وري جسم کي طرح طرح جا آزار ڏيڻ تي زور ڏيندو هو ۽ ڪو وري آپگهات تي زور ڏيندو هو.

گوتم جو جنم:

گوتم ٻڌ جي ڄمڻ جي وقت جو ماحول هي هيو ته ماڻهو ويدن جي ڪتابن کي آسماني ڪتاب ڪري مڃيندا هئا. سنسڪرت کي ديوتائي زبان ڪري مڃيندا هئا. منوءَ جي قانون مطابق عوام کي ان جي حاصل ڪرڻ جي اجازت نه هئي. روز مرهه جي زندگيءَ ۾ هڪ نئين زبان ڳالهائي ويندي هئي. جنهن کي پراڪرت چوندا هئا.

پراڪرت ٻولين هر هڪ صوبي جون جدا جدا هيون. بهار ۽ همالي جي گود ۾ "پالي" زبان جو رواج هيو. مذهب ۾ رسمن تي زور ڏنو ويندو هو. "پينٽ، هون، ۽ يگ" جي گهڻائي هئي. پيڙهيءَ جي يوترتائي جي خيال ۾ زور هيو. ذات پات جو چڪر تمام گهڻو هيو. ڏنڌا خانداني ٿي ويا هئا. ڌرمي اڳواڻن، "برهمڻ" جو لقب حاصل ڪري پاڻ کي آخرت جي ڇوٽڪاري جو اڪيلو مالڪ ۽ ٺيڪيدار ڪري مڃرايو هو "راهب" "جوڳي" "سادو" "رشي" جهنگلن ۽ ٽڪرن ۾ رهڻ لڳا هئا. "روح" ۾ وسواس عام هيو. "جون" جو هر شخص قائل هيو. ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ ۾ اجا به سادگي هئي. پوڪون گهڻو ڪري گڏيل هيون. مگر شهرن ۾ تڪلف ۽ هترادو ڍنگ هيو. ملڪ مختلف حصن ۾ ورهايل هو. ننڍا، ننڍا راجا هئا جيڪي پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا. ۽ هڪ وڏي سلطنت جي جوڙڻ لاءِ ڪوشش ڪندا هئا. رعيت ۽ راجا فرق صاف ظاهر هيو. عوام جن ۾ وئيش، بشودر، شريڪ هيا. اهي پاڻ کي لاچار سمجهندا هئا. اهڙين حالتن ۾ گوتم ٻڌ اخلاقي تعليم جو هڪ اهڙو روشن موقعو پيش ڪيو. جنهن سان قدامت پسنديءَ جي نظر ۾ "خير" جو رخ ظاهر ٿيو. هندوستاني زندگيءَ ۾ هڪ وڏو انقلاب اچي ويو ۽ ملڪ ۾ هڪجهڙائيءَ ۽ پائريءَ جي لهر ڇانجي وئي.

حوالا

(١) تاريخ فرشته:

(٢) مغربي تاريخدان انهيءَ دعوي کي نٿا مڃين ۽ اهي مختلف دليلن سان ويدن جو دور قائم ڪن ٿا. هي ماڻهو "رگ ويد" کي سڀ کان جهونو ڪتاب ڪري مڃين ٿا ۽ انهيءَ جو زمانو حضرت عيسيٰ کان اڍائي ٿي هزار سال اڳ جو ٻڌائن ٿا. اهي اهو چون ٿا ته ويدن جا جدا جدا حصا مختلف دورن ۾ ٻڌايا ۽ لکيا ويا آهن.

(٣) ويدي ساهت جي باري ۾ جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي، اهو لالا لجپت راءِ جي "تاريخ هند" حصي پهرين تي ٻڌل آهي.
(٤) رائس ڊيوڊس
(٥) لالا لجپت راءِ
(٦) ڪمن جي لحاظ کان اهڙي نموني جي ورڇ، "رگ ويد" جي هن منتر ۾ موجود آهي. جنهن جو ترجمو هي آهي:
"برهمڻ هن جو (لاشعور جو) وات آهي کتري، ٻانهون ويش ٽنگون، ۽ شودر، پير" مگر انهيءَ مان اهو نٿو مڃي سگهجي ته ذات پات جون پابنديون انهيءَ وقت کان ئي مڙهيل هيون. اهي پابنديون خاص طور سان "منو شاستر"کان پوءِ ئي وڌيون آهن.
(٧) راماڻ ۽ پارت -
(٨) جين مذهب جو اصلي باني پارس ناٿ، هيو جيڪو اٺين صدي ق.م ۾ پيدا ٿيو. مگر ان جي خاص جوڙ جڪ مهاوير دردهمان ڪئي. هي ٥٩٩ - ق م ۾ پيدا ٿيو ۽ ڊبالي، جي حاڪمن جي نسل مان هيو. ۽ ٥٧٢ ق. م ۾ مري ويو. "جين، مادي ۽ روح، ٻنهي کي ازلي ۽ ابدي ڪري مڃين ٿا ۽ خدا جي "موجود بالذات" هجڻ جا قائل نه آهن. هي چوويهن تيرٿنڪن (هادي) يا رهبرن جا قائل آهن. انهن ۾ مهاوير آخري، تير ٿنڪر هيو. هن جا ٻه فرقا آهن. ڊيگمبر ۽ سوتمبر. ڊيگمبر، اگهاڙا رهندا آهن ۽ سوتمبر اڇيءَ چادر سان پنهنجي جسم کي ڍڪيندا آهن. هنن جي خيال ۾ "اهنسا، سچ ڳالهائڻ، چوري نه ڪرڻ، پرم پوڄا کي ڇڏڻ، ۽ پوتر جيون گذارڻ سان سوڪش (ڇوٽڪارو) حاصل ٿئي ٿو. اهي "آپگهات" کي سڀ کان سٺو موت سمجهن ٿا. پنهنجي جسم کي تسيو ۽ آزار ڏيڻ هنن آڏو عمدو ڪم آهي. "جين" لفظ "جن"-مان نڪتو آهي. مهاوير کي جن جو درجو حاصل آهي ۽ انهيءَ ڪري سندس پوئلڳ "جيني"چورائڻ لڳا.
(٩) رائس ڊيوڊس، آمريڪي تقريرون، ٻڌ جو مذهب، ان جي تاريخ ۽ ان جو ادب ص ٣١ - ٣٣.

باب ٻيون

گوتم ٻڌ جي جيون ڪٿا

انهيءَ وقت جي هندوستان ۾ ”ڪپل وستوءَ“ جي هنڌ تي، جيڪو بنارس ڪان هڪ سو ميل اتر اوڀر ۾ ”روهني“ درياءَ جي ڪپ تي واقع هيو. حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان پنج سو ورهيه پهريائين هڪ آريا، قبيلو ”سڪيا“ رهندو هو. انهيءَ قبيلي جي اوڀر ۾ ”لڇاوي“ قبيلو رهندو هو. اها سلطنت هئي جو اڳتي هلي مگده جي ”نالي سان وڏن ۽ مشهور تيڻ واري هئي، ”ساڪيا“ جي اتر ۾ مغل قوم جا وڻجارا رهندا هئا ۽ اولهه ۾ ”آريا ورت“ هيو. اولهه جيڪو ساڪيا قوم جو ويجهو پاڙيسري به هيو. اتي سراوستي، جو راجا رهندو هو. انهيءَ ۾ ۽ مگده، جي راجا ۾ هميشه ڇڪتاڻ رهندي هئي. اهڙي طرح ”ساڪيا“ قبيلو ڪنهن حد تائين وچ ۾ ديوار ٺهڻ جي ڪري آزاد هيو. انهيءَ قبيلي جا ماڻهو گهڻو ڪري ڍور چاريندا هئا ۽ ساريِن جي پوک ڪندا هئا. انهن پوکن جي لاءِ پاڻي هڪ ٻيءَ نديءَ مان حاصل ڪندا هئا. جنهن کي هان، چوندا هئا. انهيءَ نديءَ جي ٻئي پاسي هڪ ٻيو قبيلو رهندو هو، جيڪو ”ڪوليِن سڏرائيندو هو.

پيدائش:

انهيءَ ڪوليِن، قبيلي جي راجا جي ٻن ڌيئرن جي شادي ساڪيا قبيلي جي راجا ”شدوڌن“ سان ٿي. بدقسمتيءَ سان انهن مان ڪنهن کي ڪيتري وقت تائين اولاد نه ٿيو. آخر گهڻين دعائن ۽ قربانين کان پوءِ وڏي ڀيڻ جڏهن ۴۵ سالن جي ٿي ته اها اميد سان ٿي. جڏهن ٻار ڄڻڻ جو وقت آيو ته هوءَ انهيءَ خيال سان پيڪن ڏانهن ويئي ته ٻنڊس ٻار اتي ڄمي. ليڪن

جڏهن "لميني" باغ ۾ پهتي ته ان جي سرير ۾ سور جون سٽون اپڙڻ لڳيون ۽ هوءَ لاچار ٿي هڪ وڻ هيٺان ليٽي پئي ۽ اهڙي طرح اهو ٻار جنهن کي اڳتي هلي گوتم ٻڌ جي نالي سان مشهور ٿيڻو هو. اهو ڪليل اُڀَ هيٺان ڄائو. راجا شدوڌن کي خبر ڏني ويئي. جشن ملهايو ويو ۽ ٻار ۽ ماءُ کي ڪپل وستو واپس آندو ويو.

"ٻڌ" جي ماءُ "مايا" ستين ڏينهن هن دنيا ۾ لاڏاڻو ڪري ويئي. ۽ ٻار جي پالنا ماسيءَ جي ذمي رهي. هي مبارڪ جنم ٦٣٤ يا ٥٦٨ ق.م ۾ ٿيو.

هن ڳالهه ۾ اختلاف آهي ته ڇا ان جو سڀ کان اول سڌارٿ هيو يا گوتم، مگر جديد تحقيق اهو ٿي ٻڌائي ته سڌارٿ جي باري ۾ شڪ آهي ۽ گوتم جي لاءِ ثابتيون موجود آهن ته هو شروعاتي عمر تائين انهيءَ نالي سان سڏبو رهيو. سڌارٿ البت لقب ٿو معلوم ٿئي. هي لقب به انهيءَ نموني جو آهي، جهڙي طرح بعد ۾ سندس مڃڻ وارن گوتم کي ٻيا به ڪيترائي لقب ڏنا. مثلاً: "ساڪيا مني" ساڪيا سنها، مگيت وستا، جن ياگوا، لوڪ ناٿ ۽ ڌرم راڄ وغيره. تنهن ڪري ھن مهان هستيءَ کي گوتم ئي چوڻ زياده مناسب ٿيندو.

شادي:

گوتم ٻڌ جي ننڍپڻ جو احوال مستند ڪتابن ۾ ڪونه ٿو ملي. جيڪي اچرج جهڙا تفصيل انهيءَ سمي جي باري ۾ مليا آهن. اهي بعد جي عقيدتمنديءَ جو نتيجو آهن. بهرحال اسين مجبور ته ننڍپڻ ۾ ئي ان جي شادي هڪ شهزاديءَ سان ٿي جيڪا چنڊ جهڙي سندر هئي ۽ گهڻو ڪري گوتم جي سڳي ماروٽ هئي. انهيءَ زال جي نالي جي باري ۾ به اختلاف آهي. مگر گهڻائي انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته هن کي سويدارا، ڪنڪايا، يشوڌرا، سڏيندا هئا. دکني ٻوڌي ڪتاب فقط هڪڙيءَ ئي زال تي اڪتفا ڪن ٿا، مگر "چيني ٻڌ" ٽي زالون ٻڌائن ٿا: "يشوڌرا" "گوتمي" ۽ "منوهرا" تبت وارا به ٽي زالون ٻڌائن ٿا. پر انهن جا نالا ڪجهه ٻيا آهن. "يشوڌرا" "گوپيا" "اتپا للانا" يا "مرگانا"

ظاهر ۾ اهو ٿو سمجهه ۾ اچي ته "يشوڌرا" کي "ٻڌ" جي ناما چاري ۽ خود نيڪيءَ جي ڪري جدا جدا خطاب ڏنا ويا ۽ اڳتي هلي ڪري انهن لقبن انيڪ شخصيتن جون صورتون اختيار ڪيون آهن. تنهن ڪري اڄوڪا تاريخ دان رڳو "يشوڌرا" جيڪا هر روايت سان ڳنڍيل آهي، گوتم

جي زال ڪري مڃين ٿا ۽ اهو ٻڌائن ٿا ته گوتم ٻڌ جو پٽ "راهول" انهيءَ جي پيٽان پيدا ٿيو هو.

شاديءَ کان پوءِ اٺويهين سال تائين گوتم جي جيو چرتر جو سواءِ مبالغا آميز حڪايتن جي ڪوبه پتو نٿو پوي. پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ اهو قصو هن ريت آهي.

جنگ جو فن:

ٻڌ مذهب جي راوين جو بيان آهي ته گوتم ٻڌ جڏهن جوانيءَ ۾ قدم رکيو ته هن انهيءَ وقت جي سپني-علمن ۽ فنن کي حاصل ڪرڻ کان ٻاهري واري چڏي. جن جو ڄاڻڻ هڪ شهزادي لاءِ ضروري هيو ۽ هو سمورو وقت سوپيا وان يشودرا جي سونهن جي پوڄا ۾ گذارڻ لڳو. هو محل ۾ اندر عيش عشرت ۾ ايترو ته گم ٿي ويو جو هن ٻاهر اچڻ ئي ختم ڪري ڇڏيو. هيءَ ڳالهه خاندان جي مردن کي خراب لڳي ۽ اهي راجا شدوڌن وٽ شڪايت ڪٽي پهتا "جيڪڏهن صاحب زادي جا اهي لڇڻ آهن ته اسان به راڄ ڪيو" جڏهن هن شڪايت جي خبر گوتم جي ڪنن تائين پهتي ته ان خاص طور تي هڪ ڏينهن پنهنجي سموري هنر ڏيکارڻ جو مقرر ڪيو ۽ سموري ملڪ ۾ پڙهو گهمرايو ته شهزادي سان جنهن به فن ۾، جنهن جي دل گهري انهيءَ ڏينهن اچي مقابلو ڪري، تنهن ڪري ماڻهو جتن جا جتا ايندا رهيا ۽ شهزادي سان مقابلو ڪرڻ لڳا، مگر ٽيڻ واري ٻڌ، انهيءَ وقت جي سمورن فنن ۾ جن جو انگ ١٦ يا ١٨ ٻڌايو وڃي ٿو. سپني ۾ بازي ڪٽي ويو ۽ سپني کي ميڄتو پيو ته راڄ ۾ اهو ئي منيئج کان وڌيڪ سورمو ۽ پهلوان آهي. انهيءَ واقعي کانپوءِ ٢٩ سالن تائين "ٻڌ" جي زندگيءَ جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ ڪانهي. انهيءَ سال کان گوتم ۾ اهو ذهني انقلاب اچي ويو، جنهن ان جي ساري حياتي بدلائي ڇڏي.

عقيدتمندن جو بيان آهي ته انهيءَ سال هڪ ديوي، ان جي آڏو چار ويس مٽائي ڪري آئي. پهريائين هڪ ڪراڙي ڪڙميءَ جي صورت، ٻي هڪ مريض جي شڪل ۾، ٽيون دفعو هڪ ڳريل لاش جي حيثيت ۾ ۽ چوٿون پيرو هڪ ساڌوءَ جي قالب ۾. "ٻڌ" مذهب جي مڃڻ وارن جو هي بيان انتهائي عجيب پيو لڳي، ته انهيءَ وقت تائين گوتم اهي شيون ڏٺيون نه هيون ۽ هاڻي جيئن نظر آيون ته سواءِ ان جي ۽ ان جي ويجهن يارن جي ٻئي ڪنهن نه ڏٺيون. ظاهر آهي ته اڄ ڪلهه جي دنيا ۾ اهي ماڻهو جيڪي ديوي ۽ ديوتا تي ويساه نٿا رکن. اهي هن ڳالهه کي اهميت ئي نٿا ڏيئي سگهن،

مگر انهن بيانن مان اها ڳالهہ چٽي ٿئي ٿي تہ گوتم محل ۾ عيش و عشرت ۾ سڄو وقت نہ گنوائيندو هو، پر ان کي زندگي ۽ انهيءَ جي مونجهارن جي حل ۾ باري ۾ خاص ڳڻتي هئي. ۽ پنهنجن خاص چوندڊ يارن سان انهن ڳالهين تي بحث ڪندو هو. ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ سلسلي ۾ هن ڪنهن ڏينهن ڪنهن مريض يا ڪنهن نبل مردڪي ڏٺو هجي ۽ انهيءَ سان جيون ڪڙي حقيقت جو رنگ وڌيڪ گهرو ٿي ويو هجي.

اتفاق سان هي اهو زمانو هو جو هن جي زال پيٽ سان هئي ۽ خود گوتم جي گهر هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات ٿيڻ واري هئي. مطلب تہ زندگي ۽ ان جي مسئلن جي حل طرف ان جو ڌيان ڇڪجي وڃڻ هڪ فطري ڳالهہ آهي. پوءِ جوين جي شادي ۽ وهيءَ جي انڌ جي ٽڏي ٿيڻ کانپوءِ سوچ جو وڌڻ وڌيڪ يقيني آهي. هو سوچي رهيو هو تہ ڇا ڪجي تہ هن جي هڪ ڪاهوڙي سان ملاقات ۽ گفتگو ٿي. اهڙي قسم جي درويشن مان ٻي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. هن گوتم کي دنيا جي فاني هجڻ جو احساس ڏياريو هوندو. انهيءَ کي مايا جو هڪ ڄار ٻڌايو هوندو ۽ اها صلاح ڏني هوندي تہ هو انهن ٻنڌڻن کي ڇني ڪٽي ٻيلن ۾ وڃي. ڪري "تپسيا" ڪري ۽ اڻ مٽ آنند حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

راهول جو جنم:

راوين جو بيان آهي تہ گوتم انهيءَ درويش سان گفتگو ڪرڻ کانپوءِ باغ ۾ وڃي ڪري، اتي ويهي زندگيءَ جي جنجال کان ڇٽڻ لاءِ انهيءَ مسئلي تي سوچي ئي رهيو هو تہ کيس خبرملي تہ سندس زال جي آس جي ڦلواڙيءَ ۾ هڪ گل ٽڙيو آهي، يعني ڇوڪرو پيدا ٿيو آهي. گوتم تي جيڪو اثر پيو اهو ٻن ڳالهين مان ظاهر ٿئي ٿو. هڪ هي تہ هن هيءَ خبر ٻڌڻ کان پوءِ سڀ کان پهريائين هي جملو چيو تہ "مونکي هي مضبوط ۽ نئون ناتو بہ ڇنڻو پوندو" ٻي هيءَ تہ جڏهن هو گهر ڏي موٽيو تہ خوش نہ هيو نهايت فڪرمند ۽ غمگين هيو. محل ۾ ڏينن جي ڇاندڻ هئي. محل جي شاهي دروازي تي خوشيءَ جا ساز وڃي رهيا هئا. ماڻهو هڪ ٻئي کي واڌايون ڏيئي رهيا هئا. مگر پيءُ ڏک ۾ ورتل هيو ۽ مونجهارن ۾ ويڙهيل هو. عورتاڻي هنڌ ۾ داخل ٿيڻ وقت هڪ چنچل ساليءَ هڪ گيت سان هن جي آجيان ڪئي. جنهن ۾ اهو ورجاءُ هيو تہ "سڀ خوش آهن پيءُ خوش، ماءُ خوش ۽ اها زال جنهن جو مڙس لکن ۾ هڪ آهي ۽ پٽ چنڊ جو ٽڪرو" گوتم کي "خوش" لفظ اهڙو وڻيو جو ان ڳچيءَ جو هار لاهي انهيءَ سندريءَ کي ڏنو. هن تہ اهو سمجهيو

تہ مان گوتم جي اک جي ٻڄي وبس. گوتم اهو سوچيندي اڳتي وڌيو تہ
ڪيس سچي خوشي حاصل بہ ٿي سگهي ٿي يا نہ.

دنيا کي تياڳڻ:

انهيءَ رات جو ٻارهين بجي گوتم "چنا" کي "رٿ" تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ زال ۽ پٽ تي وڇوڙي واري آخري نظر وجهڻ لاءِ ڪمري ۾ ويو. ٻئي گهاٽي ننڊ ۾ ستل هئا. گوتم جي دل ڳهريو تہ پنهنجي اکين جي ٺار کي، ماءُ جي ڪڇ مان ڪڍي پنهنجي سيني ۾ لڪائي. پر هن ارادي جي پڪائي ۾ لوڏي اچڻ جي پؤ کان پنهنجو هٿ پوئتي موٽايو ۽ ٻنهي محبوبن تي خسرت واري نگاه وجهي، تخت، دولت، حشمت ۽ تاج کي ٺڏو هڻي محل کان ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر، چنا، رٿ سميت موجود هيو. پوءِ تہ "رٿ" کي تيز ڀڄائي پنهنجي رياست جي حد ٽپي پار ڪيائين. ان کان ساهرن جي راڄ جي آخري حد بہ ٽپي. "انو ماندي" ڪپر تي اچي پهتا. اتي گوتم سمورا جواهر ۽ شاهي ڪپڙا لاهي چنا جي حوالي ڪيا تہ انهن کي رٿ سان گڏ واپس ڪٺي وڃي. وفادار (چنا) سمجهائڻ جي ڏادي ڪوشش ڪئي پر هن جي دل کي جيڪا لڳل هئي، پوءِ پلاَ هو ڪٿي ٿو پيو ڪجهہ ٻڌي. چنا هي بہ چيو تہ هو مونکي پنهنجو پهريون چيلو بڻائي. مگر گوتم نہ مڃيو چو تہ ماءُ ۽ پيءُ کي سڌ ڏيڻ بہ ضروري هئي. اها چنا، کان سواءِ اتي ملي نہ ٿي سگهي. لاچار ٿي چنا حڪم مڃڻ جو وچن ڪيو گوتم پنهنجا ڍگها وار ڪترايا ۽ هڪ واٽهڙو جا لٽا پائي "چنا" کي اتي ڇڏي راڄ ڳڙهہ جي گهاٽن ٻيلن ڏانهن وڌڻ لڳو.

تپسيا:

راڄ ڳڙهہ انهيءَ وقت "مگڌ" جي گاديءَ جو هنڌ هيو. هي هڪ اهڙيءَ ماٿريءَ ۾ هيو جنهن تي ٻوڏاري ٽڪريون هيون. انهن ٽڪرين ۾ ان وقت جا وڏا وڏا تياڳي، راهب ۽ درويش رهندا هئا. انهن جو علم ۽ ڏاهپ مشهوري پري پري تائين پهتل هئي. گوتم انهن تياڳين مان هڪڙي جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ان جو نالو الاره، هو. انهيءَ کان تعليم وٺندو رهيو. جڏهن "الاره" جونظريو هن کي مطمئن ڪري نہ سگهيو تہ ٻئي فلسفيءَ ادرڪ، کان وديا حاصل ڪندو رهيو ۽ هندو جيون جي فلسفي کي سڪڻ ۽

سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. انهيءَ وقت هن فلسفي جا ڇهه ”ودیالا“ چالو هيا. انهن ۾ وڏيڪ تپسيا، انگ، آزاديءَ جو متو گهڻو مقبول هيو. تنهن ڪري گوتم ودیائي ٽولو ڇڏي ۽ اروالا جهنگل ۾ جيڪو ”ٻڌ هوگيا“ جي ويجهو آهي، ڇهن سالن تائين پنجن چيلن سان گڏجي پانت پانت، تپسيا، ۽ انگ آزاري ڪئي. نوبت ايستائين وڃي پهتي جوگوتم ڳري.ڪندا ٿي ويو. آخرڪار هڪ ڏينهن هو مابعد الطبيعاتي مسئلن تي ويچار ڪري رهيو هو ۽ هوريان هوريان ٿلڪي به رهيو هو. نبل هجڻ ۽ ڏبري هجڻ جي ڪري هو ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. جڏهن شاگردن ڪيس سڌيريءَ ۾ آندو ته گوتم تپسيا ۽ تن آزادي ختم ڪري ڇڏي ۽ انهيءَ ڏينهن کان پوءِ هن کاڌو کائڻ شروع ڪيو ۽ اعلان ڪيائين ته رياضت ۽ جسم آزاري انهن مونجهارن جو آنند ڏيندڙ حل پيش ڪري نٿيون سگهن. پنج ئي چيلا هن جي.انهيءَ حرڪت تي چڙي پيا ۽ گوتم پتڪيل زاهي سمجهي سندس ساٿ ڇڏي، بنارس وڃي نڪتا.

دماغي ولوڙ:

شاگردن جي وڃڻ کان پوءِ گوتم تمام گهڻو دماغي ولوڙ ۽ روحاني بي اطميناني ۾ گرفتار هيو. هن جي انهيءَ ڪيفيت کي ٻڌ مذهب جا ڪتاب روشني ۽ اونده جي مقابلي جي صورت ۾ پيش ڪن ٿا. انهن جو بيان آهي ته ”جڏهن چوتڪارو ڏيندڙ وڏياوان ۽ خبائث واري شهزادي جي وچ ۾ جنگ لڳي ته هزارين ستارا پوائنتا سڙي خاڪ ٿي ويا. ڪارا ڪڪر چڙهي آيا ۽ اونده پکڙجي ويئي. سمنڊ زلزلن جي ڪري مٿي، چڙهي آيو. دريائن جو رخ خزانن طرف ڦري ويو. ٽڪرن جو آهي چوٽيون جن تي سهسين وڻ صدين کان وني جمي رهيا هئا اهي زمين تي اچي ڪريا. هڪ طوفان، عظيم ساري سنسار ۾ چاچول پيدا ڪئي. ٽڪراءَ جو گوڙ آفت پريو پيدا ٿيو ۽ سورج پاڻ کي اونده ۾ لڪائي ڇڏيو. سر ڪتيل پوتين سان فضا ۾ گند ٿي ويو. انهن ڊاڙ وارين ڳالهين کان هٽي ڪري هي مجٽو پوندو ته گوتم جڏهن تپسيا ۽ انگ آزاري جي وسيلي من جي مراد حاصل نه ڪئي ۽ ان کي اهو من جو آنند نه مليو جنهن جي ڪري زال، پٽ ۽ راڄ پاڳ ڇڏيو هو ته هو ڏاڍو مايوس ٿيو ۽ فطري طور هن جي دل گهريو هوندو ته روا "Epicurianisim" جي جاءِ تي لذئيت "Stokisum" تي عمل ڪري ۽ ان جي تن من ۾ هڪ ماڻداڻ متل هوندو. انهيءَ ڪيفيت کي بيوفا شاگردن جي ڇڏڻ به اجا وڌايو هوندو.

مطلب ته هو تمام گهڻو پريشان ۽ وسوڙيل رهيو. انهيءَ ڏينهن يا ٻئي ڏينهن تي نرنجارا نديءَ جي ڪناري ڏانهن هلي پيو.
ڏينهن جو ڪاڏو پرسان ڳوٺ جي هڪ ڇوڪريءَ ان کي آڻي ڏنو.جنهن جو نالو سنجاتا هيو. گوتم هڪ پپل جي وڻ هيٺان ويهي رهيو ڪاڏي کائڻ کانپوءِ به اتي ويٺي سوچڻ لڳو.

ٻڌ ٿيڻ:

دماغي ولوڙ ۽ روحاني ڇاڇول برابر هلندي رهي. ايستائين جو ڏينهن لڙيو ۽ سج ٻڏڻ لڳو. اوچتو سج جي آخري ڪرڻن سان گڏ گوتم جي ذهن ۾ هڪ چمڪو پيدا ٿيو ۽ هن ڳجهه جي انهيءَ لاٽ ۾ اهو حل لڌو جنهن جي ڳولها ۾ هو ايترا ڏينهن ڏونگر ڏوريندو رهيو هو. هن کي ڄاڻ ملي ته جڻ ته ڪو ڇئي رهيو آهي ته رڳو اندر جي اوجر ۽ خلق سان پريم ڪرڻ ۾ چوٽڪاري راز لڪل آهي ۽ انساني ڏوجهرن کان ڇٽڻ جا اهي ئي به وسيلا آهن. انهيءَ چمڪتاري ڪيفيت ۽ اوسر يا ڄاڻ کان پوءِ هو "ٻڌ" يا روشن ضمير، چورائڻ لڳو ۽ هي وڻ "ٻوڌي وڻ" سڏجڻ لڳو.
ان کان پوءِ جي حالت گوتم جي لفظن ۾ هن طرح بيان ڪئي وئي آهي. "جڏهن مان هي ڄاڻي ورتو ته منهنجي آتما آسن جي براين کان دنياوي جيون جي گپ کان، غلط ۽ اوديا جي مونجهارن کان آزاد ٿي وئي آهي ته انهيءَ آزاد کي پنهنجي نرواڻ جي ڄاڻ حاصل ٿي. ٻيهر جنم وٺڻ کان ڇوٽڪارو مليو، پوتر سمو ختم ٿي ويو ۽ فرض پورو ٿيو. مان هن دنيا ۾ ٻيهر نه ايندس اهو مان ڄاڻي ورتو." هاڻي گوتم جي آڏو اهو سوال هيو ته انهيءَ حل کي پاڻ تائين محدود رکي يا هڪ پيغام جي صورت ۾ ساري دنيا کي پهچائي.
هن سمجهيو پئي ته "آرياورت" ۾ برهمڻن جو گهڻو اثر آهي. ۽ انهن جا نظريا ماڻهن وٽ قبول پيل آهن.هو اهو به ڄاڻي پيو ته هن تن آزاري ۽ تپسيا ختم ڪري عوام آڏو پاڻ کي ڪلڻ هاب ڪيو آهي..هو اهو به چڱي طرح ڄاڻي پيو ته هن جو پنهنجي "مشن" ۾ ڪامياب ٿيڻ، ڪا اڪ مان ماڪي لاهڻ نه آهي.
هن جي دل ۾ جيڪو انساني پريم ڇوليون هڻي رهيو هو، ان هن کي ڪنڊ ۾ ويهڻ نه ڏنو ۽ هو اهو ارادو ڪري اٿيو ته پنهنجو حل پنهنجو نظريو دنيا جي فائدي لاءِ ضرور پيش ڪندو. تان ته هن وانگر هر هڪ کي وري وري جنم وٺڻ کان نرواڻ حاصل ٿئي ۽ هرڪو ابدي آنند ۽ خوشي حاصل ڪري.

مطلب تہ هن جي انهيءَ مشن کيس چرپر ۾ اندو ۽ انهيءَ جي تبليغ يا پرچار لاءِ اتي ڪڙو ڏينو. هن جو ارادو هو تہ پنهنجو پيغام هو پهريائين پنهنجن استادن الاره ۽ ادرڪ، کي پهچائيندو ليڪن انهن ۾ پهچي ڪري کيس پتو پيو تہ اهي هن جهان مان اسهي ويا آهن. هنَ هاڻي پنهنجن بيوفا چيلن ڏانهن رخ ڪيو. جيڪي بنارس ۾ هيا. رستي ۾ ويندي هڪ جاتل سجاتل برهمڻ سان هن جي ملاقات ٿي. برهمڻ جڏهن هن جو خوشيءَ ۾ جرڪندڙ منهن ڏٺو تہ پڇيائينس تہ "خوشيءَ خوشيءَ ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟" ٻڌ جواب ڏنو تہ "مان اتم قانون جو ڦيٿو هلائڻ وڃي رهيو آهيان" برهمڻ ٻڌ جي انهيءَ جواب کان گهڻو خوش نہ ٿيو ڇو تہ هو جڏهن "تپسيا" جو قائل هيو ۽ هو ٻڌ کي انهيءَ لحاظ کان "بد مذهب" سمجهندو هو. مگر گوتم انهيءَ جو ڪوبہ اثر نہ ورتو ۽ اڳتي وڌيو.تان تہ وويڪي-چمڪتار،جي ٻن مهيننڪان پوءِ هڪ ڏينهن سج لٿي مهل بنارس کان ٽي ميل پري اتر ۾ مگاويا جي هنڌ تي پهتو. هن ان وقت جهنگل (دشت غزالان) هو ۽ هتي ئي هن جا بيوفا چيلا رهيل هئا. آوشواسي شاگرد استاد کي ايندو ڏسي آجيان لاءِ تہ اٿيا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هن کي ويهڻ لاءِ نہ چيو وڃي ۽ هي ٻڌ ڌرم فقير اسان وٽ اچي تہ هن کي پنهنجي سنگت ۾ شريڪ نہ ڪيو وڃي. گوتم انهن جي انهيءَ انداز کي محسوس ڪري ورتو تہ هو انهن ماڻهن جي نظر تپسيا ترڪ ڪرڻ جي ڪري مانوارو نہ رهيو آهي. تنهن ڪري هن انهن ڏي مهڙ ڪري چيو تہ "توهان اجا سوڌو موت جي ڳاري مان نڪري نہ سگهيا آهيو،مگر مان هڪ اهڙو رستو لڌو آهي، جنهن سان ساري جڳ کي آزادي ڏيئي سگهان ٿو.

انهن بي ايمانن کي ويساهہ نہ ٿي آيو. گوتم انهيءَ وقت انهن کي پنهنجو نظريو سمجهايو: جهڙي طرح ٻڌ هي نئون قدم پهريائين انهن چيلن کي وعظ ۾ سمجهايو هو اهو "ڌم ڪرتي پوتن سوت" ۾ موجود آهي، جنهن جو انگريزي ترجمو "رائيس ڊيوڊس" "Buddist suttras" جي نالي سان ڪيو آهي. ان جو پورو بحث ٻڌ جي تعليم جي سلسلي ۾ اڳتي ايندو مگر داستان جي تسلسل لاءِ انهيءَ جو تت امير احمد علوي صاحب کان ٻڌو:

پرچار جو تت:

جنهن شيءَ جو جسم آهي اها مادي مان نهي آهي. مادو فاني آهي ۽ سدا رهڻ وارو نہ آهي. تنهن ڪري هر "جسم رکندڙ" شئي ۾ فنا جا جيوڙا موجود آهن. انسان جسم ۽ روح رکي ٿو. انهيءَ جوفنا سان ڪو

واسطو نہ آهي. غم، ڪمزوري، بيماري ۽ موت اهي فنا جا ڏاڪا اهن، جيستائين پرشٽ اڄائون (ناپاڪ خواهشون) باقي آهن تہ حرص، ڳٽتي ۽ سڌ جو واسطو ضرور رهندو، يعني ڳٽتي ۽ ڪمزوري نصيب ۾ هوندي. تن ڪي تسيا ڏيئي سڌن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش خطرناڪ آهي،ڇو تہ انهيءَ ڪوشش ۾ جيڪڏهن جيون پورو ٿي ويو تہ موت ڏکوئيندڙ هوندو ۽ ٻيءَ جوڻ کان ڇوٽڪارو نہ ملندو.

جيڪا انساني شيءَ مادي دنيا. سان واسطو رکي ٿي اها دل جي برائي آهي. جيستائين دل ۾ رتيءَ برابر بہ بدي آهي تہ دنيا کان ناتو ڇڄي نہ سگهندو، دل جي برائيءَ سان گڏ نيڪ ڪرم فائدي وارا نہ ٿيندا. ڇو تہ نيڪيءَ جو بدلو تہ ملندو، مگر بديءَ جي جزا ۾ ٻيهر موت ۽ حياتيءَ جي مصيبت سهڻي پوندي ۽ انهيءَ.جنم ۾ پتو ناهي تہ نيڪيءَ جي سگهہ حاصل ٿئي يا نہ ٿئي انهيءَ ڪري تن کي تسئي ڏيڻ بنان سڌن کي پري ڪري ۽ دل جي سمورن عيبن کي ڌوئي صاف ڪرڻ نرواڻ جي لاءِ ضروري آهي. هرهڪ سڌ کي مارڻ ضروري آهي، عدم وجود جي خواهش بہ ايتري خطرناڪ آهي جيتري وجود جي، تنهن ڪري نيڪ ويساهہ،نيڪ نيت، نيڪ قول، نيڪ ڪرم، نيڪ زندگي، نيڪ ڪوشش، نيڪ خيال ۽ نيڪ مراقبي سان نرواڻ حاصل ڪرڻ گهرجي، يعني سمورا لڳ ٻي حس ڪيا وڃن ۽ زندگي موت وانگر بڻائي وڃي.

مٿين انن نيڪين کي عمل ۾ آڻڻ ۽ نرواڻ جي ڪناري تائين پهچڻ لاءِ چار ڏاڪا آهن.پهريون ڏاڪو دل جي جاڳ آهي، يعني خوشي ۽ پيڙا جي ڳجهہ لهڻ جي طلب.

جڏهن حق جي ڳولا ۾ ڪامل گروءَ تائين پهچ حاصل ٿي تہ هن درجو طئہ ٿي ويو.ٻيو ڏاڪو ناپاڪ ڪامنا کي ترڪ ڪرڻ ۽ بدلي وڃڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏڻ آهي. جڏهن انهيءَ عهد تي ثابت قدم ٿيو تہ ٻيو ڏاڪو بہ پار ٿيو. ٽيون ڏاڪو، ٽيون ڏاڪو جهالت، شڪ ۽ ڪاوڙ، حرص ۽ ساڙ ۽ سيني ٻچڙاين کي ختم ڪرڻ آهي. جڏهن انهن خامينڪان صاف ٿيو تہ دل جي پٽي صاف ٿي ويئي ۽ ٽيون درجو بہ حاصل ٿي ويو. آخري ڏاڪو عشق ۽ محبت جو سينو آساڙ جي مٿان ڇٽڻو آهي.جهڙي طرح ماءُ پنهنجي جند خطري ۾ وجهي پنهنجي لاڏلي ٻچي جي سنڀال ڪري ٿي. اهڙيءَ ڇوٽڪاري جي طالب کي هر ساهہ واري جي مٿان پنهنجي جند کي گهورڻ لاءِ تيار هجڻ کپي. جنهن ويريءَ کي پهرياڻين ڏسڻ گهرجي، اهي نفسياني سڌون آهن ۽ آخري جاڪوڙ ٻره ۽ پريم جو سمهندي جاڳندي ڌيان رکڻ آهي. نہ ڪنهن ٻليدان جي ضرورت آهي ۽ نہ ڪنهن ٻائي جي سهائتا جي ضرورت آهي. هر انسان جو ڇوٽڪارو خود ان جي هٿن ۾ آهي.

پنجن ڏينهن تائين اهو اپديش جاري رهيو. چيلن جا وسوسا دور ٿي ويا. انهن گوتم تي ايمان آندو ۽ سندس عقيدت مند ٿي رهڻ لاءِ ارادو ڏيکاريو.

ٻڌ انهن جي وينتي قبول ڪئي. هڪ ننڍڙي رسم ادا ڪئي وئي ۽ انهن کي باقاعدي سنگهه (انجمن) ۾ داخل ڪيو ويو. انهيءَ ڏينهن کان وٺي سنگهه قائم ٿيو ۽ ان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هر هڪ کي چوڻو پوندو آهي ته "مان ٻڌ ۾ پناهه وٺان ٿو. مان شريعت ۾ پناهه وٺان ٿو. مان سنگهه ۾ سنگهه پناهه وٺان ٿي"

گوتم انهيءَ وستيءَ ۾ ٽي مهينا رهيو. پنهنجي روزانا زندگي ٻڌ پنهنجي ارٿ (تفسير) ۾ هن نموني ٻڌائي آهي.

روز مره جي زندگي:

گوتم صبح جو پيرڪي مهل اٿندو ۽ پنهنجن چيلن کي اٿارڻ جي تڪليف نه ڏيندو هو. پاڻ ئي هٿ منهن ڌوئندو هو ۽ ڪپڙا پائيندو هو. ان کان پوءِ پنڻ واري دوري کان اڳ ۾ هو اڪيلائپ رهندو هو ۽ مراقبي ۾ ويهندو هو. جڏهن اهو وقت ايندو هو ته هو تيئي ڪپڙا پائيندو هو ۽ پنڻ وارو ڪٽورو هٿ ۾ کڻي، ڪڏهن اڪيلو ۽ ڪڏهن چيلن سان گڏ ڀر واري ڳوٺ ۾ پنڻ جي سانگي سان ڪڏهن ڪرامتون ڏيکاريندي ڪڏهن ائين ئي ويندو هو. رستي ۾ ان جي اڳيان ٿڌيون، ٿڌيون هوائون رستو صفا ڪنديون هلنديون هيون. مينهن جون بوندون آسمان مان ڌڌڙ جمائڻ لاءِ هيٺ وسنديون هيون ۽ جهڙ ان جي مٿان ڇانو ڪري هلندو هو؛ جڻ ته سج جي تَوَ کان بچائڻ ٿنبو تاڻجي ويندو هو. ٻيون هوائون ان لاءِ آسمان مان گل آڻي پکيڙينديون هيون ته جيئن گوتم جا قدم نازڪ گلن جي مٿان هلندا رهن ۽ جڏهن گهرن جي درن تي ٻيهندو هو. ته اچانڪ ان جي بدن مان ڇهه رنگي نور لاٽون ڪري نڪرندو هو.. جنهن سان سون وانگر، گهر، دالان ۽ ڇپرا روشن ٿي ويندا هئا. جهرڪيون ۽ جانور پنهنجن، پنهنجن جاين تان نهايت ڪومل ۽ مٺن آوازن ۾ گوتم جي آجيان ڪندا هئا. آسماني نغمو فضا ۾ ٻري اٿندو هو۽ انسانن جي جسم تي جيڪي ڳهڻا هوندا اهي خود بخود، جهن، جهن ڪري وڄندا هئا.

جڏهن اهي علامتون ظاهر ٿينديون هيون ته ماڻهو سمجهي ويندا هئا ته اڄ متبرڪ ۽ پوتر ٻڌ پاڻ بکيا وٺڻ آيو آهي تڏهن اهي تيز رنگن جا ڪپڙا پهري هٿن ۾ گلدستا جهلي ۽ هار ناهي گهٽين ۾ نڪري پوندا هئا ۽ انهن کي ٻڌ جي خدمت ۾ پيش ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته "سرڪار اڄ اسان

سان گڏجي مانيءَ کائو ۽ اسان توهان جي سيني ساٿين جي کاڌي جو انتظام کنداسون" ائين چئي اهي ان کان بکيا جو پيالو وٺندا هئا ۽ ٻڌ ۽ سندس ساٿين جي لاءِ تڏا وڇائي کري انهيءَ وقت جو انتظار کندا هئا ته کاڌو ٿئي. کاڌي کان واندو سري ٻڌ انهن جي سمجهه ۽ سوچ جو کاٿو لڳائي پوءِ پرچار کندو هو. انهن مان کجهه ماڻهو رڳو ٻڌ ڌرم اختيار کندا هئا ۽ کي سڌي رستي تي هلڻ جي صلاحيت حاصل کري وٺندا هئا، ۽ انتم درجن تي پهچي وڃندا هئا. ٻڌ کمري ۾ تيستائين اکيلو ئي ويٺو هو جيستائين سندس ٻيا ساٿي کاڌو کائي وٺن. جڏهن خاص چيلو هي سڏ ڏيندوهو ته سيني کاڌو کاڌو آهي. ته پوءِ هو پنهنجي خاص کمري ۾ هليو ويندوهو. انهيءَ وقت کان ٻپهري جي کاڌي جيءَ کان اڳ ۾ تائين. ٻڌ اکيلائپ ۾ گذاريندوهو. ان کان پوءِ پنهنجي دروازي وٽ ٻيهي سنگهه جي ميمبرن کي هيءَ نصيحت کندو هو. "منهنجا ڀائرو! عمل ۾ سچائي ۽ سرگرمي ڏيکاريو. کنهن به ٻڌ، سان هن دنيا ۾ ملڻ ڏکيو آهي ۽ انسان ٻڄڻ به ڏاڍو مشکل آهي. صحيح موقعو هٿ کرڻ به ڏاڍو مشکل آهي."

تڏهن چيلن ۾ کن هيءَ گذارش کئي ته کو اهڙو وشئه ٻڌايو جيکو اسان جي غور ۽ ويچار لاءِ مناسب هجي. گوتم هر هک کي ان جي صلاحيت مطابق وشئه ٻڌائيندو هو ۽ اهي مراقبي جي واسطي اکيلائي ۾ هليا ويندا هئا ۽ موضوع تي ڌيان ڏيندا هئا. گوتم ان کان پوءِ پنهنجي خاص کمري ۾ هليو ويندو هو، جيکو گلن سان ڀريل هوندو هو. اتي اطمينان ۽ آنند سان گرميءَ لُک جي وقت ٿورو وقت آرام کندو هو. جڏهن سندس سرير کي سکون ملي چکندو هو ته هو کٽ تان اٿي پنهنجي چوڌاري رهندڙ ماڻهن جي حال تي ويچار کندو هو ته کهڙي طريقي سان انهن سان ڀلائي کري سگهي ٿو. ٻپهريءَ جيءَ وقت ويجهن ڳوٺن جا کيترائي ماڻهو نذر ۽ ڀيٽا جي لاءِ هٿن ۾ گل کڻي اچي گڏ ٿيندا هئا ته گوتم، پرچار هال ۾ ويهي ميڙ کي موقعي جي مناسبت سان حق جو پرچار کندو هو ۽ پوءِ اهو ڏسي کري ته مناسب سمو اچي ويو آهي ته "ٻڌ" انهيءَ ميڙ کي موکل ڏيندو هو ۽ اهي کيس سلام کري واپس هلِيا ويندا هئا. ڏينهن جي گذرڻ کان پوءِ جيکڏهن ضرورت سمجهندو هو ته هو تڙکندو هو. انهيءَ وچ ۾ کو سنگهي، سندس کمري ۾ گلن جي چادر وڇائيندو هو.

ڏينهن ختم ٿيڻ کانپوءِ سمورا کپڙا پائي ڌيان گيان ۾ ويٺو هوندو هو. ايستائين جو سمورا چيلا ڌيان گيان مان واندا ٿي واپس اچي ويندا هئا، تڏهن انهن مان کو اهڙين شين لاءِ پڇندو هو جيکي هن کي سمجهه ۾ نه ايندڙيون هيون. کو پنهنجي مراقبي جو حال بيان کندو هو ۽ کو شريعت جي حکم جي تلقين جي فرمائش کندو هو. اهڙيءَ طرح رات جو پهريون

حصو گذري ويندو هو. جڏهن گوتم سڀني کي مطمئن ڪندو هو ته چيلا هليا ويندا هئا ۽ پوءِ رات جو باقي حصو ڪمري کان ٻاهر گهمي گذاريندو هو ۽ آخري حصي ۾ سڪون ۽ آرام لاءِ ليٽي پوندو هو. جيئن ئي ٻاک ڦٽڻ شروع ٿيندي هئي ته هو ڪٽ تي اٿي ويهندو هو ۽ پنهنجي ذهن ۾ ساري پرٿويءَ جي ماڻهن جو تصور آڻيندو هو ۽ سڀني ماڻهن جي انهن سڌن تي ويچار ڪندو هو جيڪي گذريل جنم ۾ انهن جون هيون ۽ اهو سوچيندو هوته هو ڪهڙي نموني سان انهن جي آسن کي پوري ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو.

گوتم جي سچائيءَ ۽ پرچار جو هي اثر ٿيو جو ٿورن ئي ڏينهن ۾ شهر کان سواءِ ان جهنگل ۾ چيلن جو تعداد سٺ تائين پهچي ويو، گوتم هڪ ڏينهن سڀني کي گڏ ڪيو ۽ حڪم ڏنو ته سواءِ هڪ "شش" جي جيڪو امير گهراڻي جو ياتي هيو ۽ پڇي آيو هو) سمورا، چيلا ٻهن هنڌن تي وڃي هن نئين ڌرم جو پرچار ڪن ظاهر ۾ اهو ٿو ڀانئجي ته انهيءَ حڪم کان پوءِ گوتم خود "گيا" ڏانهن موٽي ويو. انهيءَ ڪري جو جنهن ڪرامت جو ذڪر ملي ٿو اها "گيا". جي ويجهو اراولي جي جهنگل ۾ ظاهر ٿي هئي. انهيءَ جهنگل ۾ "سينا" نالي سان ڳوٺ هيو، جتي ٽي ڀائر علم ۽ ڄاڻ جي ڪري مشهور هئا ۽ باه جا پوڄاري، هئا. گوتم انهن کان "آتشڪدي" جي جاءِ ۾ هڪ رات رهڻ جي اجازت گهري، مگر ڪشپ، جيڪو انهن ڀائرن ۾ سڀني کان وڏو هيو. انهيءَ ڳالهه نه وڻي. ان چيو ته ٻاهر- گهر، جي پرسان هڪ زهريلو نانگ رهي ٿو، جيڪو رات جو ٻاهر نڪرندو آهي ۽ سنئل ماڻهن کي ڏنگيندو آهي. مهاتما گوتم تي عشق حقيقيءَ جو زهر چڙهيل هيو اهو نانگ کان ڪٿي ڀيو ڏجي ۽ پنهنجي ڳالهه تي قائم رهيو ۽ ڪشپ کي مسافر مهمان کي اجازت ڏيڻي پئي. رات ٿي ته نانگ پنهنجي نيم تي ٻاهر نڪتو مگر گوتم ٻڌ کي ڪجهه نه چيائين جڏهن صبح ٿيو ته گوتم زنده سلامت رهيو ته سندس انهيءَ ڪرامت جو هل مچي ويو، انهيءَ ڏينهن اتفاق سان ڳوٺ ۾ وڏو ميلو لڳڻ وارو هيو.

جنهن ۾ پاڙي اوڙي جا ياتري ايندا هئا ۽ "ڪشپ". جي ڪٿا ٻڌندا هئا. هاڻي هن کي ڊپ ٿي ويئو ته جيڪڏهن ميڙ گوتم کي ڏٺو ته .باه - پوڄا" جي بازار ٿڌي ٿي ويندي. مگر مهمان کي گهر مان ٻاهر ڌڪڻ اينترو اخلاقي ڏوهه هيو جو هو انهيءَ جو ڏوهي ٿيڻ نه پيو گهري. مهاتما کي انهيءَ خطري جي خبر پئجي ويئي ۽ هوبنان سڌ ڏيڻ جي انهيءَ ڏينهن ڳوٺ کان ٻاهر هليو ويو. ۽ ميلي ۾ نه ويو. جڏهن شام جو واپس آيو ته "ڪشپ" ڪائونس پڇيو ته ڏينهن جو هو ڪاڏي ويو هو؟ گوتم جواب ڏنو ته تنهنجي فڪر کي دور ڪرڻ لاءِ روپوش ٿي ويو هوس: "ڪشپ" گوتم جي پيرن تي ڪري پيو ۽ پنهنجي پوري ٽولي سميت ان تي ايمان آندائين:

هڪ وڏيڪ اپديش:

هتي رهڻ دوران گوتم هڪ ڏينهن پنهنجن شاگردن سان گڏ وينو هو ته سامهون هڪ ٽڪري تي باهه پڙڪي. گوتم انهيءَ باهه کي وشئه بنائي هڪ وڏو وعظ ڪيو جيڪو "پٽڪ" ۾ "روٽ پري پائي سوت" ۾ موجود آهي انهيءَ جو "تت" هي آهي ته گوتم فرمايو ته "جينستائين ماڻهن ۾ جهالت رهندي، انهيءَ وقت تائين اهڙيءَ طرح باهه ۾ سڙندا رهندا. هيءَ اها باهه آهي جيڪا انسان جي اندر ۾ لڳل آهي ۽ جنهن کي ٻاهريون شيون اندر ۾ پڙڪائن ٿيون. اهي ٻاهريون شيون پنجن "اندرين" جي وسيلي ۽ دل جي ذريعي اثر ڪن ٿيون.

مثلاً اک مشاهرو ڪري ٿي ۽ انهيءَ سان هڪ نموني جي "حس" پيدا ٿئي ٿي. جنهن سان دک يا سک محسوس ٿيندو آهي. هي ڏک يا خوشي، شهوت، ڪاوڙ، جهالت، جنم، سوچ، سستيءَ ۽ اجل جي باهه پڙڪائن ٿا. اها ئي حالت انهن سڀني احساسن جي آهي جيڪي ٻئي حواس جي وسيلي پيدا ٿين ٿا. مگر اهي ماڻهو جيڪي "ٻڌ" جي "نفسي ضبط" جي اصول تي هلندڙ آهن، يعني جيڪي "سڌي رستي" جو چارئي چاڙهيون پار ڪري چڪا آهن جنهن جي شروعات "پوترتا" سان ٿيندي آهي ۽ پڇاڙي پريم تي ٿيندي آهي ته انهن ۾ عقل اچي ويندو آهي، ٻاهريان احساس اندروني باهه کي نه پڙڪائي سگهندا آهن. انهيءَ ڪري جو انهن وٽ ڪام وغيره جي باهه ئي ڪانه هوندي آهي. سچا شاگرد اهڙي طرح نه وسامندڙ باه مان جان آجي ڪندا آهن، جيڪا ٻيڙائي جي پاڙ آهي. اها ڏاهپ جيڪا انهن حاصل ڪئي آهي، انهن کي هڪ نه هڪ ڏينهن اوچ تيءَ پهچائيندي. اهي انهيءَ گوندر کان به آجا آهن جيڪا "ٻي جون" جو نتيجو هوندي آهي، ۽ هن جنم ۾ ئي انهن کي قوم قرباني ۽ ٻين ٽڪسازن جي رهنمائيءَ جي ضرورت ئي نه رهندي آهي. ڇو ته انهن جي ذات انهن سڀني شين کان مٿاهين ٿي ويندي آهي.

همسار جو ٻڌ مذهب اختيار ڪرڻ:

هتان ٻڌ پنهنجي نئين چيلي "ڪشپ" سان گڏجي "راڄ ڳڙهه" ويو. هي اهوئي هنڌ آهي، جتان ٻارهن سال اڳ ۾ گوتم گهر کان ڀڄي حق جي ڳولها ۾ اچي نڪتو هو. هي شهر "مگڌ" راڄ جي گاديءَ جو هنڌ هيو

۽ ”همسار“ هتان جو راجا هيو. هي بادشاه پنهنجي دٻدٻي جي ڪري مشهور هيو. جڏهن هن ٻڌو تہ ”ڪشپ“ ۽ ”گوتم“ ٻئي اچي رهيا آهن تہ هو انهن جي آجيان لاءِ نڪري پيو ۽ سمورو شهر انهن ”رشين“ جي درشن لاءِ اٿلي پيو.

عام طرح اهوئي خيال هيو تہ گوتم بہ ”باهہ جو پوڄاري“ ٿي ويو آهي ۽ هاڻي هو ”ڪشپ“ جو چيلو آهي،مگر جڏهن سياڻو شاگرد گوتم جي اڳيان بندگيءَ لاءِ نوڙيو تہ راڄ ڳڙه وارا اچرج ۾ پئجي ويا. راڄا وڏي ڌام ڌوم سان انهن ساڌن جي دعوت ڪئي ۽ ويلوانا نالي جو بانس جو باغ انهن جي رهڻ لاءِ وقف ڪيو. انهيءَ تاريخي باغ ۾ گوتم ڪيترين ئي برساتون گذاريون ۽ اهو نيم مقرر ڪيو تہ هو گرمين ۽ سردين ۾ پيرن ملڪن جو دورو ڪندو هو ۽ برسات جي مند ۾ انهيءَ باغ ۾ رهندوهو. پري پري کان چيلا هتي ايندا هئا ۽ پوتر ڌرم تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هئا. پهرينءَ برسات کان پوءِ ڪپل وستوءَ کان بہ ماڻهو آيا ۽ پاڻ سان گڏ شدوڌن جو سندس بہ آندائون تہ پوڙهي پيءُ کي مرڻ کان اڳ ۾ هڪ جهلڪ ڏيکاري وڃ.“

شدوڌن سان ملاقات:

ماتا پتا جو چيو مڃڻ نيڪ انسان تي فرض آهي. گوتم تڪڙي تيار ڪئي. چيلن جو وڏو ڏڻ هن سان گڏ هليو ۽ هي قافلو منزل منزل طالبن کي هدايت جو فيض ڏيندو ۽ ڪپل وستوءَ جي ويجهو پهتو. سالن کان پوءِ هماليہ جبل جو دامن، نيپال جي ڊوري، پر فضا ماڻيون ۽ راڄ محل جو حسين نظارو اکين آڏو آيو تہ مهاتما جي دل مٿان ڇا گذريو؟ انهيءَ جي ڪيفيت اهوئي ٻڌائي سگهي ٿو جيڪو انڌلٺ جي رنگن جي صحيح تصوير ڪڍي سگهي ٿو. وطن جا ڪنڊا پرديس جي گلاب کان بهتر ۽ ڪنعان جي گدائي مصر جي بادشاهيءَ وڌيڪ وڻندڙ ٻڌائي وڃي ٿي، مگر مهاتما پنهنجي جوڙيل اصول کي انهيءَ موقعي کي بہ هتان نہ ڇڏيو. شهر ۾ داخل ٿيڻ بدران وستيءَ کان ٿورو پريرو هڪ باغ ۾ ڊاپو ڪيائين ۽ انهيءَ جاءِ تي رات گذاريائين. ٻئي ڏينهن پنڻ وارو پيالو هٿ ۾ کڻي خير وٺڻ لاءِ ڪپل وستوءَ ۾ وک رکيائين. هن جو نيم هيو تہ فقيرن جي هيءَ ٽولي اميرن کان خيرات نہ وٺندي هئي. پر غريبن جي درن تي بہ مٿان ڪيو بيٺي. هوندي هئي ۽ زبان سان خيرات نہ گهرندي هئي. جيڪڏهن ڪجهہ مليو تہ وٺبو هو نہ تہ اڳتي هلي پوندي هئي. انهيءَ رسم جي پابندي ڪرڻ لاءِ ڪپل وستوءَ ۾ بہ راڄ محل کي ڇڏي، غريبن جي جهڳين طرف پنڻ هلي.

راجا کي خبر پئي تہ هو حڪومت جو دٻدٻو وساري بيقراريءَ وچان پٽ وٽ پهتو ۽ ڏوراپو ڏنائينس تہ رعيت کان خيرات گهري پيءُ جي منهن تي ڪارنهن ملڻ مناسب نہ هيو. گوتم جواب ڏنو تہ "مهاراج! توهان ۽ توهان جي گهر جا ياتي سلطنت سان واسطو رکن ٿا ۽ راجائن جو اولاد آهن مان پراڻي وقت جي رشين ۽ ڏاهن جو وارث آهيان. توهان کي محلن ۾ رهڻ سونهي ٿو مگر مون لاءِ اهوئي نيڪ آهي جيڪو اڳيان نبي ۽ رسول هميشہ ڪان ڪندا آيا آهن. راجا ئي نعمتن سان منهنجو ڪهڙو واسطو. منهنجو موروثي پيشو تہ پني ڪري کائڻ آهي" پيءُ اهو منطق نہ مڃيو ۽ زوريءَ ڇڪي پٽ کي شاهي محل ۾ وٺي ويو. گوتم گهر ۾ قدم رکيو تہ چوڌاري مٽن مائٽن جو وڏو ميڙ گڏ ٿي ويو ۽ سارو قلعو انهيءَ ڪمري ۾ اندر هليو آيو. جنهن ۾ مهاتما پنهنجا چرن گهمايا هئا.

درشن لاءِ ۽ چڱيلائي پڇڻ لاءِ سڀ ماڻهو اندر آيا ليڪن گوندر گاڏئين يشوڌرا، پنهنجي جاءِ تان نہ چري. اها قيامت جي رات هئي جو نهايت خوشيءَ جي ڏينهن ۾ هن جي مٿان مصيبت جي چپ اچي ڪڙڪي.

چو تہ هن جو ساهہ کان وڌيڪ پيارو پتبار بنا ڪنهن قصور جي، ڪنهن طرف هليو ويو: اها رات هن کي اڄ ڏينهن تائين ياد هئي. جنهن وقت چنا رٿ ڪاهيندڙ راجڪمار جي جوڳ اختيار ڪرڻ جي خبر ٻڌائي تہ دنيا جو سک ۽ آرام هن جو ختم ٿي ويو. هار سينگار ڦٽي ڪيائين ويراڳڻين وانگر زمين تي سمهندي هئي ۽ جوڳياڻين وانگر ڪفن اوڙهيندي هئي ۽ رنن زالن وانگر ڳره ڳٽي ڳٽي ڪري کائيندي هئي. گلاب جا گل ڪومائجي ويا. سون تامون ٻڻجي ويو ۽ رنگ لوهائجي ويو. اڄ پنهنجو پرايو زاج ڪمار جي درشن لاءِ ڊڪندو آيو مگر درد ۽ وڇوڙي جي ماريل "يشوڌرا" پنهنجي ڪمري ۾ ڪنڊ جهڪايو مانٽ ۾ ويٺي رهي ۽ بيقرار دل کي هيئن سمجهائيندي رهي "پران پنيءَ جوانيءَ جي وقت مونکي ڇڏي ڏنو تہ هاڻي ٻارهن تيرهن ورهين کان پوءِ پنهنجي قتل صورت ڏيکاري ڪري ان جي آڏو ذليل ٿيڻ ڇا ضروري آهي."

مهاتما کي يشوڌرا ياد اچي ويئي ۽ مائٽن جي ميڙ ۾ ان جون بيتاب نظرون ڪنهن کي ڳولهڻ لڳيون. جڏهن هوءَ ڪٿي بہ نظر آئي تہ مهاتما پڇيو تہ "يشوڌرا جيئري آهي؟ جواب مليو جيئري تہ آهي پر مئلن کان بہ پري آهي. دل تي چوٽ لڳي ۽ حال پڇڻ لاءِ هو پاڻ ان جي ڪمري ۾ ويو. سر ۽ سان جو مالڪ اکين آڏو اچي ويو. يشوڌرا بيوس ٿي قدمن تي ڪري پيئي ۽ مڙس جي پيرن تي نيڻ رکي "هنجون" هارڻ لڳي ۽ پوءِ هي سوچي ڪري تہ ور جوڳي آهي ۽ ان کي عورت جو جسم ڇهڻ جائز نہ آهي. پوئتي هٽي ۽ جدا ٿي بيٺي. گوتم کي ڏاڍو دک رسيو مگر هو مجبور هيو. سواءِ دلجاءِ

ڏيڻ جي هن وٽ ٻي ڪا واهه ڪانه هئي. ٻره جي ستايل يشوڌرا وينتي ڪئي ته مونکي به چيلن جي جٿي ۾ شامل ڪيو وڃي، مگر هي عرض قبول نه پيو ۽ حڪم ٿيو ته فقيرن جي منڊليءَ ۾ عورت کي گڏ رهائڻ خطرناڪ آهي.

ٻره جي ڪنل ونې نراس ٿي ويئي ۽ مهاتما محل مان موڪلائي نڪتو. ٻئي ڏينهن تي گوتم جي ماٽيلي ڀاءُ جي شادي هئي. راڳ روپ جي محفل متل هئي ته مهاتما انهيءَ مجلس ۾ اچي پهتو ۽ خبرناهي ته هن نند ۾ ڪن ۾ ڇا چيو جو هن شاديءَ جو وڳو لاهي، ڪستو هٿ ۾ ڪٽي نگروده باغ ڏانهن هليو ويو، جيڪو انهن جوڳين جي رهڻ جو هنڌ هيو. هاٿي نيم اهو ٿي ويو جو مهاتما روزانو پوڄن جي لاءِ قلعي ۾ ايندو هو ۽ خاص محل کان ٻرپرو چيلن سان گڏ پوڄن واپرائيندو هو ۽ پوءِ پنهنجي رهڻ واري هنڌ ڏانهن واپس ويندو هو.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب ڪاڏو ڪيائي رهيو هو ته درسن جي پياسي يشوڌرا ٻري ڪان پنهنجي سوامي‌ءَ جي زيارت ڪري رهي هئي ته پوءِ ان جو پٽ راهول آڏو آيو، ماءُ پنهنجي پٽ کي سنيا ۽ ڪيس چيائين ته "تون پيءُ وٽ وڃي پنهنجي ميراث جي دعوي ڪر" راهول جڏهن ڪجهه ڪلاڪن جو هيو ته سندس پيءُ محل ڇڏيو هو. ڏاڏي پالنا ڪئي ۽ هو انهيءَ کي ئي پيءُ سمجهندو هيو، ماءُ اشاري سان پٽ کي ٻڌايو ته تنهنجو پيءُ هو بيوفا جوڳي آهي، جيڪو سامهون فقيرن جي منڊليءَ ۾ سج وانگر چمڪي رهيو آهي. (٢٠)

معصوم ڇوڪرو خوشيءَ مان پيءُ وٽ ويو ۽ مهاتما کي وينتي ڪيائين ته مان تنهنجو پٽ آهيان ۽ پنهنجي ميراث وٺڻ آيو آهيان. گوتم هن کي هوريان دعا ڪئي مگر سوال جو جواب نه ڏنائين. راهول ميراث، ميراث ڪندو پيو سان گڏجي پيو. "نگردوه" باغ ۾ پهتا ته راهول کي ميراث ملي ويئي، يعني ڪيس "سنگهه" ۾ شريڪ ڪيو ويو.

راجا "شڌوڌن" جو نابالغ پوٽو به جوڳي بڻجي ويو ته راجا کي صدمو رسيو. مگر ڪير ٽٽڻ مان نڪري چڪو هو. جيڪو واپس وڃڻ ناممڪن هو. البته گوتم ڪان اهو واعدو ورتو ويو ته اڳتي ڪو به ڇوڪرو پنهنجي والدين جي اجازت ڪان سواءِ "جوڳ" ۾ داخل نه ڪيو ويندو. گوتم انهيءَ شرط کي سڄي عمر نڀايو، پوءِ هو ڪپل وستو مان راڄ ڳڙه روانو ٿي ويو. سوانح نگار لکن ٿا ته مهاتما کي ارڙهن مهينا گذري چڪا هئا.

ڪجهه خاص چيلا:

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هتان روانو ٿي گوتم، انوما ، درياءَ جي ڪناري باغ ۾ انهيءَ جاءِ تي اچي ترسيو، جتي هن محل مان نڪرڻ وقت پهريون دفعو ساڌ پٽيو هو ۽ جتان "چنا" واپس موڪليو هئائين. انهيءَ هنڌ تي گوتم جا ڪيترائي مٽ مائٽ سنگهه ۾ شامل ٿيا هئا. انهن مان ٿهن مان "آنند" ديودت" "اُپالي" ۽ انوراڌا ، ذڪر لائق آهن.

"آنند" "گوتم" جو ماروٽ هيو ۽ ان جو سيني ڪان وڏيڪ اربيلو چيلو بڻيو. "ديودت" به ان جي ويجهو مائٽ هيو. مگر اڳتي هلي هن گوتم ٻڌ جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ ان جي آمهون سامهون ٿي وينو. "اپالي" ذات جو حجام هيو مگر پنهنجي خلوص ۽ سچائيءَ جي ڪري هن سنگهه ۾ نمايان جيثيت حاصل ڪئي. انوراڌها ٻڌ مذهب جو سيني ڪان وڏو فلسفي ۽ مابعد الطبيعاتي مسئلن جي سمجهائڻ وارو ثابت ٿيو. هتان گوتم واپس راج گڙهه ويو ۽ اتي مينهوڳيءَ ۾ (٢١) ڏاپي ڪرڻ ڪانپوءِ. سراوستيءَ" (٢٢) ويو جيڪو بنارس ڪان اُوتروئي پري اتر ۾ آهي جيترو راج گڙهه پري اوپر ۾ اهي. اهو ان وقت "ڪوشل" جي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ هيو ۽ هتان جو راجا "پرسنا جيت هيو" ساروشيءَ جي هڪ واپاريءَ "ٻڌ" کي دعوت ۽ ان جي رهڻ لاءِ "مفصلات" شهر ۾ هڪ باغ پيتا ڏنو هو ۽ ٻڌ تبليغي دورن جي سلسلي ۾ هر وقت هتي اچي رهندو هو.

پهريان ٽي سال:

ٻڌ جي ڪماليت جا ٽي سال جيڪي هن وقت تائين بيان ٿي چڪا آهن. اهي "جاتڪ" تفسيرن ۽ "چيني تصنيفن" ۾ ملن ٿا ۽ پوءِ جي واقعن جو ڪوبه تفصيل ڪونه ٿو ملي. ڪجهه ڪرامتن جو ذڪر "ڌم پارا" ۾ آهي يا انهن ڪتابن ۾ آهي جيڪي "بيگيندت" يا "اسپنس هار ڊيءَ" گڏ ڪيون آهن. انهن ٻنهي تاريخدانن ڪجهه سالن جا واقعا به بيان ڪيا آهن. جيڪي هيٺ لکيا ويا آهن. انهيءَ موقعي تي اهو ياد ڏيارڻ ڪافي آهي ته پهرين وسڪاري ۾ ٻڌ بنارس جي ويجهو دشت غزالان ۾ وقت گذاريو ۽ ٻئي ۽ ٽئين وسڪاري جي موسم راج ڳڙهه ۾ گذاري. انهيءَ ڪري هاڻي چوٿين وسڪاري ڪان حال شروع ٿئي ٿو.

چوٿون سال:

اگاسين نت کي گوتم ٻڌ سنگهہ ۾ شامل ڪيو ۽ گنگا اڪري وسالي راجڌانيءَ ۾ مهاون باغ ۾ ڏاپو ڪيائين ۽ اتي وسڪاري جي موسم گذاريائين. اتان هو هوا ۾ اڏامي ساڪيا قبيلي ۽ ڪولين قبيلي ۾ اچي پهتو ۽ انهن جي گهرو لڙائيءَ روڪڻ ۾ ڪامياب ويو.

پنجون سال:

ٻائڻ ٻوڙ مينهن ۾ گوتم کي پنهنجي پتا "شدوڌن" جي بيماريءَ جي سڌ ملي. هن تڙ تڪڙ ۾ ڪپل وستوءَ جو ڏگ ورتو. پيءُ جي آخري درشن ڪرڻ ۽ ان جي ڪريا ڪرم ڪرڻ ڪانپوءِ هو واپس "ڪل ڳڙه وهار" ۾ پهتو. هتي هن جي ماسي، ماٿيليءَ ماءُ پراجپتي، ان جي زال يشوڌرا ۽ ٻيون عورتون آيون ۽ انهن جي زور ڀرڻ تي ٻڌ کي فقيرياڻين جو به (سنگهہ) جوڙڻو پيو ۽ ان لاءِ قاعدا قانون ناهڻا پيا. هوانهيءَ ڪم ڪان پوءِ اَلهہ آباد جي لاڳيتو (ڪوسمبي) جي ويجهو ٽڪريءَ تي هليو ويو.

ڇهون سال:

برسات جي مند اتي گذاري هو راج ڳڙهہ ويو ۽ همبسار جي رائيءَ "ڇما" کي پينو فقيرياڻين ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت ڏني. هتي هڪ چيلي جي ڪرامت ڏيکارڻ تي ناراض ٿي ڪرامتن ڏيکارڻ ڪان منع ڪيائين. مگر جڏهن ماٿهن ڪيس مهڻا ڏنا تہ ٻاڻ ڪيترائي معجزا ڏيکاريائين ۽ اتان اڏامي ماءُ وٽ آسمان تي هليو ويو تہ جيئن هو ان کي مذهب جي تلقين ڪري. جيئن تہ هوءَ گوتم جي جمڻ ڪان پوءِ ستين ڏينهن مري ويئي هئي. تنهن ڪري هوءَ هن نعمت ڪان اڃا تائين محروم هئي.

ستون سال:

گوتم سراد ستيءَ ۾ جتاون وهار، ۾ ويو. هتي هن جي مخالفن "چنچا" نالي هڪ عورت کي هن ڳالهہ تي ٻيهاريو تہ هوءَ اهو چوي تہ "ٻڌ" هن جي لڄالت ڪئي آهي مگر انهيءَ جو ليئہ هن طرح کلي پيو ۽ ٻڌ ٻي ڏوهو ثابت ٿيو. هيءَ عورت جيڪا پيٽ سان ويڪري، ٿلهيري ڪاٺي پيٽ

سان ٻڌي آئي هئي، اها گهرڪي هيٺ ڪري پيئي ۽ ڦوڪيل پيٽ سنوت ۾ برابر ۾ اچي ويو.

اٺون سال:

ٻڌ هيءَ مينهوڳيءَ جي موسم ڪپل وستوءَ جي ويجهو هڪ ٽڪريءَ جي چپ تي گـذاري، هتي هڻ نڪل ۽ مگاليءَ، جني پيءُ ۽ مـاءُ کي بہ ٻڌ ٻڌايو ۽ پوءِ ڪوسمبي الهہ آباد جي ويجهو هليو ويو.

نائون سال:

مگاليءَ ٻڌ جي خلاف ماڻهن کي ميڙايو ۽ سنگهہ ۾ ڏڦيڙ پئجي ويو. جڏهن گوتم جي سمجهائڻ سان بہ جهيڙي جو نبيرو نہ ٿيو تہ هو کاوڙجي ڪرپاري لياڪ جي ويجهو ٻيلي ۾ هليو ويو.

ڏهون سال:

هتي ڳوناڻن هن لاءِ هڪ ڇپرو جهٽ پٽ ناهيو ۽ ٻڌ مينهوڳي اتي گذاري. لڇي ٿيندڙ چيلا بہ اتي اچي حاضر ٿيا. گوتم انهن جو ڏوهہ معاف ڪري ڇڏيو. انهن کي ساڻ وٺي، پهريائين سارو ستي ويو ۽ پوءِ ”مگڌ“ پهتو.

يارهون سال:

راج ڳڙهہ جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ يـاردواج، نالي برهمڻ کـاءِ ٻڌ ٻڌايو ويو ۽ مينهوڳيءَ کان گوتم ڪوسل ۾ ”بسنتيابيا“ نالي هڪ ڳوٺ ۾ هليو ويو.

ٻارهون سال:

گوتم هتان ويرنج ويو ۽ اتي مينهوڳيءَ جي پوري مند اتي رهيو، پوءِ اتان هن زندگيءَ جو ڊگهو سفر ڪيو، دکن مان ٿيندو سنتال تائين وڃي پهتو. پوءِ وري وساليءَ ۾ پهتو. وساليءَ کان پوءِ ٿيندو اچي واپس سراوستيءَ ۾ ڊاپو ڪيائين. هتي اچي ڪري هن پنهنجي ارڙهن سالن جي

پٽ ”راهول“ کي اهي نصيحتون ڪيائين جيڪي ”مهارهل سوت“ جي نالي سان مشهور آهن.

تيرهون سال:

گوتم چاليا ۾ مينهوڳي گذاري ۽ پوءِ واپس سراوستي موٽي آيو.

چوڏهون سال:

سراوتيءَ جي جتاون وهار ۾ راهُل کي باقاعدي بڪشو بنايو ۽ وعظ ڪيو-جيڪو ”راهُل سوت چرتر“ چيو وڃي ٿو. انهيءَ واقعي-کان پوءِ هو ڪپل وستو هليو ويو.

پندرهون سال:

هيءَ برسات جي مند هن نگر وڏ ۾ گذاري، هتي گوتم پنهنجي ويڳي ياءَ کي پنهنجا ويچار ٻڌايا جيڪو ان وقت سندس پيءُ جي جاءِ تي ساڳيا راڄ جو راجا هو. ان جو نالو مهانامر هيو ۽ اهو گوتم جي پيروڪارن مان هيو. ڪوليءَ جي راجا، سپرا ٻڌ، يشودهرا، جي پيءُ ڪلئي عام پنهنجي ڌيءَ يشوڌرا جي چڏي ڏيڻ تي ٻڌ کي گهٽ وڌ ڳالهايو ته زمين ڦاٽي پئي ۽ هوانهيءَ ۾ پيهي ويو. گوتم اتان سڌو جتاون وهارا واپس هليو آيو ۽ اتي هن پرچار ڪيو ته ڌرم تي هلڻ پنڻ کان بهتر آهي.

سورهون سال:

هو هتان ”الادي“ ويو ۽ هڪ اهڙي ديو (٢٦) کي ”ٻڌ“ بنايائين جيڪو ٻارن کي کائيندوهو.

سترهون سال:

ٻڌ مينهوڳيءَ جي مند راڄ ڳڙهه ۾ گذاري، هتي هن هڪ فاحشه عورت ”سرستيءَ“ جي مرڻ تي وعظ ڪيو. پوءِ اتان سرادستي مان ٿيندو ”الادي“ هليو ويو. اتي هن، هن مسئلي تي زور ڏنو ته جيستائين ڪوبه انسان هڪ بکئي ماڻهوءَ کي ڍؤ تي ماني نه کارائيندو ته مان ان کي پنهنجو وعظ نه ٻڌائيندس. (٢٧) .

ارڙهون سال:

هن مينهوڳي چاليه ۾ گذاري. اتي هن هڪ ڪوريءَ کي دلجاءِ ڏني، جنهن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ پنهنجي ڌيءَ کي ماري وڌو هو ۽ پوءِ هو وري راڄ ڳڙهه هليو ويو.

اڻويهون سال:

ٻڌ ديودنا وهار ۾ مينهوڳي گذارڻ ڪانپوءِ مگڌ راڄ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ پرچار ڪندو ڦرندو رهيو ۽ پوءِ سراد ستيءَ هليو ويو.

ويهون سال:

ٻڌ برسات اتي گذاري؛ "آنند" ڪاڻ پڻ جو پيالو وٺي گڏ هلڻ لاءِ چيو ۽ چاليه ۾ وچي ڪري هڪ ڌاڙيل رنگوليءَ سان مليو ۽ پنهنجي مٺڙي زبان سان هن کي اهڙو ته موهيو جو هو به "ٻڌ" ٻڻجي ويو.

ڪجهه خاص واقعا:

انهيءَ ڪانپوءِ ڪو اهڙو خاص واقعو نٿو ملي، جنهن ڪري سال سال جا غير اهم واقعا نٿا ڏيئي سگهجن؛ ليڪن ڪجهه اهم واقعن جو ذڪر ضروري آهي. تنهن ڪري انهن کي نمبروار لکيو وڃي ٿو. پر ائين نه سمجهيو وڃي ته اهي واقعا نمبر وار ٿي ٿيا آهن. انهن مان ڪجهه پڪ سان اهڙا آهن جيڪي انهيءَ زماني ۾ ٿيا ۽ ڪجهه بعد ۾ ٿيا. ڪنهن به تاريخي ثابتيءَ نه ملڻ ڪري ڪائي ترتيب نٿي ڏني وڃي. بس ايترو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته مٿي بيان ڪيل واقعن کان سواءِ هي واقعا اهڙا آهن جن سان هن مذهب تي ۽ ان جي پيروي ڪندڙن تي اثر ضرور پيو آهي. اهي واقعات هيٺين طرح آهن.

(١) سرادستي، ۾ هڪ مالدار عورت "ويسياڪا" نالي "ٻڌ" ٻڻجي وئي ۽ هن "سنگهه" لاءِ هڪ باغ وقف ڪيو ۽ اتي هڪ وهار، جوڙايو. جيڪو "پوبارام" (پوربي باغ) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. انهيءَ "وهار" ۽ باغ کان ٻڌ مذهب کي شروعات ۾ تمام گهڻي هٿي ملي. پر

پوءِ اهڙي قسم جي باغن بکشن کي آرام پسند بنائي ڇڏيو.

(٢) گوتم جو عزيز "ڪوسمبيءَ" جي ماڻهن کان ڪاوڙجي راج ڳڙهه هليو ويو. اتي ٻمسار جي پٽ "اجات سترو" انهيءَ کري باغ لڳرايو جو هو ان ۾ رهڻ لڳو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ گوتم جڏهن معمولي دوري تي آيو ته "ديوت" خواهش ڏيکاري ته ڪيس هڪ نئون سنگهه پنهنجي هٿ هيٺ قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. "ٻڌ" اها ڳهر نامنظور ڪئي. "ديودت" انهيءَ تي ڪاوڙجي "ٻڌ" جي سنگهه کان جدا ٿي ويو.

انهيءَ زماني ۾ هن "اجات سترو" کي اهڙي طرح ڀڙڪايو جو ان پنهنجي پيءُ راجا ٻمسار کي مارائي وڌو. انهيءَ سلسلي ۾ انهن ماڻهن جي سازش سان ٽي دفعا گوتم کي مارائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، مگر جنهن کي الله رکي تنهن کي ڪير چکي. اهي ماڻهو نراس رهجي ويا. تڏهن ديوت، گوتم جي اڳو سنگهه جي لاءِ هيٺيان شرط پيش ڪيا:

(١) بکشو ڪليل هنڌن تي رهن ۽ شهرن جي ويجهو نه وڃن.

(٢) پيڻ جاڇوڙيل ۽ ڦاٽل ڪپڙا پائن.

(٣) هميشه در، در پني ڪاڌو ڪائين ۽ اهڙو ڪاڌو قبول نه ڪن جيڪو انهن جي رهائشگاهه تي پهچايو وڃي.

(٤) گوشت جي ڀاڄي انهن لاءِ قطعي ممنوع آهي. اها نه ڪائين.

گوتم جواب ڏنو ته اهڙي قسم جو ڪوبه سخت قانون هرويرو ۽ بنا سبب جي نٿو بنائي سگهجي. جيڪڏهن بکشيو پاڻ مرادو انهن ڳالهين جي پابندي ڪن ته سٺو آهي. نه ته شريعت جي طرفان اهڙي سختي ڪري نٿي سگهجي.

گوشت هجي يا ٻي ڪا ڪاڌي جي شيءِ، بکشوءَ کي ڪائڻ جي اجازت آهي، جيڪا انهيءَ ملڪ جي حصي ۾ عام طرح ڪاڌي وڃي ٿي. رڳو ايترو شرط آهي ته ڪنهن شيءِ کي لذت حاصل ڪرڻ خاطر نه ڪاڌو وڃي. ان چيو ته:

"وڻ هيٺان، گهر جي اندر، گهر کان ٻاهر، ڇوڙيل ڪپڙن ۾ ۽ پيڻ جي ڏنل ڪپڙن ۾، ۽ پيڻ جي ڏنل ڪپڙن ۾، گوشت ڪائڻ وقت، گوشت ڪائڻ بنان، به صاف ۽ پاڪ رهڻ ضروري آهي ۽ شريعت جي پابندي ڪرڻ به لازمي آهي"

هڪڙي نموني جو قانون بنائڻ، انهن ماڻهن جي رستي ۾ رنڊڪ پيدا ڪرڻ آهي، جيڪي "نرواڻ" حاصل ڪرڻ گهرن ٿا. منهنجو مقصد هي آهي ته مان ماڻهن کي نرواڻ جو رستو ٻڌايان. (٢٩) ديودت انهيءَ تي ڪاوڙجي هليو ويو ۽ ان "اجات سترو" جي مدد سان هڪ نئون "سنگهه" قائم ڪيو. مگر ديوت گهڻا ڏينهن جيئرو رهي نه سگهيو. انهيءَ جي مرڻ ڪانپوءِ

"اجات سترو" ظاهر ظهور ٻڌ جو چيلو بڻجي ويو، مهر هن گوتم جي جيئري ئي سلطنت وڏائڻ جي مقصد سان ڪپل وستو کي برباد ڪري پٽ بنائي ڇڏيو ۽ ٻڌ مذهب جو مرڪز سراوستي به پنهنجي چنبي ۾ ڪري ڇڏيو.

(۳) سراوشتي شهر جي ويجهو انند چند، جي باغ ۾ ترسيل هيو، ان جو پيارو چيلو "انندا" شهر ۾ پنڻ ويو هو. اتي ان کي اڃ لڳي ته هو هڪ کوهه تي وڃي پهتو ته هڪ گهٽ ذات واري ڇوڪري نالي پراڪرتي کوهه مان پاڻي ڏول رستي ڪڍي رهي هئي. "آنندا" انهيءَ کان پاڻي گهريو، ڇوڪريءَ جواب ڏنو ته هوءَ گهٽ ذات واري ڇوڪري آهي، تنهن ڪري تون انهيءَ جي هٿ جو پاڻي نٿو پي سگهين" "آنندا" چيو ته "ادي! مان تنهنجي ذات نٿو پڇان. جيڪڏهن پاڻي پيارڻو اٿئي ته پيار"، ڇوڪريءَ انهيءَ جواب تي ريجهي پئي ۽ هن پاڻي پياريو. هوءَ انهيءَ ڪوشش ۾ رجهي ويئي ته هن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان "نندا" جي ويجهڙائي حاصل ٿئي. هن نندا کي ڦاسائڻ جي گهڻي اٽڪل ڪئي مگر هوءَ ناڪامياب رهي. هڪ ڏينهن "نندا" جي تعاقب ۾ "ٻڌ" تائين وڃي پهتي. ڳالهين، ڳالهين ۾ هن جي چوٽ کاڌل دل کي دنيا کان موڙيو ويو ۽ "پراڪرتيءَ کي به سنگهه، ۾ شامل ڪيو ويو.

گهٽ ذات واريءَ ڇوڪريءَ کي سنگهه ۾ شريڪ ڪرڻ برهمڻن کي ڏاڍو اگرو لڳو، ڇو ته انهيءَ فرمان سان ذات پات جي قيد جو خاتمو اچي ويو ۽ اهي گوتم کي تڪليفن ڏيڻ لاءِ تيار تي ويا، مگر خدا جي قدرت سان انهن جي هرڪا بچڙائي ڀلائيءَ ۾ تبديل ٿي ويندي هئي ۽ جنهن به راجا کي اهي گوتم جي خلاف ڀڙڪائيندا هئا، اهوئي راجا گوتم جو مريد ٿي ويندو هو.

آخري ٽي مهينا:

گوتم جو پهريون دفعو ڪپل وستو وڃڻ ۽ انهيءَ شهر جي ناس ٿيڻ تائين جيڪي حالتون بيان ڪيون ويون آهن، اهي قصن ڪهاڻين تي ٻڌل آهن، مگر ان جي موت کان ٽي مهينا اڳ ۾ جا واقعا "پٽڪ جي انهيءَ حصي ۾ جيڪو مهاپري بنان" سڏيو وڃي ٿو. ملن ٿا انهيءَ مطابق گوتم پنهنجي مشن جي چاليهين برسات وهار سراوستي ۾ گذاري ۽ اتان راڄ ڳڙهه جي واديءَ ۾ گڏ چوٽيءَ، تي اچي پهتو. "اجات سترو" انهيءَ وقت وجين قبيلي تي حملي ڪرڻ جي تياري ڪري رهيو هو. گوتم گنگا ندي اتان ٽپيو جتي اڄڪلهه پٽنا، جو شهر آهي ۽ اتي انهيءَ وقت، اجات سترو قلعو تعمير

ڪرائي رهيو هو. اهوئي قلعو اڳتي هلي "مگڌ" جي بادشاهن جي گاديءَ جو هنڌ پاٽلي پتر، بڻيو.

گوتم اتان امبا پاليءَ ويو اتان جي مشهور "وئشا" هن کي دعوت ڏني، وچين روسا، کي انهيءَ جو وهم ۽ گمان به نه هو ته ڪو گوتم ٻڌ انهيءَ ناپاڪ عورت جو نجس ڪاڌو کائيندو. تنهن ڪري يارن خوب ٺوڪبازي ڪئي. انهيءَ تي وئشا دلشڪسته ٿي ۽ خاموش ٿي روئڻ لڳي. اوچتو ٻڌان جي گهر اچي نڪتو ۽ ان بنان ڪنهن عذر جي ڪاڌو کاڌو..

نتيجو اهو نڪتو ته رنڊي انهيءَ وقت توبه تائب ٿي ۽ سنگهه ۾ شامل ٿي ويئي. گوتم اتان پيلوگا، تائين ويو ۽ مينهوڳي جي منڊ اتي گذاريائين. انهيءَ هنڌ تي هو ايترو ته عليل ٿي پيو جو هو پنهنجي حياتيءَ مان مايوس ٿي ويو ۽ هن چوڻ شروع ڪيو ته هاڻي هو گهڻا ڏينهن جيئرو رهي نه سگهندو. مگر مينهوڳي ختم ٿيندي ئي هو انهيءَ حالت ۾ ٻاهر نڪري پيو ۽ مختلف ڳوٺن ۾ وعظ ڪندو ۽ ٻڪشن کي ميڙيندو ۽ انهن کي ٻڌي ۽ ايڪي ۽ پاڪائي جي نصيحت ڪندو ڪوسي نگر ڏانهن هلي پيو ۽ اهو هنڌ هن وقت ڪسيا، نالي سان سڏيو وڃي ٿو. گورکپور ضلعي ۾ تعلقي جو صدر مقام آهي. ڪنهن زماني ۾ هتي "ملا" قوم جو راڄ هيو. ان قوم جي هڪ شاخ جي گاديءَ جو هنڌ ڪوسي نگر ۽ ٻيءَ شاخ جو پاوا هيو.

انهيءَ هنڌ تي گوتم پنج سو چيلن سان اچي پهتو ۽ چندا سوناري جي باغ ۾ اچي ٽڪيو. هتان جي رئيسن هڪ نئون سنت نگر يا پبلڪ هال جوڙايو هو. انهن جي عرض تي گوتم پنهنجي مبارڪ هٿن سان، انهيءَ جو افتتاح ڪيو ۽ هڪ اثرائتو پرچار ڪيو، ٻئي ڏينهن تي "چندا" دعوت ڪئي ۽ ٻڪشن کي چانور ۽ ڪينتي جي ڀاڄي کارائي. (٣٣)

ڪاڌو کائي ٿوري جهٽ لاءِ گوتم آرام ڪيو ۽ ٽپهريءَ جو ڪوسي نگر (ڪسيا) ڏانهن روانو ٿيو. ٿورو ئي اڳتي وڌيو ته سندس پيٽ ۾ وڪڙ پوڻ لڳا ۽ پيچش جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. پرسان "ڪوڪشتا" ندي وهي رهي هئي، اتي ترسي پيو "ننڌا" کان پاڻي گهرائي پيتائين ۽ سنان ڪيائين. انهيءَ ڏينهن شام جو ڏاڍي تڪليف سان ڪوسي نگر ٻاهر هڪ باغ ۾ پهتو. گوتم جو اهوئي آخري آرام گاهه هيو.

ڪوڪشتا نديءَ جي ڪنڌي تي ئي پاڪ باطن گوتم هي جاڻي ورتو ته هو هاڻي گهڙي سوا جو مهمان آهي. بار بار کيس اهو خيال ستائي رهيو هو ته ڪٿي ويچاري چندا کي دوشي قرار نه ڏين ته هن ئي گوتم کي اهڙي شيءِ کارائي آهي جو ان جو سر هليو ويو. انهيءَ ڪري گوتم خاص طور پنهنجي پياري چيلي "آنند" کي چيو " چندا" کي چئه ته هو ايندڙ جوڻ ۾ وڏا انعام حاصل ڪندو. ڇو ته مان انهيءَ جي کاڌي کائڻ سان هن دنيا مان

وڃي رهيو آهيان.“ ۽ انهيءَ کي وڏيڪ چئجانءِ ته تو هيءَ ڳالهه منهنجي زبان مان ٻڌي آهي ته هديا سڀ کان وڌيڪ متبرڪ سمجهيا ويندا. هڪ سجاتا جو تحفو جو مونکي ٻوڍي وڻ جي هيٺيان ٻڌ. ٿيڻ کان پهريائين مليو ۽ ٻيو ”چندا“ جو هي تحفو جيڪو مون کي مرڻ کان اڳ ۾ مليو.

ان کان پوءِ گوتم آنند کي دفن ڪفن جي باري ۾ حڪم ڏنا ۽ ان کي ٻڌ مذهب جي شريعت جي باري ۾ آخري هدايتون ڏنيون. تڏهن وڃي آنند کي پڪ ٿي ته شفيق گروءَ جو واقعي ئي آخري وقت آهي ته هو زار زار روئڻ لڳو. گوتم هن هيٺين تسلي ڏني ته ”آنند! گهبراءِ نه، روڄ راڙونه ڪر، ڇا مان توکي اهو نه ٻڌايو ته اسان سڀني کي انهن شين کان جدا ٿيڻو پوندو، جن سان اسان پيار ڪيون ٿا. يا جن مان اسان کي خوشي حاصل ٿيندي آهي؟ ڪابه شيءِ توڙي جو ڪنهن به نموني سان پيدا ٿي آهي يا نهي آهي هن زوال کي روڪي نٿي سگهي، جيڪو ان جي جوڙجڪ ۾ شامل آهي، آنند! تون پنهنجي نيڪ ڪردار، سچن قولن ۽ خيالن سبب منهنجي تمام ويجهو رهيو آهين ۽ تون هميشه ڪامياب رهيو آهين. صبر کان ڪم وٺ ۽ تون به زندگيءَ جي اڄ ۽ جهالت جي زنجير کان بالڪل ڇوٽڪارو حاصل ڪندين.

انهيءَ نصيحت کان پوءِ چيلن جي آڏو گوتم آنند جي وڏائي بيان ڪئي ۽ تاڪيد ڪيو ته اهي هميشه ان جو احترام ۽ قدر ڪندا رهن.

آخري وعظ:

رات جي وقت سويدار، ٻانيڻ ڪجهه سوال ڪرڻ آيو. گوتم ان وقت بيهوشيءَ واري حالت ۾ هيو. آنند ان کي جهليو مگر ٻڌ، آواز ٻڌو ۽ اکيون کوليائين ۽ ٻانيڻ کي پير ۾ ويهاري سندس خواهش پڇيائين. هو ڪجهه مابعد الطبيعاتي مسئلن تي سوالن جا جواب ڄاڻڻ تي گهريا. ٻڌ چيو ته مون ۾ اينتري طاقت ڪانهي جو تنهنجي سوالن جا جواب ڏيان. البته پنهنجو مسلڪ سمجهائي سگهان ٿو“ ۽ انهيءَ هالاتي واري وقت ۾ هن پنهنجا اصول نهايت خوبيءَ سان سمجهايا جو سويدر ايمان آندو ۽ ٻڌ ٻڌجي ويو. پوءِ گوتم بکشن کي ويجهو سڏي نصيحتون ڪندو رهيو ۽ هدايتون ڏيندو رهيو. ان جا آخري لفظ هي هئا:

بکشو! مان توهان کي پوريءَ طاقت سان چوان ٿو ته هر مرڪب شيءِ م زوال پزيري خلقي طور موجود آهي. توهان پنهنجي ڇوٽڪاري لاءِ ڪوشش ڪندا رهو، اهو چئي هو بيهوش ٿي ويو ۽ انهيءَ ئي حالت ۾ ئي دنيا مان موڪلائي ويو. هي واقعو ۴۸۸ ق.م ۾ پيش آيو. (۳۴)

دفن ڪفن:

چيلن ۾ گهڻيءَ دير تائين انهيءَ ڳالهه تي بحث ٿيندو رهيو ته دفن ڪفن ڪهڙي عنوان سان انجام ڏنو وڃي، آخرڪار آنند،جو فيصلو مڃيو ويو ۽ لاش کي وڏي شان سان بيند باجن سان مڪتا بنڌن، جي مندر ۾ ڪٽي ويا ۽ ان کي چڪرورتي راجائن وانگر سازيو ويو ۽ ”چتاءَ کي ڪيوڙي ۽ گلاب جي پاڻيءَ سان وسايو ويو. انهن پوءِ هڏين کي ڪنو ڪري مخث ڪسيا جي سنت گهرو ۾ آندو. ڪيترن راجائن انهيءَ مقدس يادگار ۾ حصو گهريو. مگر اهي پاڪ هڏيون فقط پاوا جي راجائن ۽ ڪوسي نگالا ۾ ورهايون ويون. جن عاليشان گنبذ پنهنجي پنهنجي حصي جي هڏين تي جوڙايا، انهن مان هڪ گنبذ حال ۾ ئي ڪسيا، جي ويجهو لڌو ويو آهي ۽ پٽر جو ڪتبو به مليو اهي. جنهن مان ثابت ٿيو ته ”ڪسيا“ ئي قديم زماني جو ڪوسي نگلا (ڪوسي نگر) آهي. مگر پاوا جي باري ۾ ڪوجنا هن وقت تائين اڌوري آهي.

حوالا

١- اج ڪالهه سرهاندي ڪونجي ٿي.

٢- ڪجهه مورخن جو خيال آهي ته ساڪيا، جولفظ ”شڪ“ مان نڪتو آهي ۽ اهڙي طرح هي قبيلو شاڪ قوم وانگر مغل هو، مگر ڪل مورخن کي انهيءَ سان اختلاف آهي ۽ اهي هن سڪيا قبيلي کي جنهن ۾ گوتم پيدا ٿيو آريا ئي مڃين ٿا.

٣- ان جو نالو مهايا هو. هن کي ٻڌن ۾ اهائي عظمت حاصل آهي، جيڪا عيسائي مذهب ۾ حضرت مريم کي آهي.

٤- هن وقت هي هنڌ ”رامنديئي“ نالي سان سڏجي ٿو. هي نيپال جي رياست ۾ آهي ۽ ٻيلن ۾ واقع آهي. هن جي ويجهوجيڪا ندي آهي،انهيءَ کي ”تيل“ درياءَ ٿا ڪوٺن،اهونالو پراڻن مذهبي ڪتابن ۾ به آهي. (ڏسو ضميمونمبر ٣)

٥- ٻڌ ۽ ان جو مت، مترجم شيونرائڻ شميم ۾ ٦٢٤ ق.م ڏنل آهي. مگر جيڪڏهن اشوڪ جي تاج پوشيءَ سان حساب لڳايو وڃي ته اهو ٥٦٥ ق.م ۾ پيدا ٿيو. ڏسو ص ٤١ وفات جي سن جي تحقيق.

٦- مغربي مورخن هن قصي کي ٻن سببن جي ڪري غلط قرار ڏنو آهي.

هڪ تہ هي تہ دکني روايتون هن کي شاديءَ کان پوءِ جو واقعو ٻڌائن ٿيون ۽ ڏاکڻيون روايتون شاديءَ کان پهريائين جو. پيو هي تہ انهيءَ مقابلي جو احوال تمام وڌائي لکيو ويو آهي، ليڪن انصاف پسندي هن مقابلي کي سچو سمجهي ٿي.

مبالغہ آميز واقعن کي ڪڍي ڪري پوءِ ڏسبو تہ هي ممڪن آهي تہ پنهي موقعن تي مقابلو ٿيو هجي ۽ گوتم پنهنجي قبيلي ۾ سڀ کان سٺو سپاهي ٿيو هجي. هر مذهب جو حامي غير معمولي شخصيت جو مالڪ رهيو آهي ۽ گوتم جي غير معمولي شخصيت هجڻ ۾ ڪو شڪ نٿو ڪري سگهجي.

٧- راج ڳڙهہ هاڻي راج گيند سڏجي ٿو، بمبار (٨٩٨ کان ٢٧٣ ق.م) جيڪو شهر آباد ڪيو هو، ان جا نشان هاڻي بہ ملن ٿا.

٨- رائس ڊيوڊس

٩- هن سان ملندڙ جلندڙ واقعو پيو بہ آهي تہ جنهن ۾ حضور نبت شعيب حضرت موسيٰ کي دعوت ڏني هئي.

١٠- اسٽوري آف ٻڌ ازم کي - جي سونڊرس صفحو ٢٣

١١- نجگيسوجيءَ هن جو نالو، ارز ڪلم ٻڌايو آهي

١٢- چرخ حيات، هتي چرخ حيات مان مراد اهڙي شهنشاهہ جو رٿ يا ڦيٿو آهي جيڪو ساري دنيا جو فاتح هجي.

١٣- هي هنڌ پوءِ "ڏمڪ" جي نالي سان سڏيو ويو. اشوڪ هتي ٽين صدي ق.م ۾ هڪ يادگار قائم ڪيو هو. جنهن کي چيني سياحن ڏٺو هو. هن جا آثار اڃا بہ موجود آهن، هن هنڌ جو پتو ١٨٦٢ع ۾ پيو. انهيءَ سن جي آثار قديمہ جي رپورٽ ۾ هن جا ڪيترائي تفصيل موجود آهن. هي اهوئي هنڌ آهي جنهن کي "سارناٿ" چيو وڃي ٿو ۽ جيڪو هلندڙ وقت ۾ هندوستان ۾ ٻڌ مذهب جي يونيورسٽي جي صورت اختيار ڪرڻ وارو آهي.

١٤- اهو بالڪل غلط آهي تہ ان لاءِ گلن جي سيج وڇائي ويندي هئي جڏهن تہ هو سنگهہ وارن لاءِ خوشبو، هار ۽ روغن جو استعمال سٺو نہ سمجهندو هو تہ پوءِ پاڻ اهي ڪيئن استعمال ڪري پئي سگهيو. ٻڌ جهڙيءَ عظيم هستيءَ جي قول ۽ فعل ۾ تمنا جي اميد ڪيئن ڪري سگهجي ٿي.

١٥- انهن جا نالا هي هئا، ڪونڊنيا، ڏپ، پدري، مهانام ۽ اشرجن.

١٦- امير احمد علوي.

١٧- رائس ڊيوڊس.

١٨- امير احمد علوي.

١٩- مان مهاتما جو لفظ گوتم جي لاءِ استعمال ڪندي خود انهيءَ ڪري هبڪان ٿو تہ بقول دکني ٻڌن جي تہ آتما يا روح جو قائل نہ هيو. ليڪن هتي تہ علوي صاحب جو قول نقل ڪيل آهي ۽ "نقل را چہ عقل".

۲۰- رائس ڊيوڊس هن واقعي کي انهيءَ ڪري غلط ٿو چوي ته ان جي نزديڪ انهيءَ تي يقين ڪرڻ سان "يشوڌرا" جي بي عزتي ٿئي ٿي. مگر ائين چو نه سمجهيو وڃي ته يشوڌرا به اهوئي پئي گهريو ته راهول کي پيءُ جي دولت بصيرت جي ميراث ملي ۽ ان کي به نرواڻ جي رياست حاصل ٿئي.

۲۱- ٻڌمت جو سال مينهوڳيءَ کان ئي شروع ٿئي ٿو، سبب هي آهي ته گوتم سال ۾ اٺ مهينا تبليغ ڪندو هو. مگر مينهوڳيءَ جا چار مهينا ڪنهن خاص هنڌ تي آرام ڪندوهو. برسات کي پالي زبان ۾ "واس" چوندا آهن جيڪو سنسڪرت لفظ "ورشا" جي بگڙيل صورت آهي. لنڪا ۾ اڄ به ٻڌ مذهب وارا برسات لاءِ "واس"ئي استعمال ڪندا آهن ۽ سال جي شروعات انهيءَ مند کان ڪندا آهن.

۲۲- جنرل ڪنگهم جو خيال آهي ته هي اهوئي هنڌ آهي جيڪو هن وقت ساهت ماهت جي نالي سان اوڌ ۾ موجود آهي.

۲۳- هي واقعو حضرت يوسف ۽ زليخان جي واقعي سان نهڪي اچي ٿو.

۲۴- هن جي هڪ حصي جو ترجمو انگريزي زبان ۾ "سرڪانو" سواميءَ سوت تپات جي نالي سان ڪيو آهي.

۲۵- قارون جي واقعي سان ملندڙ جلندڙ آهي.

۲٦- شايد وحشي قومن ۾ ڪو آدمخور هجي.

۲۷- هن مان ٻڪ جي اهمت ظاهر ٿئي ٿي ۽ ٻڪ کڻڻ جي روڪ به.

۲۸- هي واقعو بقول مهائونس بينگڊت ۽ هار ڊي ٻڌ جي تبليغي مشن جي ۳۷ سال ۾ ٿيو.

۲۹- رائس ڊيوڊس.

۳۰- هن واقعي تي اوچي ذات جي هندن گهڻو ئي ٻوٽ ڪنو ڪيو پر ٻڌ هن کي ڪا به اهميت ڪانه ڏني.

۳۱- امير احمد علوي صاحب غلطيءَ کان امباپالي، کي وئشا سمجهيو آهي. هي هڪ هنڌ جو نالو آهي، هي ڳوٺ پٽنا کان ٿوريءَ وٿيءَ تي اڄا به موجود آهي.

۳۲- پاوا جي باري ۾ خيال آهي ته هي موجوده وقت جو پاوايوري آهي. مگر پاوا پوري پٽنا ضلعي ۾ بهار شريف جي ويجهو آهي. اتان "ڪيسا" اٽڪل سٺ ميلن تي آهي. انهيءَ ڪري اهو ممڪن هو ته گوتم انهيءَ سخت هيٺي حالت ۾ به هڪ ئي ڏينهن ۾ ايتري گهٽي مسافري ڪري ها. عقل اهوئي چوي ٿو ته اهو پاول، جنهن جو انهيءَ سلسلي ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ جتي گوتم چندا جي دعوت کاڌي هئي اهو ڪيسا، جي ويجهو ڪو پيو هنڌ هو.

۳۳- اصل پاليءَ ۾ سڪر مردوءَ جو لفظ اچي ٿو. مغربي مورخن انهيءَ جو

ترجمو سوئر جو گوشت، ڪيو آهي. مگر اهو صحيح نہ آهي. شڪر مردو جي معنيٰ آهي، ڪنپيي، ۽ نہ سوئر جو گوشت (ڏسو ضميمو نمبر ٢)

٣٤- سوندرس ۽ امير احمد صاحب جو خيال آهي تہ ٻڌ ٣٨٠ ق.م وفات ڪري ويو. راس ڊيوڊس ٣١٢ ق.م لکيو آهي. شيو نارائڻ شميم ٥٢٤ ق.م تحرير ڪيو آهي، ليڪن حال ۾ اشوڪ جو ڪتبو لڌو آهي، جنهن ۾ لکيل آهي تہ هو ٢٥٦ ڪانپوءِ گوتم جي وفات ۽ ٣٦ سالن ڪان پوءِ آشوڪ جي تخت نشيني هنيو ويو. پروفيسر مڪرجيءَ ثابت ڪيو آهي تہ اشوڪ جي تخت نشيني ٢٧٠ ق.م ۾ عمل ۾ آئي. اهڙي طرح گوتم جو موت ٣٦-٢٧٠+٢٥٦ ق.م ۾ ٿيو ۽ اشوڪ جي تاج پوشيءَ جي لاءِ ڏسو "اشوڪ آرسي مڪرجي.

٣٥- تائون هال.

٣٦- امير احمد

٣٧- صحيح لفظ ڪوسي نگر آهي. تاريخدانن جي ڦڏي لفظ هن ڪي "ڪوسي.لنگا" بنائي ڇڏيو.

باب ٽيون

ٻڌ جي تعليم

جيئن جو اسان پهريائين چئي چڪا آهيون تہ گوتم ٻڌ جي زماني ۾ عام طور تي ڪتاب ڪونہ لکيا ويندا هئا. اهم مذهبي تعليم ۽ اثر لفظن کي نظم ۾ پوئي ياد ڪرائي ويندي هئي، جنهن کي "سوتر" چيو ٿو. انهن نظمن کي ياد ڪرڻ هڪ وڏو مذهبي فرض هيو، تنهن ڪري اٽڪل ٽن سون سالن تائين ٻڌ جي تعليم کي لکيت ۾ نہ آندو ويو. شهنشاه اشوڪ جي وقت ۾ ارڙهين سال ۾ هڪ ڪانفرنس (٢٥٢ ق.م) ڪوٺائي وئي. ان ۾ پهريون دفعو انهن عقيدن کي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو. اهي ڪتاب "تري ٽپڪ" جي نالي سان سڏيا ويا ۽ اهي انهيءَ وقت جي عام بهاري زبان پاليءَ ۾ لکيون ويون. اهي اصل تري ٽپڪ جيڪي پٽنا ۾ تيار ڪيا ويا اهي گم آهن، مهر ان جو هڪ نقل مهيند، ڪٽي لنڪا يو ويو. تنهن ڪري ان جو ترجمو اتان جي زبان سنگاليءَ ۾ ڪيو ويو. تنهن ڪري پنجين صدي عيسوي تائين يعني ست سو سالن تائين هي پاڪ ڪتاب سنگالي زبان ۾ رهيا ۽ پالي زبان جاتري ٽپڪ، گم ٿي ويا. ٢٤٠ هجري ۾ ٻڌ گهوش نالي گيا جو رهڻ وارو هڪ راهب لنڪا ويو ۽ ان سنگالي زبان انهن پوتر ڪتابن کي بيهر پالي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ هاڻي اهوئي "تري ٽپڪ" يعني ٻڌ گهوش جو ترجمو تيل تري ٽپڪ، سيني ڪان وڏيڪ قديم ۽ مستند سمجهيو وڃي ٿو. انهن ڪتابن کي ئي دکني ٻڌن يعني بنيان فرقي وارن جو اعتقاد آهي ۽ اهي ئي هن مذهب جا سيني ڪان وڏيڪ پراڻا ڪتاب آهن.

حافظي جي ڪمزوريءَ ڪري ۽ ترجمي جي ڦير گهير سبب گوتم ٻڌ جي تعليم ڪيتري قدر صحيح صورت ۾ اسان تائين پهتي آهي. انهيءَ جي باري ڪجهہ نٿو چئي سگهجي ۽ اسان انهيءَ تي بہ ويساهہ ڪري نٿا سگهون تہ يورپي مورخن ۽ مترجمن جيڪو پاليءَ جو ترجمو انگريزي زبان ۾ ڪيو آهي، اهو بالڪل درست ۽ صحيح آهي.

خدا ۽ روح:

مطلب تہ موجوده کوجنا جي نظر ۾ جيڪا ڪجهہ گوتم جي متنفق طور تعليم مڃي وڃي ٿي اها هن باب ۾ وچور سان ڏني وڃي ٿي. مگر ان جي بيان ڪرڻ کان اڳ هن امر کي چٽو ڪري ضروري معلوم ٿئي ٿو تہ ان جي تعليم مان هي ظاهر آهي تہ گوتم جيڪي ڪجهہ پيش ڪيو آهي، اهو هڪ مذهب جي بنياد وجهندڙ (١) جي حيثيت سان پيش نہ ڪيو آهي. ان جو سمورو زور اخلاق ۽ عمل تي آهي. هو انسان کي ما بعد الطبيعاتي جهڳڙن ۾ منجهائڻ ۽ انهيءَ کي خيالي پلاون پچائڻ لاءِ نہ ٿي اياريو. پر هن انسان جي زندگيءَ کي زميني جنت بنائڻ تي گهريو. هن خدا جي باري ۾ ڪائي ڳالهہ چٽي ۽ صاف صاف نہ چئي. هن جو خيال هوتہ خدا جي بازي ۾ سوچ ويچار ڪرڻ. زندگيءَ لاءِ فائديمند تہ آهي. هو هن دنيا کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي جهانن جو قائل هيو. پر هو ٻئي جهان يعني آخرت جو قائل نہ هو. هن،هن دنيا جي وجود ۾ اچڻ جي سببن تي بہ ڪا خاص روشني ڪا نہ وڌي آهي. هن جو سمورو فلسفو هن حياتي ۽ ان جي اخلاقي نتيجن تي ٻڌل آهي. جيئن تہ هو انهيءَ ماحول ۾ پيدا ٿيو هو جيڪو ٻيءَ جوڻ، جو سختي سان قائل هيو ۽ انهيءَ تي پڪو ويساه رکندو هو. تنهن ڪري هن پنهنجي فلسفي ۾ بہ انهيءَ نظريي کي داخل ڪيو ۽ ان کي اخلاقي سڌاري جي اهميت ظاهر ڪرڻ جو هڪ خاص هٿيار بنايو. هو روح جو قائل نہ هو ۽ نہ وري ان کي جسم کان ڪا جدا شئي مڃيندو هو.

فلسفو:

هو انهيءَ ڳالهہ تي گهڻو زور ڏيندو هو تہ هن جهان ۾ جيڪي بہ شيون آهن اهي سببن ۽ علتن جي هيٺان اچن ٿيون ۽ هر ڪا شيءَ هر گهڙي غير محسوس ۽ نامعلوم طريقي سان متبي رهي ٿي. يعني هر شيءَ متا ستا ۽ ڦير گهير جي علت جي هٺ هيٺ آهي. هو اسان وانگر دوزخ ۽ بهشت کي نہ مڃيندو هو، مگر اهو تسليم ڪندو هو تہ ڪجهہ اهڙا جهان آهن، جتي ديوتا رهن ٿا. مگر هن جي خيال ۾ انهن ديوتائن جون حياتيون بہ انهيءَ حد تائين مادي يا غيرمادي ٿي سگهن ٿيون. جنهن حد تائين انهن پهرين جنمن ۾ نيڪيون ڪيون آهن. هو چوندو هو تہ ديوتا بہ انسانن وانگر مرن ٿا ۽ انهن جا جهان بہ انهن سان گڏ ختم ٿي وڃن ٿا. هو چوندو هو تہ اهڙيون ڏک

ڏيندڙ جايون بہ آهن جتي ديوتائن ۽ انسانن جي بڇڙن عملن جي ڪري نهايت ئي نيچ ذاتيون پيدا ٿينديون آهن. مگر جڏهن پهرين جنم جي بڇڙاين جو اثر ختم ٿي ويندو آهي تہ اهي جڳهيون بہ گم ٿي وينديون آهن. انهن سڀني دنيائن ۾ لڳاتار ڦيريون گهيريون ٿينديون رهنديون آهن. انقلاب ايندا رهندا آهن. انهن جي نهڻ ۽ ڊهڻ جو هڪ دور لڳاتار آهي، جنهن جو اڳ ۽ پڇاڙي انسان جي علم کان ٻاهر آهي. ڌاهہ ۽ ناهہ(٢) جو قانون عام آهي ۽ انهيءَ کان انسان توڙي ديوتا آزاد نہ آهي. اهي جزا جن جي ترڪيب سان هڪ ساهوارو وجود نهيو آهي. انهيءَ جو فنا ٿيڻ هڪ نہ هڪ ڏينهن ضروري آهي. هيءَ انسان جي جهالت ۽ خود فريبي آهي تہ هو سمجهي ٿو تہ هو جهان جي سڀني شين کان الڳ ٿلڳ آهي ۽ موجود بالذات آهي. (٣)

ٻار جيئن جيئن وڏندو ويندو آهي، تہ ان جي دماغ ۾ هڪ اڻ چتي درپن وانگر آسي پاسي جي دنيا جو اولڙو پوندو آهي ۽ هو غير شعوري طور پاڻ کي انهيءَ اڻ چٽيءَ دنيا جو مرڪز سمجهندو آهي. هوربان هوريان اهو گولڙو ويڪرو ٿيندو ويندو آهي. پرجوين جي اچڻ تائين بہ انسان کي پنهنجي باري ۾ ڏوکو ٻاقي هوندو آهي. هو پنهنجي جيناتي سڌن ۽ فڪرن ۾ گذاريندو آهي ۽ اهڙين شين جي حاصل ڪرڻ جي سڌ رکندو آهي، جن جي ملڻ سان هن کي خوشي ڪانہ ملندي آهي، پر اهي ٻين نين خواهشن جو سبب بڻبيون آهن. اهڙي طرح هو هميشہ ڪنهن نہ ڪنهن سڌ جي پوري ڪرڻ ۾ رڌل هوندو آهي. اڪثر ماڻهن جون سڌون ۽ خواهشون ذليل ۽ پست هونديون آهن. مگر اها تورائي بہ جنهن جون سڌون بلند هونديون آهن، اهي بہ خودغرض ۽ پاڻ پٽي واريون ٿي وينديون آهن ۽ نتيجي ۾ پاڻ کي اڪائي ۽ ڏک جو حقدار بنائينديون آهن.

شين جي جسمي جوڙجڪ:

اسان انهن سڀني کان مجبور آهيون تہ پاڻ پٽي ۽ ٻين بڇڙاين تي نظر وجهون، تنهن ڪري گوتم جي نظربي هيٺ انسان جداجدا صفتن ۽ گهرجن جو مرڪب آهي ۽ اهي سڀ شيون يا تہ مادي آهن يا مادي جو نتيجو آه.ن ان ڪري انهيءَ مرڪب انسان جي ترڪيبي جزن کي گوتم هن طرح بيان ڪيو آهي.

(١) مادي خصوصيتون، صفتون يا روپ ٢٨ آهن:

(الف) چار عناصر - مٽي- باهہ پاڻي، هوا ۴

(ب) پنج حواس - اک، نڪ، ڪن، زبان ۽ بدن ۵

(ڇهاءَ جي لاءِ)
(ج) مادي جون پنج خاصيتون: صورت، آواز، بوءِ، مزو ۽ جوهر 5
(د) جنس مذڪر ۽ مونث 2
(ر) ٽي ضروري حالتون، (4) خيال، حياتيءَ جي سگهه، وقت ۽ جاءِ 3
(س) اطلاع جا ٻه وسيلا گفتگو، اشارو 2
(ش) زنده جسمن جون ست صفتون، کني هجڻ جي صلاحيت 7
بحال هجڻ جي صلاحيت، استعمال جي صلاحيت سگهه، ڪمزوري
(گهٽتائي)
تبديلي ۽ لچڪ (28)

(2) احساس (ايمان):

ڇهن قسمن جا هوندا آهن، پنج ته اهي آهن جيڪي پنجن- اندرين جي وسيلي پيدا ٿيندا آهن. ڇهون ذهني، جيڪو حافظي جي ذريعي پيدا ٿيندو آهي. انهن مان هر هڪ جا ٽي قسم آهن.

(1) مقبول (2) غير مقبول (3) وچٿرو (يعني جيڪو نه مقبول هجي ۽ نا مقبول) هجي)

(3) اکيلا ۽ گڏيل تصور:

انهن جا ڇهه قسم آهن، اهي سڀ جا سڀ انهن ڇهن احساسن سان واسطو رکن ٿا، مثلاً رنگ، وڻ ۽ جهرڪي وغيره جو تصور ڏسڻ سان واڳيل آهي. منان جو تصور چکڻ واري ذائقي سان آهي ۽ خوشبو جو سنگهڻ سان آهي. وغيره.

(4) سگهه ۽ لاڙو:

(سنڪار) هنن جا ٻاونجاه قسم آهن. اهي قسم هڪ ٻئي لاءِ رنڊڪ نه آهن. مگر انهن (سنگهارا) ۽ انهن ۾ فرق هي هوندو ته جيتريون شيون اڄ ڏينهن بيان ڪيون ويون آهن، اهي سڀ خارجيت سان واسطو رکن ٿيون، مگر جيڪي هاڻي بيان ڪيون وينديون اهي سڀ داخلي آهن.

(1) (ڦاسا) التصال (ميلاپ) (2) دوان يعني التصال جي نتيجي ۾ احساس (3) احساسن جي سامان جو نتيجو، چڙوچڙ خيال (4) چشنا، خيالن يا احساسن جو جوڙڻ. (5) مناسيڪار غور ويچار ڪرڻ، خيالن جو ورجائڻ (6) ستي، حافظو (7) جيون ندريه، حياتيءَ جي سگهه (8) اڪاگانا، شخصيت (9) ونڪ، ڌيان (10) ويڪار، تفشيش (11) ويريه، ڪوشش (12) اوهيموڪا استواري (13) پتي، خوشي (14) چند، چنتا ۽

تحريڪ (١٥) بي رخي (١٦+١٧) ٿين ۽ ٻڌ، نرم ۽ بي حسي (١٨+١٩) موهہ ۽ پنا، ذهانت ۽ ڪند ذهني (٢٠+٢١) لوڀ ۽ الوڀ، حرص ۽ قناعت (٢٢+٢٣) اتپ ۽ انوتپ ڏر ۽ نڏر (٢٤+٢٥) هري ۽ اهريڪ، حياءُ ۽ بي حيائي (٢٦+٢٧) دس ۽ ادوس، نفرت ۽ محبت (٢٨+٢٩+٣٠) وسيڪچا، سڌا، وٿي، شڪر، عقيدو ۽ وهم (٣١+٣٢) پسدي، سڪون، جسماني يا دماغي (٣٣+٣٤) لهونا، جسماني يا دماغي ڦڙتي، (٣٥+٣٦) مدونا، جسماني يا دماغي نرمي (٣٧+٣٨) ڪم فنا، جسماني يا دماغي استعمال (٣٩+٤٠) پگوناتا، جسماني ۽ دماغي مهارت (٤١+٤٢) حلوڪاتا دماغي ۽ جسماني بينلائپ (٤٣ کان٤٥) ستما تقرير، عمل يا زندگي جي مناسبت (٤٦) ڪرونا، دردمندي (٤٧) مورنا، ٻين جي خوشيءَ ۾ خوش ٿيڻ. (٤٨) افتا، ٻين جي خوشيءَ تي رِيس ۽ غم ڪرڻ (٤٩) مچاريا، خود غرضي (٥٠) ڪڪا، تڪائي (٥١) اوڏڪا، خودبيني (٥٢) مانو، تڪبر.

(٥) ونان - خيال ۽ شعور:

هي آخري سڪند آهي، هن جو هند دل آهي (١٠) ۽ انهيءَ جا ٨٩ قسم آهن ۽ انهن جي ورڇ خراب ۽ سٺي لحاظ کان ڪئي ويئي آهي. انسان جو جسم ۽ دماغ انهن پنجن شين جو مرڪب آهي. تنهن ڪري ٻڌ هڪ تمثيل وسيلي هن مسئلي کي هيئن سمجهايو آهي. "پهرين جٿي جي مادي صفتن جو مثال گج جي ڍير وانگر آهي، جيڪو هوريان هوريان ڪنو ٿيندو ويندو آهي ۽ پوءِ گم ٿي ويندو آهي. ٻئي جٿي جي احساسن مثال پاڻيءَ جي ڦوٽي وانگر آهي، جيڪو پاڻيءَ جي مٿاڇري تي نچندو رهندو آهي، ٽئين جٿي جي تصورن جو مثال ڏوڪو آهي. جيڪو اس ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. چوٿين جٿي جي دماغي ۽ اخلاقي لاڙن جو مثال ٿڙ وانگر آهي، جيڪو نه سخت هوندو آهي ۽ جميل ۽ آخري جٿي جا خيال جادوءَ يا تماشي وانگر آهن. انهن مان ڪو به روح ڪوني نٿو سگهجي. جسم هميشه متبو رهندو آهي. اهڙي طرح ان جو ڪم ۽ صلاحيتون به متبيون رهنديون آهن. انسان ٻيءَ گهڙيءَ ۾ اهو نه هوندو آهي، جيڪو پهرين گهڙيءَ ۾ هيو، اها هن جي ڳهيلائپ آهي، جو هو پاڻ کي اڻ ڦرندڙ ۽ متجندڙ سمجهي ڪري پنهنجي اندر هڪ روح کي مڃيندو آهي. تنهن ڪري ٻڌ مذهب جي چيلن جو خاص فرض آهي ته اهي شخصيت ۽ روح جي خيال کان تاروڪن. ڇاڪاڻ ته روح تي ويساهہ سيني سڀني مان هڪ سبب آهي، جنم، زوال، موت، غم، افسوس ۽ ڏک جو.

ٻڌ جا روح جي مسئلي تي هيٺيان زباني پرچار نقل ٿيل آهن:

روح جو نہ هجڻ:

ڀڪشو! روح جي باري ۾ جدا جدا عالمن ۽ برهمڻن جيڪو بہ نظريو پيش ڪيو آهي، اهو هي آهي تہ "ياتہ اهو پنجن سڪندن (صفتن) جو ميڙ آهي، يا انهن مان هڪ سڪند (صفت) آهي. انهيءَ ڪري اي ڀڪشو! جاهل ۽ لامذهب اهو آهي.جيڪو نہ عالمن ۽ باشرع ماڻهن جي صحبت ۾ رهي ٿو ۽ انهن جي شريعت (ٻڌ مذهب) کي سمجهي ٿو ۽ نہ انهيءَ مطابق حياتي گذاري ٿو. اهڙو ماڻهو روح جي باري ۾ خيال ڪري ٿو تہ "يا تہ اهو روپ (مادي خصوصيت) آهي يا روپ ۾ شامل آهي،يا روپ مر رهي ٿو. يا هو اهو خيال ڪري ٿو تہ اهو "ويدان" آهي يا ويدان رکي ٿو يا ويدان ۾ شامل آهي. اهڙي طرح باقي ٽن سڪندن (تصور، لاڙا ۽ عقل) جي باري ۾ بہ سوچن ٿا. اهڙي طرح روح جي باري انهن طريقن مان ڪنهن هڪ تي يقين رکڻ سان ان کي "مان" جو خيال پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ ۾ پنج حواس، ذهني صفتون ۽ جهالت ملي وڃن ٿا. انهن احساسن کان، جيڪي جهالت ۽ اتصال جي ڪري پيدا ٿين ٿا. حساس طبيعت ۽ غير شرعتي ماڻهو هن هن مخالطي ۾ سڪ ٿي ويندو آهي تہ "مان آهيان، منهنجو وجود آهي: "مان رهندس مان نہ رهندس، مان مادي صفتن جو حامل رهندس يا نہ رهندس. منهنجا ويچار هوندا يا نہ هوندا مگر ڀڪشو! باشريعت (ٻڌ مذهب جو پابند) چيلي پنجن اندرين رکڻ هوندي بہ انهيءَ جهالت کان آزادي ماڻي آهي ۽ ان کي ساڃاهہ اچي وئي آهي. انهيءَ ڪري هن کي "مان" وغيره جا خيال پيدا ئي نٿا ٿين."

مطلب تہ "روح جو انڪار" ٻڌ مذهب جو هڪ ضروري جزو (هنيان، يا دکني ٻڌن جي مطابق) آهي.

هاڻي انهيءَ مسئلي جو حل ضروري آهي، تان تہ اگر روح ڪا شيءَ نہ آهي ۽ جوڻ (١٢) يعني هر هر جنم وٺڻ بہ صحيح آهي تہ اها ڪهڙي انساني شيءَ باقي رهجي وڃي ٿي جيڪا هر هر جنم وٺي ٿي؟

جوڻ ۽ ڪرم:

گوتم جيئن تہ هندوستان ۾ پيدا ٿيو هو ۽ هتان جي فلسفي جو مطالعو ڪيو هو. انهيءَ ڪري هو تناسخ يعني، جوڻ، کان انڪار ڪري نہ سگهيو. هن انسان جو وري، وري جنم وٺڻ مڃيو، ليڪن جيئن تہ هو روح

جو قائل نہ هو ۽ ان کي جسم کان هڪ جدا شيءِ مڃڻ کان انڪاري تنهن ڪري هن کي مٿين مسئلي جو تسلي بخش جواب ڏيڻو هو، ان انهيءَ جو حل "ڪرم" جي نظريي جي صورت ۾ پيش ڪيو ۽ ان کي هڪ راز، ڇئي سائل کي وڌيڪ سوالن ڪرڻ کان روڪيو.

"ڪرم" واري نظريي جي ماتحت جيئن ئي ڪو حيوان (انسان، جانور، ديوتا) مري ٿو تہ ان جي لاءِ هڪ نئين حياتي گهٽ وڌ آرام سان شروع ٿئي ٿي،هيءَ زندگي خوشگوار يا ناخوشگوار، انهيءَ حالت ۾ مناسبت سان ٿئي ٿي،جنهن نسبت سان هن سنا يا برا ڪم ڪيا آهن. اهو سبب جيڪو نئين حياتيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو، اهو ترشنا (اڃ) آهي يا اپادان (پڪڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ) آهي. پوءِ حواسن جو ظاهري دنيا سان ميلاپ ٿيندو آهي ۽ احساس شروع ٿي ويندا آهن. انهن احساسن سان پيهر اڃ يعني ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي سڌ پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ اڃ جو نتيجو هي نڪرندو آهي تہ انهن سڌن کي پوري ڪرڻ يا قابوءَ آڻڻ جي فڪر (اپادان) ۾ تيزي اچي وڃي ٿي.

اهو فڪر يا اپادان انهيءَ نئين فرد کي وجود ۾ آڻي ٿو ۽ انهيءَ فرد جو ماحول، فطرت ۽ مستقبل، اهوئي "ڪرم" طئہ ڪندو آهي. جيڪو انهيءَ جي پهرين جنم جو ڦل هوندو آهي. "ڪرم" جي انهيءَ نظريي ٻن حدن جي وچ ۾ هڪ وچٿرائي پيدا ڪئي آهي. هڪ حد تي اهي ماڻهو آهن، جيڪي روح جا قائل آهن ۽ ان کي غير فاني شئي ٿا مڃين. ٻيءَ حد تي اهي ماڻهو آهن جيڪي اخلاقي انصاف، آخرت جي حساب ڪتاب جا انڪاري آهن. ٻڌ مذهب پيروڪار روح جو قائل نہ آهي، مگر هو انهيءَ تي ضد ٻڌي بيٺو آهي تہ ۽ ان جو ڦل ملڻ ضروري آهي. تنهن ڪري انسان جو اخلاقي فرض آهي تہ هو نيڪ بڻجي ۽ عمل صالح ڪري.

مگر سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن روح نٿو رهي تہ عملن جو نتيجو ڇو؟ ٻڌ مذهب چوي ٿو تہ روح نٿو رهي پر ڪرم رهي ٿو. يعني هر فرد جا عمل، تقرير ۽ ويچار جا نتيجا باقي رهن ٿا ۽ اهو ڪرم فنا نٿو ٿئي. اهوئي ڪرم مئل شخصيت جي جزن کي ڪٺو ڪري ۽ ان جي صلاحيتن ۽ لاڙن کي گڏ ڪري هڪ نئين وجود ۽ هڪ نئين فرد جي صورت وٺي ٿو. جهڙي طرح هڪڙو نسل پنهنجي ختم ٿيڻ سان پنهنجون سموريون سٺايون ۽ برايون، ايندڙ نسل جي جهوليءَ ۾ وجهي ويندو آهي. بالڪل اهڙيءَ طرح هر فرد فنا ٿيندي ئي پنهنجون نيڪيون ۽ بديون، پنهنجي نئين شخصيت کي ڏيندو آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن انهيءَ دور ۽ تسلسل کان آزاد ٿيڻو آهي ۽ وري وري جنم وٺڻ جي مصيبت کان بچڻو آهي تہ انسان کي گوتم جي انهيءَ ٻڌايل رستي هلڻ گهرجي جيڪو خوشي، آنند عقل، نيڪي،نرواڻ تائين وٺي وڃي.ٿو.

سڏو رستو:

اهو سڏو رستو چئن حقيقتن تي ٻڌل آهي. غم، غم جو سبب غم جي فنا، ۽ غم جي روڪ. انهيءَ اختصار جو تفصيل هيءَ آهي.

(١) فرد جي زندگيءَ ۾ اهي واقعا، جيڪي پيدائش، احساس، بيماري ۽ موت سان لاڳاپيل آهن ۽ اهي جيڪي شين کان جدا ڪن ٿا يا اڻ وڻندڙ حالتن سان ملائن ٿا. انهن سمورين صورتن ۾ جيڪي حالتون پيش اچن ٿيون اهي غم ۽ ڏک سان ڀريل هونديون آهن.

(٢) احساسن کان پوءِ جيڪا اڄ يا خواهش پيدا ٿئي ٿي، جنهن سان پنهنجي شخصيت کي الڳ يا منفرد سمجهڻ جي غلط فهمي وجود ۾ اچي ٿي. جيڪا وڌي ڪري هوس ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. اهائي سڀني ڏکن جي پاڙ آهي.

(٣) انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان انهيءَ اڄ، انهيءَ سڌ کي ماري ڇڏينداسون ته اسان ۽ غم، ٻئي نه رهنداسون.

(۴) انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ جو فقط هڪڙو رستو آهي، اهو آهي "ٻڌ" جي ٻڌايل رستي تي هلڻ. هي رستو ڪو اڻ چٽي شيءِ نه آهي. انهيءَ جو ڪاٿو ڪري، ان کي اٺن حصن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ انهيءَ جون چار منزلون مقرر ڪيون ويون آهن. اهي اٺ پاڳا هي آهن:

(١) صحيح نظريو (٢) صحيح مقصد (٣) صحيح الفاظ (۴) صحيح ڪردار (۵) صحيح روزگار جو وسيلو (٦) صحيح ڪوشش (٧) صحيح احتياط (٨) صحيح سوچ، چار منزلون هيٺين ريت آهن. (١) مذهب جي تبديلي هي چئن شين تي ٻڌل آهي. (الف) نيڪن جي صحبت (ب) ٻڌجو مذهب (ج) انهيءَ شريعت تي سوچ ويچار (د) نيڪ عمل.

انهيءَ پهرين منزل تي پهچڻ سان "ٻڌ" جو چيلو نه ته روح جو قائل رهي ٿو ۽ نه ريتن رسمن جو. هو گوتم ٻڌ جي تعليم تي شڪ ڪرڻ جي بدران پورو يقين رکڻ لڳي ٿو.

انهيءَ پهرين منزل تي پهچڻ سان "ٻڌ جو چيلو نه ته روح جو قائل رهي ٿو ۽ نه ريتن رسمن جو. هوگوتم ٻڌ جي تعليم تي شڪ ڪرڻ جي بدران پورو يقين رکڻ لڳي ٿو.

(٢) فقط هڪڙو دفعو هن دنيا ۾ جنم وٺڻ، جيڪو شخص مذهب مٽائي چڪو آهي، اهو شڪ، ريت، وهم ۽ انفراديت کان آزاد ٿيندي ئي هوس، نفرت ۽ وهم کي گهٽائي ٿو. انهيءَ ڪري ان کي رڳو هڪ دفعو جنم

وڃڻو پوندو ته هو انهن شين کي بالڪل فنا ڪري ۽ اهڙيءَ طرح ان جو ڪوبه ڪرم باقي نه رهندو. "سالڪ ٻي منزل تي پهچي ويو"

(٣) هن دنيا ۾ وري واپس نه اچڻ: جڏهن هوس ۽ نفرت کي اهڙيءَ طرح ختم ڪيو وڃي جو پاڻ ۾ ڪابه سڌ نه پيدا ٿئي ۽ ٻين لاءِ ڪو خراب جذبو پيدا نه ٿئي ته پوءِ ٻئي جنم جي ضرورت باقي نٿي رهي. "سالڪ ٽين منزل پوري ڪئي"

(٤) آرهت: هيءَ اها منزل آهي جنهن ۾ علم ۽ سوچ جي اها گهٽائي ٿيندي آهي جو جهالت، پاڻ پڻو ۽ آڪڙ جو نالو نشان نٿو رهي ۽ مادي يا غير مادي زندگي جي تمنا نٿي رهي (هيءَ آخري منزل آهي)-

زنجير: هن منزلن کي پار ڪرڻ لاءِ سالڪ کي ڏهه زنجير ٽوڙڻا پوندا. اهي هي آهن:

(١) شخصيت جو وهم (٢) ٻڌ ۾ شڪ (٣) ريتن تي ويساهه (٤) هوس پرستي ۽ نفس پرستي (٥) نفرت (٦) هن دنيا ۾ زندگيءَ جي خواهش (٧) جنت جي خواهش (٨) غرور (٩) پاڻ کي صحيح ۽ سڀ ڪجهه سمجهڻ (١٠) جهالت.

ٻڌمذهب جو پيروڪار جڏهن پهريان پنج زنجير ڇنندو ته اهو ارهت ٿي ويندو ۽ جڏهن هو سمورا زنجير ٽوڙي ڇڏيندو ته ان کي پنهنجو مرتبو ملي ويندو. انهيءَ مرتبي حاصل ڪرڻ جو جا نالو "نرواڻ" آهي. لفظ نرواڻ جي لفظي معنيٰ، "فنا" آهي، مگر هيءَ فنا ڪنهن خيالي روح جي نه آهي، پر ان ذهني ۽ جسماني لاڙي جي آهي، جيڪو "ڪرام" جي نظريي جي مطابق پنهنجي انفرادي حياتيءَ کي هر هر وجود ۾ آڻي ٿو. اهو لاڙو انهيءَ وقت فنا ٿيندو جڏهن اسان ان جي اندر لاڙا پاڻ ۾ پيدا ڪيون، جڏهن هي اتيڙ ڪيفيت چوٽ تي پهچي ويندي، يعني پوري نيڪي، عقل ۽ آنند حاصل ٿيندو ته اهوئي "نرواڻ" آهي. نرواڻ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ نه ته ڪوئي فڪر رهندو ۽ نه ئي ڪوئي غم. نه سڌ نه "انفراديت" نه ڪرم ۽ نه ٻي جوڻ، انسان انهن سڀني بکيڙن کان آجپو حاصل ڪندو.

۽ ان جي حياتي ختم ٿيڻ کان پوءِ وري وجود ۾ نه ايندي. ١٣ مگر ٻڌ مذهب جي پيروي ڪرڻ جو اصل مقصد رڳو ڪرم ۽ جنم جي بکيڙڻ کان آجپو حاصل ڪرڻ نه آهي، پر زندگيءَ ۾ نرواڻ حاصل ڪري اهو آنند نيڪي عقل ۽ پاڪائي حاصل ڪرڻ آهي، جيڪا انسان لاءِ هن دنيا کي سرڳ بڻائي سگهي ٿي.

اخلاقي حڪم:

انهن تعليمي اصولن کان سواءِ اخلاقي حڪم به آهن ۽ اهي حڪم مذهبي حياتي گذارڻ وارن ڀڪشن لاءِ نه آهن، پرهر قسم جي ماڻهن کي انهن تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

(۱) ڪاوڙ، شراب پيئڻ، هٺ، ساڙ، ننڊي، پاڻ پڏائڻ، ٻين جي گلا ڪرڻ، آڪڙ ۽ غيبت ڪرڻ، اهي بڇڙايون آهن. گوشت کائڻ نجاست (بڇڙائي) نه آهي. مڇيءَ ۽ گوشت کان پاسو ڪرڻ، اگهاڙو رهڻ، ننها ڪپڙا پائڻ، اگني ديوي کي قرباني ڪرڻ جتائون چڙهڻ ۽ تجان کي تسيا ڏيڻ، اهي ڪنهن کي به وسوسن ۽ وهمن کان پاڪ ڪري نٿيون سگهن. ويدن جي تلاوت برهمڻن کي نذر نياز ڏيڻ ديوتائن اڳيان قرباني ڪرڻ، پاڻ کي گرمي ۽ سرديءَ ۾ تڪليف ڏيڻ، يا اهڙي طرح ٻيون به ڪي تپسيائون جيڪي زندگيءَ کي دائمي بقا ڏيڻ لاءِ ڪيون وڃن ٿيون، ڪنهن کي به پاڪ ڪري نٿيون سگهن.

(۲) مستقل مزاج رهو، ٿهڪ ڏئي کلڻ بند ڪيو. بادشاهن وغيره جون گنديون ڪهاڻيون نه ٻڌايو، روئڻ رينگڻ بند ڪيو. ٻين کي نڳڻ بند ڪيو. بنان لالچ، ساڙ، سختيءَ ۽ جهالت جي زندگي گذاريو.

(۳) اٺ حڪم ڏنا ويا آهن جيڪي اٺ علم يا اپوسٿ ڪونجن ٿا:

• جيوهتيا نه ڪيو. جيڪو توهان کي نه ڏنو وڃي اهو نه حاصل ڪيو، ڪوڙ نه ڳالهايو نشيدار شيون نه واپرايو، ناجائز جنسي لاڳاپا نه ٺاهيو. هيءَ نهايت ئي ڪميڻي حرڪت آهي. رات جو ٽمار گهڙيءَ نه کائو. گلن جا هار نه پايو، عطر نه استعمال ڪو. زمين تي رڳو هڪڙو تڏو وڇائي سمهو. انهن حڪم مان پهريان پنج فرض آهن ۽ باقي تي مستحب آهن.

(۴) دين دارن لاءِ هي به مناسب آهي ته اهي چنڊ جي پهرين، اٺين، چوڏهين ۽ پندرهين تي، اپوشعو يعني روزو رکن.

(۵) نمبر ٽئين ۾ ڏنل اٺن حڪمن کان سواءِ ٻيا به حڪم آهن.

• ناچ گاني ۽ موسيقي ۽ ڊرامن کان پرهيز ڪن.

• سون ۽ چانديءَ جي استعمال کان ٽاروڪيو.

اهي ڏهه قانون، "ڏهه سيلا، ڪونجن ٿا.

(٦) ڏهه گناهه ٻڌايا ويا آهن، ٽي ته جسماني آهن، قتل ڪرڻ، چوري ڪرڻ ۽ ناجائز جنسي لاڳاپا قائم ڪرڻ. چار تقريرن سان يعني، ڪوڙ ڳالهائڻ، چغلي هڻڻ، بدنام ڪرڻ، گاريون ڏيڻ ۽ اجائي بڪ ڪرڻ. ٽي

دماغي آهن. لالچ، حسد ۽ شڪ (يعني ٻڌ جي تعليم وغيره ۾ شڪ ڪرڻ) وغيره.

(٧) گوتم هڪ پرچار ۾ ڇهه طرف ٻڌايا آهن. اوير، اولهه، ڏکڻ اوير، زمين ۽ آسمان. هن چيو ته " هر شخص کي گهرجي ته هر هڪ طرف جي نيڪيءَ يا رسائي سان حفاظت ڪري. پنهنجي والدين کي اوير سمجهي، ٻارن ٻچن کي اولهه، استادن کي ڏکڻ، دوستن ۽ عزيزن کي اتر، مذهبي ماڻهن کي آسمان، (توڙي اهي برهمڻ هجن يا ٻڌ) ۽ پنهنجن ٻانهن ۽ نوڪرن کي زمين سمجهيووجي. انهيءَ حڪم کي وڌيڪ تفصيل سان هيئن بيان ڪيو ويو آهي:

(١) والدين ۽ اولاد، والدين جو فرض آهي ته:

الف: پنهنجي ٻارن کي برائين کان بچائين.
ب: انهن کي نيڪيءَ جي تعليم ڏين.
ج: انهن کي آرٽ ۽ سائنس جي تعليم ڏين.
د: انهن جي لاءِ مناسب مڙس يا زال تلاش ڪن.
س: انهن لاءِ ورثو ڇڏي وڃن.

(٣) اولاد جو فرض آهي ته هو چوي ته:

الف: مان انهن ماڻهن جي سار لهندس جيڪي منهنجي سار هيٺ هوندا.
ب: گهر جا سمورا ڪم ڪندو رهندس جيڪي منهنجي ذمي هوندا.
ج: مان انهن جي ملڪيت جي حفاظت ڪندس ۽ مان پاڻ کي انهن جو جاءِ نشين بنجڻ جو حقدار بنائيندس.
د: انهن جي ديهانت کان پوءِ مان ڪين عزت سان ياد ڪندس.
(٢) شاگرد ۽ استاد: شاگرد استاد جي عزت هيئن ڪري:
الف: اٿي بيهي ان جي تعظيم ڪري.
ب: انهيءَ جي خدمت ڪري.
ج: انهيءَ جي حڪمن تي هلي.
د: انهيءَ جي ضرورتن کي پورو ڪري.
هہ: انهيءَ جي تعليم کي ڌيان سان ٻڌي.
استاد کي شاگردن جي مٿان شفقت جو هٿ هن نموني سان ڦيرڻ گهرجي.
الف: شاگردن کي اهي سموريون ڳالهيون سيکاري جيڪي پليون هجن.

ب: انهن کي جيڪي ڪجهه سيکاري سو اهي وساري نہ ڇڏين.
ج: انهن کي مذهبي ڳالهيون ۽ سائنس سيکاري.
د: انهن کي خطرن کان بچائي.
هہ: انهن جي دوستن ۽ ساٿين سان انهن جي تعريف ڪري.

(۳) زال ۽ مڙس: مڙس کي زال سان هن طرح محبت ڪرڻ گهرجي.

الف: هن سان سٺو سلوڪ ڪري.
ب: هن سان نيڪيءَ وارو سلوڪ ڪري.
ج: انهيءَ سان وفادار رهي يعني هن جي هوندي ڪنهن ٻيءَ عورت ڏي نہ واجهائي.
د: ٻين کان بہ هن جي عزت ڪرائي.
(ر) ان کي وقت آهر ڪپڙا ۽ زيور ڏي.
زال کي مڙس سان هن نموني سان محبت جو اظهار ڪرڻ گهرجي:
الف: هوءَ ان جي گهر جو سٺو بندوبست رکي.
ب: مٽن ۽ مائٽن ۽ دوستن جي تواضع ۽ آجيان ڪري.
ج: پنهنجي عصمت ۽ عزت جو خيال رکي.
د: فضول خرچي نہ ڪري.
ر: هر ڪم هنرمنديءَ ڦڙتائي ۽ ان پورو ڪري.

(۴) دوست ۽ ساٿي: باعزت ماڻهو پنهنجن دوستن سان ڪيئن پيش اچي.

- انهن کي سوکڙيون پاکڙيون ڏي
- اخلاق سان گفتگو ڪري.
- انهن جي ڀلي واسطي سوچي
- انهن کي پاڻ جهڙو ۽ برابر سمجهي
- پنهنجي ملڪيت ۾ هنن کي ڀاڱي ڀائيوار سمجهي.

• اهي ماڻهو هن سان پنهنجو اخلوص هن طرح ظاهر ڪن:

- اهي ماڻهو انهيءَ جي نظرداري، ان وقت جڏهن اهو هر ڳالهہ کان بي خبر هجي.
- ان کي خطري جي حالت ۾ پناهہ ڏين.
- انهيءَ جي ملڪيت جي سار سنڀال لهن، جڏهن هو بي پرواهہ رهي.
- ڦٽل ڀاڱ ۾ انهيءَ جو ساٿ ڏين.
- انهيءَ جي ڪٽنب سان نهايت سٺي نموني سان پيش اچن.

(٥) مالڪ ۽ نوڪر: مالڪ پنهنجن نوڪرن سان هيئن پيش اچي.

- انهن جي سگهه مطابق انهن کان ڪم وٺي.
- انهن کي مناسب پگهار ۽ کاڌو ڏي.
- بيماريءَ ۾ انهن جي نظرداري ڪري.
- عام طور سٺن کاڌن ۾ انهن کي شريڪ ڪري.
- ڪڏهن، ڪڏهن انهن کي موڪل به ڏي.

• نوڪرن کي مالڪ سان پنهنجي سچائيءَ جو اظهار هن نموني ڪرڻ گهرجي.

- اهي مالڪ جي عزت ڪن.
- پوءِ ئي آرام ڪرڻ وڃن..
- جيڪو ڪجهه هنن کي ڏنو وڃي، انهيءَ تي قناعت ڪن.
- دل لڳائي ڪم ڪن.
- مالڪ سان عزت ۽ ادب سان گفتگو ڪن ۽ ان جي پرپٺ ان کي سٺو چون.

(٦) عام ٻڌ ۽ مذهبي ٻڌ: مرد ديندار بکشو ۽ برهمڻن جي خدمت هن نموني سان ڪري.

- دل سان محبت ڪري.
- زبان سان محبت ڪري.
- خيال سان محبت ڪري.
- انهن جي خوشي جو خوشيءَ سان آڌر ڀاءُ ڪري.
- انهن جي ضرورتن کي پورو ڪري.

• مذهبي ماڻهن کي پنهنجي ميزبان سان هن طرح سان پيش اچڻ گهرجي:

- انهن کي خراب ڪمن ڪرڻ کان منع ڪن
- انهن کي نيڪي ڪرڻ ڏانهن مائل ڪن.
- انهن کي ديني تعليم ڏين، انهن جا وسوسا دور ڪن ۽ "نرواڻ" جو رستو ڏيکارين.

• منع ٿيل ڌنڌا:

- هٿيار وڪڻڻ
- ٻانهيون ٻانها وڪڻڻ
- گوشت وڪڻڻ
- شراب ناهڻ ۽ وڪڻڻ
- زهر وڪڻڻ

انهن حڪمن ۽ اخلاقي هدايتن عمل ڪرڻ سان هر ماڻهو سچي خوشي حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن "ٻڌ"انهيءَ تي عمل ڪندو ته اهو "ارهٽ" جي درجي تي پهچي ويندو..

حوالا

١- رائيس ڊيوس وغيره
٢- Composition and deseomposition
٣- Self Existant
٤- Vetality
٥- Space
٦- شيونرائڻ شيمر انهيءَ جو ترجمو ڪيو.
٧- ڪجهه ماڻهوءَ انهيءَ جو ترجمو تحت شعور به ڪن ٿا.
٨- Plraney
٩- Adaptablity
١٠- گوگرلي
١١- اسپنس هارڊي
١٢- برنوف

١٣- مفڪرن کي شروعات کان ئي هن سوال جي ڪرڻ جو فڪر رهيو ته ماڻهو جدا جدا نمونن جي عيبن سان ڇو پيدا ٿيندا آهن؟ اهڙي طرح جو اختلاف ڇو آهي ته ڪو راجا آهي ۽ ته ڪو وري پرجا آهي. ڪو امير آهي ته ڪو غريب آهي. ڪو محلن ۾ رهي ٿو ۽ ڪو جهڳين ۾. انهيءَ سوال جو جواب ٻن نمونن سان ڏنو ويو آهي. هڪ مذهبي طبقو قسمت يا تقدير جو قائل آهي. انهن ماڻهن جي خيال ۾ هر فرد جي باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه قسمت ۾ لکجي چڪو آهي ۽ اهوئي انهيءَ شخص جي قسمت يا تقدير آهي.

هاڻي جيڪو ٻه خدائي علم ۾ اچي چڪو آهي، اهو غلط ثابت ٿي نٿو سگهي. انهيءَ ڪري هر ماڻهن کي اهائي حياتي گذارڻي آهي، جيڪا هن جي قسمت ۾ لکيل آهي.

اهڙي طرح قسمت تي ڀاڙڻ وارا ماڻهو پنهنجي ناڪاميءَ جو الزام پنهنجي قسمت ۽ تقدير تي هڻندا اهن ۽ پاڻ کي سڀني ذميوارين کان بچائيندا آهن. ٻيو طبقو جنهن ۾ هندي فلاسفر ۽ ڪجهه يوناني ڏاها جهڙوڪ فيثا عورث ۽ افلاطون وغيره ٻي جوڻ جا قائل آهن.

انهن جي آڏو انسان هر هر پيدا ٿيندو آهي. ڪڏهن انساني صورت ۾ ۽ ڪڏهن حيواني صورت ۾ ۽ ڪڏهن وري نباتاتي صورت ۾. انهيءَ کي جنم وڻڻ چوندا آهن. هر جنم پوئين جنم جي عملن تي ٻڌل هوندو آهي. اهي جيترا سٺا يا خراب هوندا، انهيءَ لحاظ سان انهن کي موجوده جنم ۾ خوشي، راحت ۽ تڪليف ملندي، اسان نيڪ ڪردار هونداسون. ته اسان جو روح جدا جدا دورن مان ٿيندو. انهيءَ وڏي روح ۾ ملي ويندو، جنهن کي خدا يا برهما ڪوٺن ٿا.

جيڪڏهن اسان لڳاتار برا ڪم ڪندا رهنداسون ته اسانکي وڏا وڏا جنم ملندا ويندا. ايستائين جو تڪليفون سهندي سهندي اسان سٺن عملن ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا سون ۽ ائين ئي پاڪ ۽ پوترتي برهما تائين پهچي ويندا سون. انهن پنهي نظرين کي مڃڻ وارا روح کي جسم کان جدشيءَ سمجهن ٿا ۽ انهيءَ کي غير فاني سمجهن ٿا.

(١۴) پروفيسر ميڪس ملر، پروفيسر چلڊرس ۽ رائس ڊيوس سڀني پٽڪن ۽ ٻوڌي ڪتابن ۾ لفظ نرواڻ تلاش ڪيو آهي ۽ هر جاءِ تي انهيءَ جي استعمال سان بحث ڪري نتيجو ڪڍيو آهي ته انهيءَ جي معنيٰ موت نه آهي، جيڪو ڪرم ۽ جنم کان آزاد نه آهي. انهيءَ خاص منفهوم جي لاءِ، پارلي نرواڻ، ۽ انوپارلي پشا، ڪم ايندا هئا. نرواڻ، جي صحيح معنيٰ دنيا جي جنت، آهي. يعني اهڙي حياتي جيڪا سوچن، فڪرن ۽ "سڌن" کان خالي هجي ۽ آنند اطمينان ۽ عقل سان ڀرپور هجي.

باب چوٿون

سنگهه يا فقيرن جي جماعت

هن مذهب جي شروعات ئي گوتم جي تارڪ الدنيا ٿيڻ سان ٿي. انهيءَ ڪري جيئن ”جيئن ٻڌجي چيلن ۽ پيروڪارن جي انگ ۾ واڌارو ٿيو، فقيرن جو جٿو وڏندو ويو. مگر مذهب انهن فقيرن تائين محدود نه هو انهيءَ ڪي اهي ماڻهو به اختيار ڪري سگهندا هئا، جيڪي گهرو زندگي گذاريندا هئا ۽ جيڪي واپار، پوکي راهي ۽ ٻين مخلف ڌنڌن ۾ رڌل هئا. اهڙا ماڻهو به هئا جيڪي سڀ ڪجهه ڇڏي راهبن واري زندگي بسر ڪندا هئا. اهڙا ماڻهو به هيا جيڪي عملي حيثيت ۽ عقيدي جي لحاظ کان ٻڌ مذهب کي مڃن وارا هئا ۽ دنيا جا سمورا ڌنڌا به ڪندا هئا. فطري طور تي اهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجو سڀ ڪجهه ڇڏي ڏيندا هئا، اهي وڌيڪ عزت لائق سمجهيا ويندا هئا. گوتم جي زماني کان ئي اهڙن ماڻهن جي هڪ باقاعدي جماعت ٺهجي چڪي هئي، انهيءَ کي سنگهه چوندا هئا.

سڀني کان اول انهيءَ سنگهه، ۾ اهي ئي چيلا داخل ٿيندا هئا جيڪي گوتم کان ڦري ڪري دشت غزالان (هرڻن جي ميدان) ۾ هليا ويندا هئا. هوريان هوريان ٻيا ماڻهو به اچي ڪري هن ۾ شريڪ ٿيا. شروعات ۾ داخلا لاءِ ڪابه ريت رسم ڪانه هئي ۽ نه ئي قانون جڙيا هئا. پر پوءِ انهيءَ جا قاعدا ۽ ضابطا جوڙيا ويا ۽ انهيءَ هڪ ”رٿابند“ حيثيت اختيارڪئي جيئن نه رومن ڪيٿولڪ، مذهب کان سواءِ دنيا جي ڪنهن به وڏي مذهب ۾ ”سنگهه“ جهڙي مذهبي اڳواڻن تي ٻڌل جماعت ڪانهي انهيءَ ڪري انهيءَ جي داخلا جا اصول ۽ ان ۾ شامل راهبن جي روزانه زندگي، انهيءَ جو علم دلچسپيءَ کان خالي نه آهي. انهيءَ ڪري اسان انهيءَ لاءِ وچور پيش ڪري

رهيا آهيون تہ جيڪو شخص سنگهہ ۾ داخل ٿيڻ گهري ٿو تہ انهيءَ کي سڀ کان اول هيٺين اصولن کي مڃڻو پوندو.

شرط ۽ داخلا جو طريقو:

(١) انهيءَ کي ڪابہ وچڙندڙ بيماري نہ آهي. نہ سلهہ آهي، نہ دق تپ ۽ نہ مرگهي.
(٢) اهو نہ غلام آهي ۽ نہ قرضدار ۽ نہ سپاهي.
(٣) هو خود پنهنجو پاڻ جوابدار آهي ۽ پنهنجي خوشيءَ سان داخلا وٺي ٿو.
(٤) هن پنهنجي والدين کان اجازت ورتي آهي.

جڏهن درخواست ڏيندڙ انهن چئن ڳالهين کي قبول ڪندو هو تہ ان جو مٿو ڪوڙيو ويندو هو ۽ اهو گيڙو ڪپڙا پائيندو هو ۽ گوشہ نشين ٿي ويندو هو ۽ تعليم ۽ عمل جي وسيلي هن امر جي ڪوشش ڪندو هو تہ هو ارهت جو درجو حاصل ڪري. شروعات ۾ سنگهہ جا ممبر سڀ برابر سمجهيندا ويندا هئا. ڪوبہ ننڍو وڏو نہ هو. ڪنهن جو بہ ڪو خاص عهدو نہ هيو. مگر وقت هوريان هوريان انهيءَ ۾ مختلف منزلون پيدا ڪيون. ۽ مختلف قسم جا عهديدار ٿي ويا. ايستائين جو تبت ۾ هن وقت هڪ منظم سلسلو آهي، جيڪو دلائي لاما تائين پهچي ٿو. لنڪا ۾ ۴ جيڪو طريقو جاري آهي اهو گهڻو ڪري سيني کان پراڻو آهي. انهي ڪري "تري تپڪ" ۾ اهڙيءَ طرح بيان ڪيل آهي، انهيءَ جو تت هي آهي:

جيڪو دنيادار سنگهہ ۾ داخل ٿيڻ گهري ٿو تہ اهڙو اميدوار بنجڻ وقت گهٽ ۾ گهٽ اٺن سال جو هجڻ گهرجي. مگر ذاخلا باقاعدي انهيءَ وقت ٿيندي جڏهن اهو گهٽ ۾ گهٽ ويهن سالن جو ٿيندو. داخلا وقت گهٽ ۾ گهٽ ڏهن راهبن جي ڪاميٽي ويهندي. انهيءَ ڪاميٽيءَ جي صدارت اهڙو شخص ڪندو جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن کان سنگهہ جو ميمبر هجي. ڪاميٽيءَ جي جلسي جي لاءِ ٽڏن جون بہ قطارون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون وڇايون وينديون. ميمبر انهن ٽڏن تي اچي ويهندا. صدر انهن مان هڪ قطار جي مهڙ ۾ ويهندو. اميدوار سادي لباس ۾ "گردا دستر، هٿ ۾ کنيون داخل ٿيندو. ان جي اڳيان - اڳيان اهڙو راهب هوندو جيڪو اميدوار جونالو سنگهہ ۾ داخلي جي لاءِ پيش ڪرڻ وارو آهي. اميدوار جڏهن صدر کي ڏسندو تہ سلام ڪندو ۽ ڪانہ ڪا سوکڙي پيش ڪندو. ان کان پوءِ هو ٽي دفعا پنهنجي داخلي واسطي هنن لفظن ۾ درخواست ڏيندو "

حضورمنهنجي مٿان رحم ڪيو. مون کان هي ڪپڙا وٺو ۽ مون کي سنگهہ ۾ داخل ڪيو تہ جيئن غم کان آزاد ٿي وڃان ۽ نرواڻ حاصل ڪيان."

صدر انهيءَ وقت اميدوار کان گيڙو ڪپڙن جي ڳنڍ وٺندو ۽ ڪجهہ خاص شبد انساني جسم جي فاني هجڻ جي باري ۾ پنهنجي زبان ۾ شروع ڪري، اها ڳنڍ اميدوار جي ڳچيءَ ۾ وجهندو. اميدوار هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ڪري سمورا ڪپڙا لاهيندو، جنهن جو مطلب هي ٿئي ٿو تہ هو اهي ڪپڙا رڳو حياءَ ۽ شرم جي ڪري پائي ٿو ۽ گيڙو ڪپڙا پائي اهو اميدوار ٻيهر صدرجي سامهون حاضر ٿيندو ۽ گوڏا کوڙي "ٽي مامن" ۽ "ڏهہ حڪم" ٽي ٽي دفعا ورجائيندو.

(۱) ٽي مامن هي آهن:

- مان ٻڌ ۾ پناهہ وٺان ٿو.
- مان شريعت ۾ پناه وٺان ٿو.
- مان سنگهہ ۾ پناه وٺائون ٿو.

(۲) ڏهہ حڪم هي آهن:

- مان قسم ٿو کڻان تہ ڪنهن بہ ساهواري کي نہ ماريندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ چوري نہ ڪندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ ناپاڪيءَ کان پرهيز ڪندس.
- مان قسم ٿو کڻان ٿو نشيدار شيون نہ واپرائيندس،اهي ترقي ۽ نيڪيءَ جي رستي ۾ رنڊڪون وجهن ٿيون.
- مان قسم ٿو کڻان تہ مان ڪوڙ نہ ڳالهائيندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ منع ٿيل وقت ۾ ڪجهہ نہ کائيندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ مان ناچ گاني ۽ موسيقي کان پرهيز ڪندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ هار، سرخو تيل۽ زيور استعمال نہ ڪندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ ويڪرو يا اوچو پلنگ استعمال نہ ڪندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ مان ڪنهن کان بہ سون ۽ چاندي نہ وٺندس.

اهو عهد ڪري اميدوار اٿي سلام ڪندو آهي ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويندو آهي ۽ هو باقاعدي اميدوار بڻجي ويندو آهي. هو سنگهہ جي ميمبرن سان گڏ رهي سگهي ٿو، مگر هو اجا تائين ڀڪشو سڏجي نٿو سگهي. ڀڪشو ٿيڻ لاءِ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وري درخواست ڏيڻي پوندي ۽ وري هو ڪاميٽيءَ جي آڏو پيش ٿيندو. جڏهن اميدوار ڪاميٽيءَ جي اڳيان ويندو تہ گيڙو ڪپڙا لاهي ويندو ۽ سادن ڪپڙن ۾ ان کي سمورين رسمون

ادا ڪرڻيون پونديون، جيڪي ان پهرين ڏينهن ادا ڪيون هيون. هن واري مامن، ۽ حڪمن جي اقرار ڪان پوءِ هو ٻاهر نه ويندو مگر صدر ڪي وينتي ڪندو ته هو منهنجو گرو بڻجڻ قبول ڪري. جڏهن صدر رضامندي ظاهر ڪندو ته اميدوار هڪ ڪنڌ ۾ هليو ويندو. جتي هن جي ڳچيءَ ۾ پنڻ جو ڪستو وڌو ويندو ۽ پوءِ هڪ راهب جيڪو انهيءَ جي داخلي جو وڪيل هوندو، اميدوار ڪي ساڻ وٺي ڪاميٽيءَ جي آڏو وڃي ويهندو ۽ وينل راهبن مان هڪ راهب اٿي انهن وٽ ويندو ۽ هاٿي ٽئي ڄڻا اهڙيءَ طرح ويهندا جو اميدوار وچ ۾ هوندو ۽ راهب انهيءَ جي ساڄي ۽ کابي هوندا. هاٿي اهي اميدوار جا وڪيل سمجهيا ويندا. اهي هن کان هي سوال ڪن ٿا " تنهنجو نالو ڇا آهي" ، "تنهنجي گرو جو نالو ڇا آهي" ڇا تو وٽ پنڻ جو ڪستو ۽ بکشو جو لباس آهي؟ "توکي ڪا وچڙندڙ بيماري ته ڪانهي؟" تنهنجي پيءُ ۽ ماءُ توکي داخلي جي اجازت ڏني آهي؟" "تون آزاد آهين ۽ پنهنجي خوشي سان سنگهه ۾ داخل ٿيڻ گهرين ٿو."

جڏهن انهن کي سڀني ڳالهين جو جواب تسلي بخش نموني سان ملي وڃي ٿو ته اهي ڪاميٽيءَ کي پڪ ڏيارين ٿا ته هو انهيءَ لائق آهي ته ان کي "سنگهه" ۾ داخل ڪيو وڃي. انهيءَ تي ڪاميٽي ان کي سنگهه ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏئي ٿي ۽ اميدوار گوڏاڪوڙي ٿي پيرا چوندو آهي "بکشو! مان توهان کي داخلي جي درخواست ڏيان ٿو، مون تي ٻاجهه ڪيو ۽ مونکي اتاريو"

تڏهن وڪيل ٽي دفعا وري پنهنجا سوال زور، زور سان ورجائن ٿا ۽ ٽي دفعا ڪاميٽيءَ کان پڇن ٿا ته ڪنهن کي اميدوار جي شرڪت ۾ اعتراض ته ڪونهي؟" جڏهن ڪوبه اعتراض نه ڪندو. ته اهي صدر جي آڏو جهڪي نوڙت سان چون ٿا ته "فلائي کي سنگهه ۾ داخل ڪيو ويو ۽ فلاڻو ان جو گرو آهي. ڪاميٽي انهن سان سهمت ٿئي ٿي ۽ اها انهيءَ ڪري چپ ۾ آهي.

انهيءَ رسم ادا ٿيڻ کان پوءِ ميمبرن مان هڪ اٿي سنگهه جا قاعدا پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ داخل ٿيندڙ اميدوار کي هدايت ڪري ٿو ته انهن قاعدن جي پابندي ڪرڻ لازمي آهي. هاٿي نئون راهب نئين گروءَ سان گڏ رهي ٿو ۽ انهيءَ جي حڪمن جي پيروي ڪري ٿو ۽ گروءَ جي هر طرح خدمت ڪري ٿو. گرو انهيءَ کي شريعت جي تعليم ڏئي ٿو. ۽ انهيءَ جي هر طرح سان سار لهندو آهي.

اهڙي نموني جو شروعاتي اميدوار، سمزه، سڏرائي ٿو. پوري راهب جي مها اتم درجو "سمرن" ۽ "بکشو" آهي. سنگهه جي انهن سمورن ميمبرن جي باري ۾ تمام گهڻا تفصيلي حڪم ڏنا ويا آهن جو هر مهيني انهن جي جلسي ۾ پڙهي ٻڌايا ويندا آهن. انهن حڪمن جو پنو پنجين صدي

ق.م تائين ملي ٿو ۽ انهيءَ جي مڃڻ جا ڪيترائي سبب آهن جو انهن کي خود گوتم مقرر ڪري ويو هو. انهن حڪمن جو تفصيل هن ريت آهي:

١- خوراڪ:

راهب نوسن غذا فقط منجهند جو کائي سگهي ٿو. منجهند کان پوءِ ٻئي ڏينهن صبح تائين هو رڳو کير پي سگهي ٿو يا اهڙي ڪا پاٿيات پي سگهي ٿو. نشي کان پرهيز واجب آهي. هو فقط اهي شيون کائيندو جيڪي کيس خيرات ۾ ملنديون. پنڻ جو طريقو هي هوندو ته هو پنهنجو ٺڪر جو پيالو کڻي هر گهر جي دروازي تي وڃي چپ چاپ بيهندو. جيڪڏهن ڪنهن ڏسي ورتو ۽ ڪجهه سندس پيالي ۾ وڌو ته اهو دعائون ڪندو اڳتي وڌندو نه ته خاموشي سان انهيءَ دروازي کان ٻئي دروازي ڏانهن وڌندو. اهو خيال نه ڪندو ته گهر جو مالڪ امير آهي يا غريب،برهمڻ آهي يا پنگي، انهيءَ کي جيڪي ڪجهه ملندو اهو وٺي پنهنجي ڪٽيا، (جهوپڙي) ۾ هليو ويندو. اتي ويهي ڪري انهيءَ (پن) واري کاڌي کي کائيندو ۽ لڳاتار اهو سوچيندو رهندو ته جسم ڪيڏو ايذائيندڙ آهي جو انهيءَ جي جياپي لاءِ پنڻو پوي ٿو.

راهبن ۾ جيڪي اوچو مرتبو رکن ٿا، انهن جي لاءِ گوشت کائڻ، دعوتن ۾ وڃڻ ۽ اهڙين شين کي کائڻ جيڪي بنان پنڻ جي مليون هجن.

٢- قيام (ڊاپو):

ڊاپي واسطي سيپني کان سني جڳهه جهنگل ٻڌائي وئي آهي. راهب گهڻو ڪري باغن ۾ رهندا هئا.

گوتم جي زماني ۾ شاهوڪار ماڻهو عقيدتمنديءَ وچان "ٻڌ" ۽ راهبن جي لاءِ مٺ ٺهرايا ٿا. اهڙي طرح مٺ اڳتي هلي تمام گهڻا ٺهيا. گوتم جي پيرويءَ ۾ چار مهينا مينهوڳيءَ جي رت ۾ اتهن مٺن ۾ ڊاپي ڪرڻ جو حڪم هو. باقي اٺ مهينا تبليغي دورن ۾ وقت گذارڻ لازمي هو.

٣- لباس:

لباس جي باري ۾ هي هدايت آهي ته جيستائين ٿي سگهي ته پين جا لاٽل پراٽا ڪپڙا پاتا وڃن. مگر گوتم جي وقت ۾ ئي راهبن جي لاءِ گيڙو لباس مقرر ڪيو ويو هو. هي ڪپڙو لباس ٽن ڪپڙن تي ٻڌل آهي. لنگوٽي، گوڏ ۽ ڍڳهي چادر جيڪا پيرن سان ويڙهي ڪابي ڪلهي تي اهڙي نموني سان

رکي وڃي جو ساڃو ڪلهو اگهاڙو رهي. انهن ئنهي ڪپڙن کي هنڌان، هنڌان ڦاڙي ڪري سبندا آهن ته جيئن اهي ٻئي ڪنهن ڪم اچي نه سگهن ۽ سونهن جو سبب نه بڻجن.

۴- پرهيزگاري بک ۽ غريبي:

راهبن جي لاءِ جنسي لاڳاپا رکڻ قطع منع ٿيل آهن. انهيءَ جو گناهه قتل ۽ چوريءَ جي برابر آهي. انهن مان جيڪڏهن ڪو راهب جنسي گناهه ڪندو ته اهو سنگهه مان ڪڍيو ويندو. غريبيءَ جي باري ۾ به سخت حڪم آهن.راهب پاڻ وٽ ڪنهن به وقت انن شين کان وڌيڪ ڪجهه رکي نٿو سگهي. يعني ٽي ڪپڙا ،لنگوٽي، گوڏ، چادر، هڪ ڪمربند، هڪ پنڻ جو پيالو هڪ پاڪي، هڪ سئي ۽ هڪ ڇاڻي، رکي سگهي ٿو. ڇاڻي انهيءَ لاءِ رکندو ته جيئن پيڻ واريون شيون ڇاڻي پيئي ته جيئن ڪا ساهه واري شيءِ ان جي پيٽ ۾ نه هلي وڃي ۽ راهب انهيءَ جي مرڻ جو باعث نه بڻجي.

۵- فرمانبرداري:

فرمانبرداري رڳو شريعت جي لازمي آهي. ڪنهن بزرگ يا پاڻ کان وڏي راهب جي تعظيم ۽ عزت ڪرڻ ڪافي آهي. ڪنهن نئين اميدوار کي به پراڻي کان پراڻو راهب پنهنجي حڪم هيٺ آڻي نٿو سگهي ۽ نه انهيءَ تي حڪم جي مڃڻ جو الزام مڙهي سگهي ٿو، يعني جهڙي طرح آفيسرن جي ماتحتن ۾ هوندي آهي، ٻڌ مذهب ۾ اهڙي طرح جي ڪا به پابندي ڪانهي، نه وري اها-قباحت ئي آهي.

هڪ نئين راهب جي روزاني زندگي "دنيا چريائن" ۾ هن طرح بيان ڪئي وئي آهي:

"هو سج اڀرڻ کان اڳ ۾ سنان ڪندو ۽ پوءِ وهار يعني ٻڌ مندر ۾ ٻهاري ڏيندو. ان کان پوءِ ٻوڏي وڻ، جو تلهو صاف ڪندو، پيئڻ جي پاڻي ڀريندو. انهيءَ کي ڇاڻيندو ۽ واپرائڻ جي لائق بنائيندو. ڪنهن اڪيلي هنڌ تي ويهي شريعت جي حڪم تي سوچيندو. ان کان پوءِ باغ مان گل پٽيندو ۽ انهن کي مندر تي نڇاور ڪندو جتي ٻڌ جا يادگار دفن آهن. گلن جي چادر چاڙهڻ مهل هو اهو سوچيندو ته گوتم ٻڌ، ڪيڏو نه مهاهستي هيو ۽ هو پاڻ ڪيڏو نه نڪمو ۽ ذليل آهي. ان کان بعد هو پنڻ جو پيالو کڻي گروءَ سان گڏ پنڻ ويندو. اتان واپس اچي هو پاڻي آڻي گروءَ جا پير ڌوئيندو ۽ ڪيس ڪاڏو ڪارائيندو. ان کي ڪاڏي ڪارائڻ کان پوءِ پاڻ ڪاڏو ڪائيندو ۽ پوءِ ٻنهي پنڻ

جي پيالن کي ڌوئي صاف ڪندو. ان کانپوءِ ڪنهن نويڪلي جاءِ تي ويهي ٻڌ ۽ ان جي تعليم تي ويچار ڪندو. تنهن کان بعد، ڪو ڪتاب ڪٽي يا ته گروءَ کان سبق وٺندو يا انهيءَ ڪتاب جو نقل ڪندو ۽ هر وقت انهيءَ ۾ لکيل حڪمن جي معنيٰ ۽ مر طلب تي غور ڪندو رهندو.

ڌيان جا قسم:

چيلن جي ڪري گروءَ جو تمام گهڻو وقت بچي پوندو، اهو سارو وقت هو ڌيان گيان ۾ گذاريندو، اهي ڌيان پنجن قسمن جا هوندا آهن.

١- پتا پاونا (محبت جو ڌيان):

انهيءَ تي غور ڪيو ويندو: مصيبت ۽ ڏکن جي زندگي ۽ چوتڪارو حاصل ڪري ڪهڙي خوشي حاصل ٿي سگهي ٿي. ۽ جيڪڏهن اهڙي قسم جي خوشيءَ ساري دنيا کي حاصل ٿي وڃي ته ڪيترو نه سٺو ٿيندو. مطلب ته هو ساري دنيا جي محبت سان پنهنجي دل کي ٽمٽار ڪندو ۽ سڀ جو ڀلو گهرندو.

٢- ڪروتا پاونا (همدرديءَ جو ڌيان):

ڌيان ڪندڙ هي سوچيندو ته دنيا ڏکن ڏاکڙن سان ڀري پئي آهي ۽ اهاڪوشش ڪندو ته هو دنيا جي ستايلن ۽ مجبورن جي درد کي محسوس ڪري ۽ اهڙي طرح پنهنجي دل ۾ همدرديءَ جو جذبو پيدا ڪري.

٣- مديتا پاونا (خوشيءَ جو ڌيان):

ٻين جي خوشيءَ جو خيال ڪيو ويندو ۽ انهن جي خوشيءَ مان خوشي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

٤- اسوڀ پاونا (چوتڪاري جوڌيان):

انهيءَ تي غور ڪيو ويندو ته جسم ڪيتري قدر خراب شيءِ آهي ۽ ڪهڙي طرح بيماريءَ ۽ موت جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ انهيءَ جي پابندين مان آزاد ٿيڻ ڪيتري قدر ضروري آهي.

٥- اپيکشا پاونا (اطمينان، دماغي ڌيان):

هن ڌيان ۾ درويش پاراهب دنيا جي سموريون سنايون،برايون، ڏک، خوشي صحت، بيماري دولت ۽ غربت تي غور ڪندو ۽ اها ڪوشش ڪندو تہ هو انهن سڀني ڳالهين جواثر قبول نہ ڪري.

راهبن سان گوتم جي آخري ڳالهہ ٻولهہ:

انهيءَ سلسلي ۾ گوتم جو آخري خطاب بہ ذڪرلائق آهي، جو ان مرڻ کان اڳ ۾ "ڪوتا گارا" هال ۾ راهبن کي ڪٺو ڪري ڪيو هو. اسان انهيءَ خطبي کي سنگهہ جي فرض جو نچوڙ چئي سگهون ٿا "ٻڌ سوتر" ۾ جن لفظ ۾ انهيءَ کي نقل ڪيو ويو آهي. انهيءَ جو ترجمو هيٺين ريت آهي:

گوتم فرمايو: "اي درويشو! هن قانون کي، جيڪو مان توهان اڳو آندو آهي، چڱي طرح ياد ڪيو، انهيءَ تي عمل ڪيو،

۽ انهيءَ جي تبليغ ڪيو تہ جيئن منهنجو هي مذهب دنيا سان همدردي، ديوتائن ۽ ماڻهن جي فائدي واسطي گهڻو وقت زنده رهي. هي قانون (شريعت) ڇا آهي؟ هي چار خلوص پريا مراقبا آهن. چار وڏيون ڪوششون آهن. "پوڏيءَ" تائين پهچڻ لاءِ چار پيچرا آهن. پنج اخلاقي سگهون آهن،هي ويڪرو ۽ شرف وارو انوٺي فائدي وارو رستو آهي."

انهن جامع فقرن ۾ جيڪي ڪجهہ چيو ويو آهي اهو گهڻو وچور طلب آهي.هن مختصر ڪتاب ۾ وضاحت جي جاءِ ڪانهي. انهيءَ ڪري انهيءَجي معنيٰ مختصر ٻڌائي وڃي ٿي:

ا- هشت قل رستو:

انهيءَ تعليم کي ٻڌ جي سلسلي ٻڌايو ويو اهي.

چار خلوص مراقبا:- (ستي پٽانا) هي آهن:

الف: جسم ڪثافت جي باري ۾.

ب: انهن براين جي باري ۾ جيڪي احساس کان پيدا ٿينديون آهن.

ج: خيالن ۽ ويچارن جي اٿل ۽ نااٿل هجڻ جي متعلق.

د: زندگيءَ جي حالتن ۽ پابندين جي باري ۾.

٣- چار وڏيون ڪوششون هي آهن: (سمبڌانا)

الف: اها ڪوشش ڪرڻ ته خراب ڳڻ پيدا نه ٿين.
ب: پيدا ٿيل خراب ڳڻن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
د: انهن نيڪين کي ترقي ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ، جيڪي اڳ ۾ موجود آهن.

٤: ولايت جا چار رستا: (اڌي پدا):- يعني ولايت حاصل ڪرڻ لاءِ چار رستا آهن.

الف: ولايت حاصل ڪرڻ جو پڪو پهه
ب: انهيءَ جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش
ج: انهيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ دل جي پاڪائي
د: حق جي تلاش

٥: پنج اخلاقي قوتون (پلاني) يا ذهني صلاحيتون (اندرپالي) هي آهن:

الف: اعتقاد
ب: چستي
ج: ياد
د: سوچ
ر: وجدان

انهن پنجن اخلاقي سگهن ۽ ذهني صلاحيتن مان اعتقاد کي ڪڏي چار وڏيڪ صفتون شامل ڪن ٿا، يعني مذهبي ڪتابن جي تحقيق اطمينان ۽ آنند، خوشي ۽ وجدان انهن ۾ داخل ڪن ٿا ۽ انهن کي ست عقل منديون (ٻوڌي رنگي) چون ٿا.
انهيءَ سلسلي ۾ راهبن کي ٻه طريقا رياضت جا ٻڌايا ويا آهن ۽ انهن کي جهان ۽ سماڌي چوندا آهن.

جهان:

هي پالي لفظ آهي سنسڪرت ۾ ان جو بدل "ڌيان" آهي، عربيءَ ۾ ان کي استغراق، چئجي سگهجي ٿو. انهيءَ جهان جو چار منزلون آهن.
١- پهريون منزل، خوشيءَ مسرت جي اها حالت آهي جيڪا انهيءَ

اڪيلائي ۾ پيدا ٿيندي آهي، جيڪا سوچ ويچار ۾ گذاري وڃي.

٢- ٻي منزل انهيءَ سرور جي ڪيفيت جي آهي جيڪا گهري اطمينان مان پيدا ٿيندي آهي، جتي سوچ ۽ چُپ جو ڪوبه گذر ڪونهي. اهڙيءَ حالت ۾ خيال ۾ آسودگي هوندي آهي ۽ ڪشف ٿيندو آهي.

٣: ٽين منزل اها خوشحالي آهي جيڪا نفسي سڌن کي مارڻ سان پيدا ٿيندي آهي ۽ جنهن ۾ خوشيءَ جون لهرون ساري جسم ۾ ڊوڙنديون رهنديون آهن. جنهن ۾ صبر آهي، يادگيريون آهن ۽ خوشيون پڻ.

٤- چوٿين منزل اها آهي جنهن ۾ ٻي اثري ۽ لاتعلقي انهيءَ حد تائين هوندي آهي، جو نه ڪنهن امر جي خوشي هوندي آهي ۽ نه وري ڪنهن ڳالهه جو غم. اتي ڏک ۽ سک ٻنهي جو گذر نه هوندو آهي ۽ نه انهن جو اثر هوندو آهي.

پهرين جهان ۾ درويش ڪنهن ڳوڙهي مذهبي نڪتي تي غور ڪندو آهي، سوچيندو آهي ۽ هر رخ تي نظر وجهندو آهي. هوريان هوريان ان جا ماغي مونجهارا ختم ٿي ويندا آهن ۽ ڪشف واري ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي. انهيءَ ڪيفيت جي پيدا ٿيندي ئي ٻي منزل شروع ٿي ويندي آهي. انهيءَ ڪري جو سوچ ويچار جو وشئه ذهن مان غائب ٿي ويندو آهي ۽ انهيءَ جي جاءِ تي هڪ ديرپا خوشي جسم ۾ ڊوڙڻ لڳندي آهي. هڪ مدهوشي ڇانئجڻ لڳندي آهي. انهيءَ ڪيفييت سان ٽين منزل شروع ٿيندي آهي. ٿوريءَ جهت ۾ هي خوشيءَ جو احساس به ويندو رهندو آهي ۽ رڳو انهيءَ جي ياد رهجي ويندي آهي ۽ سالڪ تي هي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي جو نه ته ڪنهن قسم جي خوشي رهجي وڃي ٿي ۽ نه ڪوئي غم، ليڪن بي پرواهي ۽ بي نيازي انهيءَ تي ڇانئجي وڃي ٿي ۽ اها ئي رياضت جي پورنتا آهي. انهيءَ کي "اپتا" چوندا آهن.اهوئي ارهت جو درجو آهي.

سماهي:

هي هڪ طرح جي مسمريزم جي رياضت آهي، جنهن جي وسيلي پنهنجي مٿان هڪ اهڙي ڪيفيت طاري ڪجي جو هر قسم جو احساس وقتي طور فنا ٿي وڃي ۽ پنهنجي وجود مان مزو محسوس ڪرڻ لڳجي. انهيءَ رياضت جي وسيلي اها ڪيفيت پيدا ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ هڪ جيئرو ماڻهو بالڪل مئل نظر اچي. ڪجهه گهڙين جي لاءِ لاش ۽ هن ۾ ڪوبه فرق نظر نه اچي. اهڙي قسم جي شڪتي حاصل ڪرڻ ٻڌ مذهب ۾ جسم تي سڀ کان وڏي سوڀ پائڻ سمجهيو وڃي ٿو ۽ تبت جا لاما انهيءَ ۾ وڏي مهارت رکن ٿا.

انهن رياضتن جي باري ۾ ايترو عرض ڪرڻ ضروري معلوم ٿئي ٿو ته اهي ٻڌ کان اڳ هندوستان ۾ رائج هيون. خود انهن چپ چاپ ڪري ۽ انهن کي آزمائي ڪين ترڪ ڪيو هو. تنهن ڪري اهي پڪ سان ٻڌ مذهب ۾ گوتم کان پوءِ برهمڻن جي سٽ ۾ شامل ڪيون ويون. تنهن ڪري انهن کي اصل مذهب جو جزو سمجهڻ غلطي ٿيندي.

حوالا:

١- پهريون قاعدو صحت جي حفاظت جي اصول تي ٻڌل آهي.

٢- ٻئي ضابطي مان ظاهر ٿئي ٿو ته:

(الف) انهيءَ زماني ۾ غلامي رائج هئي ۽ غلام کي آقا جي ملڪيت سمجهيو ويندو هو.

(ب) اهو ويدي قانون جاري هيو ته قرض ڏيندڙ قومن وٺندڙ کي و ڪٽي سگهي ٿو ۽ اهڙي طرح اهو هن جي ملڪيت هوندو هو.

(ج) اها ٻه ڄاڻ ملي ٿي ته ٻڌ مذهب حڪومت سان ٽڪرائڻ کان پاسو ڪرڻ تي گهريو.

٣- هي قاعدو ٻڌ راهول کي سنگهه م داخل ڪرڻ کان پوءِ شد وڌن جي احتجاج تي بنايو هو!!

٤- Socred Books of art

انون جلد صفحي ٣٢٠ کان ٣٣٦ تائين.

باب پنجون

تبديليون ۽ اضافا

گذريل صفحن ۾ ٻڌ جي انهيءَ تعليم تي بحث ڪيو ويو آهي، جيڪا انهيءَ مذهب جي سيني ڪان پراڻن ڪتابن ۾ ملي ٿي. جيئن چئو لکيو ويو آهي ته خود انهيءَ وقت جي ڪابه لکيت موجود ڪانهي. جيڪي ڪجهه اسان تائين پهتو آهي، اهو انهيءَ تري ٽيڪ، جو ترجمي تي ترجمو آهي. جيڪي اٽڪل ٽن سون سالن ڪانپوءِ اشوڪ جي زماني ۾ لکيا ويا هئا. انهن جو بنياد رڳو يادگيري هئي. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته آريا قوم ۾ خاص طرح انهيءَ جي هندوستاني شاخ ۾ حفظ ڪرڻ باقاعدي هڪ فن جي صورت اختيار ڪري چڪو هو. پوري ڪتاب کي حفظ ڪرڻ انهن لاءِ ڪا وڏي ڳالهه نه هئي. پوءِ به لهجي ۽ تلفظ جي ڪري لفظن ۾ ڦير ڦار کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ترجمي هيرا ڦيريءَ سان سنئين سڌي ڳالهه به ڇا مان ڇا بڻجي وڃي ٿي. انهيءَ ۾ تعريف جو به امڪان رهي ٿو. ۽ هنيان ۱ ۽ ماهيان، جي فرق ۽ تفسيرن جي اختلافن جي به گنجائش آهي. اسان هن وقت تائين هن ڳالهه جي ڪوشش ڪئي آهي ته اسان رڳو اهي ڳالهيون ٻڌايون جن تي سڀ متفق هجن.

متفق ڳالهين جا نتيجا:

۱- انهن متفق ڳالهين جي مطالعي مان جيڪي امر سامهون آيا آهن اهي هي آهن ته گوتم ٻڌ خدا جي وجود جو انڪار نه ڪيو پر ان خدا جي باري ۾ ڇتي ڳالهه نه ڇئي، جنهن سان ان جي چيلن کي هدايت ملي ها.

۲- ان روح جو ته انڪار ڪيو مگر هو نتيجن جو قائل هيو اهو مسئلو روح جي وجود کي مڃڻ کان سواءِ هڪ قدم به اڳتي وڌي نه پيو سگهي. تنهن ڪري هن انهيءَ ڳنڍ کي کولڻ لاءِ ڪرم، جو نظريو پيش ڪيو ۽ انهيءَ کي ڪنهن حد تائين غير قانوني مڃيو ۽ ان کي وجود ۾ آڻڻ جو سبب بنايو. پر ان هن سوال جوجواب ڪوبه نه ڏنو ته انسان سڀ کان پهريائين ڇو وجود ۾ آيو؟ انهيءَ وقت ته ڪوبه "ڪرم" نه هو پوءِ نيٺ اها ڪهڙي شيءِ هئي، جنهن عنصرن، صفتن ۽لاڙن کي ڪٺو ڪري زندگي بخشي؟

۳- هن ديوين ۽ ديوتائن جي دنيا کي تسليم ڪيو مگر هن انهن کي به ڪرم، جو پابند بنايو ۽ انسانن وانگر فاني مڃيو ليڪن هن نه ته انهن ديوي ديوتائن جي ضرورت تي روشني وڌي ۽ نه انهن ۽ انسانن جي وچ ۾ فرق ٻڌائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي.

۴- ان انسان جي سڀ جي سڀ کان وڌي ترقي نرواڻ، حاصل ڪرڻ ٻڌائي يعني اطمينان ۽ آنند وارو جيون ۽ هميشه لاءِ فنا.

انهيءَ شيءِ انسان کان ترقي ڪرڻ ۽ بهتر کان بهتر بڻجڻ جي هڪ فطري خواهش ڇني ورتي. هندوستان ۾ جيترا به مذهب هئا اهي سڀ انهيءَ جا قائل هئا ته:

دريا مان هي موتي نڪتو هو
۽ دريا ۾ ئي ته وڃي گم ٿيو

. انهيءَ کي اهڙي نرواڻ کان جيڪو ان کي ابدي بنائڻ جي بدران هڏن جي مٺ بنائي ڇڏي، ڪنهن به طرح سان تسڪين حاصل ٿي نه ٿي سگهيو.

۵- هن رسم جي مخالفت ڪئي، ذاتين جي فرق کان انڪار ڪيو ۽ سنگهه ۾ جم ۽ ينگيءَ کي داخل ڪيو، اهو آريائي روايتن ۽ مزاج جي ابتڙ هيو. آريا هميشه نسل جي پوترتا جو حد کان وڌيڪ خيال رکندا هئا. اهي پاڻ کي ٻين کان اتم سمجهندا هئا ۽ اهي ريتن، رسمن، علامتن ۽ نشانين جا تمام گهڻا قائل هئا. مطلب ته شروع کان ئي هن مذهب ۾ ڪجهه اهڙيون گهٽتايون هيون، جن جي ڪري هي مذهب تبديلين ۽ اضافن کانسواءِ رهي نه ٿي سگهيو.

شروع ۾ ته جپ تپ کي ختم ڪري ڪيو ويو هو ۽ جسم جي آزاديءَ جي خلاف. مگر ٻڌ جي ڀڪشن جي هڪ جٿي گوتم جي ئي زماني ۾ جيڪا تنظيمي صورت اختيار ڪئي هئي، انهيءَ ۾ جپ تپ ۽ جسم جي آزادي سڀ ڪجهه موجودآهي. ڀڪشو راهبانا زندگي گذاريندو، جنسي لذت کان محروم رهندو. خير پنندو. پراڻا ۽ ڦاٽل ڪپڙا پائيندو. نرم بستري تي نه سمهندو. خوشبوءِ، عطر ۽ ٻيا سرهاتيل نه واپرائيندو. رڳو منجهند جو ماني

ڪائيندو ۽ باقي وقت بکيو ئي رهندو. اهي سڀ تن آسانيءَ جي ابتڙ تن کي تسيا ڏيڻ جون صورتون آهن. اهڙي طرح مختلف طرح جا جهان جپ تپ آهن، مگر گوتم ٻڌجي شخصيت، سندس عام همدريءَ ۽ راجڪمار هجڻ هوندي به، هڪ معمولي ڀڪشو وانگرجيون بسر ڪرڻ، ان جي وجاهت ۽ علمي قابليت، اهي سڀ خاص اپيل رکن ٿيون ۽ انهيءَ ڪري ان جي آڏو ان مان عيب ڪڍڻ وڏيءَ دليري وارو ڪم هو.

اختلافن جي شروعات:

پوءِ سندس زندگيءَ ۾ اختلافن جون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون هيون: هڪ ڀڪيءَ کي سنگهه ۾ داخل ڪرڻ وقت اتم ذات جي ميمبرن ٻوڙ ڪنا ڪيا هئا. "جڳال" ڀنگين جي خلاف راهبن کي پڙڪايو هو. "ديودت" صاف صاف بغاوت ڪئي هئي، جڏهن ڀنگي نه رهيا ته ان جي دفن ڪفن تا جهيڙو شروع ٿيو. ايستائين جو ٻڌ جي مرڻ کان هڪ سؤ ورهيه پوءِ ويساليءَ، جي هنڌ تي ڪائونسل ٿي ته سنگهه ۾ ٿورين ٿورين ڳالهين تي جهيڙا شروع ٿيا. مثلاً سنگ جي ٿانءَ ۾ لوڻ گڏ ڪرڻ جائز آهي يا نه؟ ٻن پهرن جو کاڌو، هاٿي ڪائي سگهجي ٿو يا نه؟ جڏهن سج ٻه آڱريون هيٺ هليو وڃي. ٻن پهرن جي کاڌي کان پوءِ اهو کاڌو کائي سگهجي ٿو يا نه، ڀنگ پيئڻ جائز آهي يا نه؟ تڏو يا بستر اڻ ماپيل هجي ته ان جي مقرر ويڪر ۽ ڊيگهه جو هجڻ جائز آهي يا نه؟

سون، چانديءَ رکڻ جي اجازت آهي يا نه وغيره وغيره.

گوتم کان اڳ جا ٻڌ:

سڀ کان پهرين ڳالهه جيڪا خود گوتم جي باري ۾ چئي وئي، اها هيءَ هئي ته ان خود چيو هو ته " مان پنهنجن اڳين ٻڌن، مان هڪ آهيان، جنهن جي معنيٰ اها وڃي ٿي ته گوتم کان اڳ ۾ گهٽائي ٻڌ اچي چڪا آهن ۽ هن کان پوءِ به ايندا رهندا. تنهن ڪري اهو چوڻ ۾ آيو ته هڪ ٻڌ دنيا ۾ اچي حقيقت ۽ سچائيءَ جو رستو ڏيکاري ٿو مگر دنيا جڏهن ان جي تعليم کي وساري ڇڏي ٿي ته ٻيو ٻڌ اچي ٿو ۽ ٻيهر رهنمائي ڪري ٿو. اهڙي طرح لڳاتار ٻڌ ايندا رهن ٿا. ٻڌ جي باري ۾ چيو ويو ته هو "چوويهون ٻڌ" هيو. هن کان اڳ ۾ ٽيويهه ٻڌ اچي چڪا آهن. گوتم کان اڳ ۾ جيڪو ٻڌ هيو انهيءَ جو نالو "ڪسيپ" هيو. انهيءَ جي تعليم جيڪا "سوت نپڪ" ۾ آهي. گوتم جي تعليم سان ملندڙ جلندڙ آهي. تنهن ڪري "ڪيسپ" ۽ سندس پيش ڙو ٻڌن کي مڃڻ وارا هندوستان ۾ سراد ستي، جي ويجهو

چوٿين صدي عيسويءَ تائين موجود هيا ۽ فاهيان، انهن ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي. اهي ماڻهو گوتم کي ٻڌ، نه مڃيندا هئا پر مرتد، چوندا هئا ۽ انهيءَ ڳالهه جا قائل هئا ته هڪ ٻڌ اچا ايندو جنهن جو نالو ستر ٻڌ، يا رحمت جو ٣ ٻڌ هوندو.

گوتم ٻڌ جي باري ۾ هي خيال به ماڻهن ۾ پيدا ٿيو ته هو معصوم ۽ نهايت عقلمند هو. سندس جي باري ۾ اهڙي طرح ڪرامتن ۽ معجزن جو يقين ڏياريو ويو. جن جو برهمڻ پنهنجن ديوتائن جي باري ۾ ويساهه رکندا هئا ۽ جيڪي هر مذهب جي باني جي باري ۾ انهن جي ڪتابن ۾ بيان ڪيا ويا آهن.

گوتم اولوهيت جي درجي تي:

هي چيو ويو ته گوتم ڪنهن انسان جو پٽ نه هو، هو پاڻ هڪ اڇي هاٿيءَ جي صورت ۾ پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ هليو ويو. جڏهن هو پيدا ٿيو ته زمين ۽ آسمان اِنَ کي سجدو ڪيو. وڻَ جهڪي ڪري سندس ماءُتي ڇانو ڪئي ۽ ديوتائن دائي وارو ڪم ڪيو. جڻيئن ان جي ماءُ جي پيٽ مان اهڙي مها پرش جي پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ ڪنهن ٻيءَ اولاد جو پيدا ٿيڻ مناسب نه هو تنهن ڪري اها پٽ ڄمڻ ڪان پوءِ ستين ڏينهن آسمان تي ڪنئي ويئي.

جڏهن گوتمُ ماءُ جي پيٽ ۾ آيو ته پٺيهه علامتون ظاهر ٿيون ڏهه هزار جهان روشن ٿي ويا. انڌن کي اکيون ٿي ويون. گونگا ڳالهائڻ لڳا. ٻوڙا ٻڌڻ لڳا. قيدي آزاد ٿيَ ويا. ساري دنيا جهومي اٿي: آسمان واسي سپ ٿيَ ويا. دوزخ جي باهه وسامي ويئي. گناهگارن جي گناهن ۾ گهٽتائي اچي ويئي. هو ڏهه مهينا ماءُ رحم ۾ اهڙي طرح ڳوڏا کوڙي ويٺو جو ان جو نوري جسم چٽو ڏسڻ ۾ ايندو هو ۽ انهيءَ حالت ۾ ديوتائن کي تعليم ڏيندو.هو ۽ حق جو پرچار ڪندو هو.

معجزا:

پيدا ٿيڻ سان هو ست قدم هليو ۽ ان راءِ ڏيندڙ جي حيثيت ۾ چيو ته "مان سموري عالم جو مالڪ ۽ مختار آهيان، هي منهنجو آخري جنم آهي" جڏهن گوتم کي ڄمڻ کانپوءِ مذهبي رسم جي مطابق پهريون ڀيرو مندر ۾ ديوتائن جي اڳو پيش ڪرڻ لڳا. وٺي ويا ته سمورا بت سڌا ٿي آجيان لاءِ بيٺا ۽ ان جي پيرن ۾ سجدي لاءِ ڪري پيا. جڏهن گوتم لاءِ پري پري کان ڪامل استاد گهرايا ويا ته پهرين ڏينهن ئي هن اهو ثابت ڪيو ته هو هر فن ۽ علم ۾ سڀني استادن کان وڌيڪ ڄاڻو ۽ ڪامل آهي، سندس

زندگيءَ ۾ ٻه اهڙي قسم جا تمام گهڻا معجزا بيان ڪيا ويا اهن. مثلا هو ڪيترائي دفعا هڪ جاءِ تان اڏامي ٻيءَ جاءِ تي ويو آهي. هن جي سوچ اپنتري ته اڏام ڪئي جو تبليغ جي ڇهين سال ۾ هن کي اڏاري آسمان تي پهچايو ويو. جتي هن اجاري ديو لوڪ، پنهنجي مئل ماءُ کي شريعت جي تعليم ڏني.

ٻڌ جي مرڻ کان پوءِ جڏهن ان جي هڪ چيلي "ڪاسيپ" خيال ڏيکاريو ته جيڪڏ هو ٻڌ جي قدمن جي هڪ پيرو بيهر زيارت ڪري ها جن تي چڪر ورتيءَ راجائن جا نشان موجود آهن ته گوتم جا پير پاٿهرتو ڪفن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ جڏهن هن انهن کي اکين سان لڳايو ته پوءِ اهڙي طرح ڪفن ۾ اندر هليا ويا جو نه ته ڪا ڳنڍ کلي ۽ نه ڪتان کو ڪفن ڦاٽو. ان سان گڏوگڏ هر هنڌ جي ٻڌ عقيدتمندن پنهنجي ملڪ جي برتري ظاهر ڪرڻ لاءِ گوتم جي جيون ڪٿا ۾ اهڙا واقعا گڏي ڇڏيا. آهن جو نه ته انهن کي عقل مڃي ٿو ۽ نه وري انهن لاءِ ڪو تاريخي ثبوت آهي. مثلاً لنڪا وارن پنهنجن مذهبي ڪتابن ۾ هي لکيو آهي ته گوتم ٽي دفعا لنڪا ويو هو ۽ ان جا ڏند لنڪا ۾ پوريل آهن.

انهن جو چوڻ آهي ته گوتم کي ساڙڻ کان پوءِ ارهات ڪتم ان جا ڏند ٻاهر مان ڪڍي ڪٽي ويو ۽ انهن کي لنڪا پهچايو. بهار ۽ سيام وارا به پنهنجي، پنهنجي ملڪن جي باري ۾ اها دعوي١ ڪن ٿا ۽ واقعن يادگارن کي مرچ مسالا لڳائي بيان ڪن ٿا. جيڪي اصل ۾ فرضي قصا آهن.

مهايان فرقي وارا جيڪي تبت، نيپال، چين، جپان ۽ منگوليا وغيره ۾ وسن ٿا، تن هن مذهب کي اهڙو جامع بنايو آهي، جنهن هنيان، فرقي وارن يعني لنڪا ۽ برما وارن جي عقيدن کان بالڪل جدا ڪري ڇڏيو آهي.

ڌاڪٽيا ٻڌ ۽ گوتم:

ڌاڪٽين ٻڌن وٽ ڌيان، جون پنج منزلون آهن ۽ انهيءَ دنيا جي مٿان هڪ ديوتائن جي دنيا آهي ۽ انهيءَ جي مٿان "برهما" جون سورهن دنيائون آهن يا برهم لوڪ آهن.

هر دنيا سان گڏ تي برهم لوڪ واڳيل آهن، جيڪو شخص ڌيان جون منزلون پار ڪري ٿو، اهو ناٿين برهم لوڪ ۾ پهچي ويندو آهي. جيڪو شخص چار ڌيان پورا ڪندو آهي اهو ڏهين يا يارهين برهم لوڪ ۾ ويندو آهي. باقي بچيل لوڪ اتي ئي ڌيان ڪري حاصل ڪجن ٿا. هر ٽئين لوڪ جو سردار هڪ ڌياني ٻڌ آهي ۽ سمورا برهم لوڪ انهن پنجن ڌياني ٻڌن ۾ ورهايل آهن. هر هڪ دنياوي ٻڌ جوهڪ همزاد ڌياني ٻڌ، هوندو آهي. توڙي جو دنياوي ٻڌ فاني هوندو آهي، مگر آسماني ٻڌ يعني ڌياني ٻڌ قائم هوندو

آهي. پنجن دنياوي ٻڌ اهي آهن جن مان ٽي گوتم کان اڳ ۾ آيا آهن، چوٿون پاڻ گوتم ۽ پنجون متريا ٻڌ اچڻ وارو آهي. جيئن ته ڌياني ٻڌن جو تعداد غير محدود آهي، انهيءَ ڪري هي سوال پيدا ٿئي ٿو ته پوءِ پنجن ٻڌن ۾ برهمڻ لوڪ ڇو ورهايل آهن؟ انهيءَ جو جواب اهو ڏنو ويندو آهي ته دنيا هر هر ڊهندي ۽ ٺهندي آهي ۽ انهيءَ مدي کي ته جيستائين هڪ دنيا رهي ٿي. انهيءَ کي ڪلپ چوندا آهن. هر ڪلپ ۾ رڳو پنج ئي ڌياني ٻڌ ۽ انهن جا اوتار دنياوي ٻڌ هوندا آهن. هن موجود ڪلپ جا به پنج ٻڌ آهن، تبت ۽ نيپال جي ٻڌن کي انهيءَ نظريي مان تسڪين حاصل نٿو ٿئي. انهن ڏهين صدي عيسويءَ ۾ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ واجب الوجود بيو وڌايو جنهن کي ادي ٻڌ، چون ٿا.

انهن جو ويساه اهو آهي ته هي آهي ادي ٻڌ، جيڪو ازل کان آهي ۽ هميشه رهندو. پنجين ڌيان جي وسيلي پنج ڌياني ٻڌ پاڻ مان پيدا ڪيا. انهن ڌياني ٻڌن پنهنجي عقل، سنگهه ۽ سوچ جي ذريعي پاڻ مان پنج ٻڌهنتو، پيدا ڪيا. انهن ٻڌهنتن پنهنجي ڌاهپ ۽ سوچ سان پنهنجي غير مادي جوهرن ۾ هڪ مادي دنيا پيدا ڪئي. استانجي موجوده دنيا چوٿين ٻڌهنتوءَ جي پيدا ڪيل آهي. جنهن جو نالو "اولوڪي تسور" آهي ۽ اهي ئي تبت جي دلائي لاما جي صورت پر گهت ٿيندا آهن.

سردي ٻڌ:

سردي ٻڌن ته انهيءَ تي به بسد ڪانه ڪئي. اهي جهيڙي جهڳڙي ۽ رت وهائڻ جا هيراڪ هئا ۽ شيئون، جا پوڄاري هئا. تنهن ڪري جڏهن، اسنگ، راهب ڇهين صدي عيسويءَ ۾ ٻڌ مذهب اتي پکيڙيو ته ان هن مذهب کي بيو رنگ ڏنو. "اسنگ" ٻڌن جي برهم لوڪ ۾ ڪجهه خاص لوڪ، سرحدي ديوتائن کي ڏنا ۽ سرحدين کي اهو ٻڌايو ته هي ديوتا به ٻڌ جا پوڄاري ۽ الوڪي تسور، جا حامي آهن. هن شخص جادو ۽ منتر جو سکڻ به ٻڌمذهب جي رضايت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ٻڌ مندرن ۾ به ڪيترن ئي طريقن جي ديوتائن جي مورتين پوڄڻ جو رواج پيل آهي ۽ قسم قسم جون رسمون مذهب جو حصو بڻيون. ان سان گڏ دعا تعويذ ۽ جهاڙ پڙهڻ وغيره ٻڌذرم جا خاص جزابڻجي ويون آهن.

حوالا:

۱- ٻڌ ڌرم ڪجهہ صدين ڪانپوءِ هونئن تہ اهڙن فرقن ۾ ورهائجي ويو،مگر انهيءَ ۾ بہ سڀ ڪان وڏا فرقا آهن. هڪ ٻنياڻ، (ننڍي گاڏي) ٻيو هنيان (وڏي گاڏي) ،لنڪا ۽ برما وارا هنيان آهن، تبت، چين ۽ جپان وارا ڏکڻ جي ٻڌ هنيان جا قائل آهن.

۲-لالا لجپت راءِ

۳- عيسائن اچڻ واري متر ٻڌ کي مسيح ٻڌايو آهي ۽ اهي ٻڌمذهب وارن کي ٻڌائن ٿا تہ حضرت عيسيٰ متربڌ آهي، مسلمان هن مذهبي پيشن گوئيءَ کي اسلام جي حوالي سان وڌيڪ بهتر انداز ۾ ڏسي سگهن ٿا. ڇو تہ رسول ڪريم صلعم جن جو لقب رحمت اللعالمين، متربڌ، ٻڌ جو هم معنيٰ آهي.

مسلمانن جو عقيدو آهي تہ نبي آخري زمان صلعمؐ جن جي اچڻ کان اڳ ۾ سمورن وڏن، وڏن ڪتابن ۾ پاڻ سڳورن جي اچڻ جو اطلاع موجود آهي.

۴- ڀڳوان گوتم ٻڌ (هندي) ليکڪ جناب ڀدنت بوڌانند جي ۽ پنڊت چندرڪاپرشاد جي.

۵- موهن جي دڙي، ۾ جيڪي آثار لڌا ويا آهن،انهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ "شيو"کي آرين کان اڳ ۾ دراوڙ،پوڄيندا هئا ۽ آرين اچي ڪري ساڳيو ڏگ ورتو. (ڏسو ايشور پرشاد جي تاريخ- هند صفحو ۱۴ کان ۶۳ تائين.

باب ڇهون

سنگهہ جون ڪائونسلون ۽ اختلاف

انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ تہ هن مذهب جو ڇو ايترو واڌارو ٿيو؟ ۽ انهي پاڻ ۾ ڪهڙا ڪهڙا اختلاف ٿيا. ۽ هن ڇو هڪ جدا جدا شڪليون ورتيون؟ سنگهہ، جي تاريخ ۽ ان جي ڪائونسلن جي فيصلن جو بہ علم هجڻ گهرجي. هن باب ۾ مختصر طور انهن ڳالهين جو بيان ڪيو ويندو.

پهرين ڪائونسل:

گوتم ٻڌ جي ديهانت ڪانپوءِ سڀ ڪان پهريون جلسو ۴۸۸. ق. م ۾ راڄ ڳڙهيءَ ۾ راجا اجات سترو جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيو. انهيءَ جي صدارت هڪ مهان شخص مواري مها ڪشپ ڪئي هئي. هي جلسو برسات جي مند ۾ شروع ٿيو ۽ ستن مهينن تائين لڳاتار هلندو رهيو. انهيءَ ۾ پنج سو راهب گڏ ٿيا هئا. دکني ٻڌن جي چوڻ مطابق تہ هن جلسي ۾ ٻڌ جي تعليم "سوتر" مختصر ۽ جامع نظم جي صورت ۾ ڪئي ڪئي وئي ۽ "ترداد" جي نالي سان ڳائي ڪري ياد ڪئي وئي. انهن جي دعوي آهي تہ اهائي ترداد تري ٽيڪ، جي نالي سان اڳتي هلي سڏي وئي. تنهنڪري تري ٽپڪ، لفظ بہ لفظ "ترداد" آهي. ١- مغربي تاريخدان هن دعوي کي نٿا مڃين. هو چون ٿا تہ خود تري ٽپڪ، ۾ اهڙا داخلي ثبوت موجود آهن، جن سان هي ڳالهہ مڃڻي پئي آهي تہ هن جا ڪجهہ ڀاڱا پڪ سان گوتم ٻڌ جي موت کان پوءِ تيار ڪيا ويا آهن. تنهن ڪري انهن کي هوبهو ترداد، نٿو مڃي سگهجي ۽ هيءَ ڳالهہ بہ قابل قدر آهي تہ ديپ ونس ۾ جيڪي ترداد جا حصا بيان ڪيا ويا آهن، اهي انهن حصن کان بالڪل مختلف آهن. جيڪي تري ٽپڪ،

۾ ڏنا ويا آهن ۽ انهن جا وشئہ بہ پاڻ ۾ نتا ملن. انهيءَ ڪري فرضي برداد ڪي "تري ٽپڪ" مجڻ عقلمندي ڪان ٻاهر آهي.

مطلب تہ ايترو سيني مجيو آهي تہ پهرين ڪائونسل ۾ گهٽو ڪجهہ طيءِ ٿيو ۽ منظم سوترن ۾ جيڪي ڪجهہ ياد ڪرايو ويو انهيءَ مان هڪ حصو ضرور تري ٽپڪ ۾ موجود آهي.

ٻي ڪائونسل:

ان ڪان پوءِ هڪ صديءَ تائين ڪنهن بہ جلسي جو پتو نتو پوي. البتہ اٽڪل هڪ صديءَ ڪان پوءِ "ويسال" جي هنڌ تي هڪ وڏو جلسو ٿيو. انهيءَ جلسي ڪرڻ جو سبب هي هيو تہ ڪجهہ راهبن-سنگهہ جي قاعدن جي پيچڪڙي ڪرڻ شروع ڪئي هئي. تنهن ڪري هڪ جتي ٻئي جتي ميٽان الزام هي هنيو تہ اهو ٻڌ جي شريعت جي ابنڙ گهٽو ڪجهہ ڪري ٿو. انهيءَ ڪري هاٽي سوال هي اٿيو تہ انهن سيني جي باري ۾ اٽل فيصلو ٿيڻ گهرجي تہ ڇا انهن ڳالهين ڪرڻ جي اجازت آهي يا نہ؟:

اختلافن جا بنيادي سبب اهي ئي هيا جيڪي اسان هن ڪان اڳ ۾ ٻڌائي چڪا آهيون. يعني ٻن پهرن جو ڪاڏو لڙيءَ ٻپهريءَ جو ڪائي سگهجي ٿو يا نہ؟ انهيءَ وقت ڏهي يا ڏڌ. ڪائڻ خراب آهي يا سنو؟ سون ۽ چاندي راهب وٺي سگهن ٿا يا نہ؟ وغيره وغيره. وڏي بحث ڪانپوءِ هي طئہ ٿيو تہ اهي سڀ امر اڳ جيان ممنوع سمجهڻ گهرجن ۽ سمجهيا ويندا. مگر جدت پسندن ڪي هيءَ قدامت نہ وڻي ۽ انهيءَ وقت ڪان پوءِ بہ جماعتون ٿي ويون ٻنهي جا جدا جدا ميڙ ٿيڻ لڳا ۽ هرڪا جماعت پاڻ ڪي صحيح ۽ ٻيءَ ڪي غلط ثابت ڪرڻ لڳي. انهن جو پاڻ ۾ اهو جهيڙو اٽيمتائين وڌي ويو جو ٻوڏي راهب ارڙهن ٽولن ۾ ورهائجي ويا ۽ هر هڪ ٢ حق ۽ سچ جودعويدار هيو.

ٽين ڪائونسل:

ٽين ڪائونسل اشوڪ جي بادشاه بنجڻ ڪان ارڙهين سال پوءِ پاٽلي پتر (پٽنا) ۾ ڪڏي (252 ق.م) هن جلسي ۾ هڪ هزار مانائتا راهب شريڪ ٿيا. انهيءَ جلسي جي صدارت تنهيا 3 ولد موگليءَ ڪئي. انهيءَ مجلس ۾ ٻڌ جي ڏسيل شريعت پهريون پيرو سوتري ۽ لکيت جي شڪل تري ٽپڪ جي نالي سان اختيار ڪئي.

اهي حڪم ۽ قانون قاعدا نظام جي صورت ۾ لکياويا ۽ هر هر ورجائي ڪري ياد ڪرايا ويا. هيءَ ڪائونسل نون مهينن تائين هلندي رهي ۽

انهيءَ جي نالي اشوڪ هڪ نيا پو موڪليو جيڪو جدا جدا ٽڪرين تي اڪريل آهي. مگڌه جو بادشاه پياداسي (رحم دل) سنگهه،جي آجيان ڪندي ان جي صحت ۽ "خيريت" جي دعا گهري ٿو. "محترم بزرگو! توهان ڄاڻو ٿا تہ مان ٻڌ جي شريعت ۽ سنگهہ جي ڪيتري عزت ڪريان ٿو ۽ انهن کي ڪيڏو احترام لائق سمجهان ٿو. محترم بزرگو! پاڪ ٻڌ جيڪي ڪجهہ فرمايو اهو نهايت ئي مناسب هيو. جيڪڏهن اسان ان جي حڪم کي پنهنجو رهبر سمجهون تہ سچو قانون (شريعت) تمام گهڻو وقت رهي سگهي ٿو. محترم بزرگو! مان هيٺين شريعت جي ڪتابن کي، جيڪي پاڪ ٻڌ جي زبان مان نڪتل لفظ آهن، مان ايئن ئي سمجهان ٿو.

(١) وني سموڪس (وني جو جوهر) (٢) اليا وسالي (حق پرستن جي دنيا) (٣) اناگيت پياني (آئيندي جو خوف) (۴) مني گاٿا (گلاجا گيت) مهنا سوت (عاقلن جي سيرت) اپتسا (ساري پترجا سوال) مهارا هول سوت (راهل کي نصيحتون).

محترم بزرگو! مونکي اميد آهي تہ مانواري راهب ۽ مانوارو راهب انهن شريعت جي ڪتابن کي پڙهندا ۽ غور ڪندا رهندا

۽ اهڙي طرح عام ٻڌ بہ ائين ڪندا انهيءَ غرض سان مان هي چٽسالي ڪرائي آهي ۽ پنهنجي اڇا جو اظهار ڪيو آهي.

اشوڪ جا موڪليل پرچارڪ:

انهيءَ ڪائونسل اشوڪ جي چوڻ تي هيٺين هنڌن تي پرچار ڪن کي موڪلڻ جو فيصلو ڪيو،انهن جي لسٽ ديپ ونس ۽ مهاونس سان پرچا ڪن جي نالن سان درج ڪئي وڃي ٿي.

(١) ڪشمير ۽ گانڌار (قنڌار)- مهجتڪ موڪليا ويا.
(٢) هس: حڪومتي نظام جو ڏاکڻو حصو- مهاديو موڪليا ويا.
(٣) ونواس (راجپوتانا جو رڻ) - اڪين موڪليا ويا.
(۴) اپرننڪ (سرحد) - باختري ڌرم رکت موڪليا ويا.
(٥) مهرا سٺ (بمبي صوبي جو ڏاکڻو ۽ اوپر واروحصو) مهاڌرم رکت موڪليا ويا.
(٦) يون لوڪ (باختر) مهار ڪيت موڪلياويا.
(٧) همنونت (وچ هماليا) مجهم موڪليا ويا.
(٨) سون يومي (ملايا) سين ۽ اتر موڪليا ويا.
(٩) لنڪا - مهند وغيره موڪليا ويا.

انهيءَ سال اشوڪ، ڌرم مهاماتر، نالي سان هڪ کاتو قائم ڪيو،

جنهن جو فرض هيو ته اهو مذهب جي سچائيءَ کي قائم رکي ۽ وحشي ۽ جهنگلي قوم جي نظرداري ۽ انهيءَ جي حقن جي پوئواري ڪري.

چوٿين ڪائونسل:

چوٿين ڪائونسل، ڪنشڪ، ٦ (اٽڪل 125 کان 148ع تائين) جي زماني ۾ ٿي. انهيءَ ۾ پنج سو راهب شريڪ ٿيا. انهيءَ جا ٿي ثبوت ملن ٿا. انهي وقت ٻڌ مذهب ٻن فرقن ۾ ورهايل هيو. هڪ "استروپروار". ۽ ٻيو مهاسا مڪيڪ، هيو، هي ڪائونسل انهن ويڇن کي ختم ڪرڻ لاءِ سڏائي ويئي هئي. انهيءَ جلسي جي صدارت "وسو بنڌوءَ" ڪئي. انهيءَ ۾ ڌرمي متا ٻيهرجوڙيا ويا. ٽي تفضير تيار ڪيا ويا. جن مان "مهاد ياشا" گهڻو مشهور آهي. هي ڪتاب ٻڌن جي شريعت جو هڪ نهايت مستند ذخيرو سمجهيو وڃي ٿو. انهن تفسيرن مان هر هڪ ۾ بقول هيوان سوانگ جي هڪ لک شعر هيا چيو وڃي ٿو ته انهن تفسيرن کي ڪنشڪ ٽامي تختين تي اڪيرائي هڪ وڏي ۽ ڳوري اسٽوپ هيٺان پورائي ڇڏيو هو جيڪو هن سري ننگر ساڻ لڳو لڳ نهرايو هو. هن اسٽوپ جو هن وقت تائين ڏس پتو ملي نه سگهيو آهي.

هنيان ۽ مهايان: انهيءَ ڪائونسل کان پوءِ ٿورن ڏينهن ۾ ٻڌ مذهب ۾ ٻه وڏا فرقا ٿي ويا. جن کي "هنيان" ۽ "مهايان" چون ٿا هنيان ته ان قديمي ٻڌ کي مڃڻ وارا آهن، جيڪي لنڪا ۽ برما ۾ لڌا وڃن ٿا ۽ جيڪي روح جا قائل نه آهن ۽ خدا جي باري ۾ اهوچون ٿا ته ٻڌ ڪجهه نه چيو آهي ۽ اسان کي ان جي هجڻ يا نه هجڻ سان ڪوبه واسطو ڪونهي. ماهيان ٻڌستو تي يقين رکن ٿا. ٻڌ کي فطرت کان مٿاهين هستي سمجهن ٿا. ديوي، ديوتائن جا قائل آهن. ٻڌ ۽ ديوتائن جي مورتين جي پوڄا ڪندا آهن. جنتر، منتر تي ويساهه رکندا آهن. رسمن ۽ ريتن تي عمل ڪندا آهن هڪ خدا کان سواءِ گهڻن خدائن تي اعتقاد رکندا آهن.

مهايان فرقي جو باني، ناگارجن، هيو، هن ٻڌمذهب ۾ ڀڳتي ۽ عام پريم کي داخل ڪري ۽ انهيءَ ۾ خدا ۽ ديوتائن کي شريڪ ڪري ڪيس تمام گهڻو پيارو بنايو، ونسنسٽ سمٿ، جو رايو آهي ته مهايان فرقو هندو، ٻڌ، ايراني، رومن ۽ يوناني مذهبن جي هڪ کچڙي آهي. جنهن گوتم کي هڪ امر ۽ ٻاجهاري انسان جي صورت ۾ پيش ڪري سڪل مثل اخلاقي اصولن جي ڳنڍڪي ۾ ساهه وڌو.

زوال جا سبب: انهيءَ فرق ۽ اختلاف جهڙي طرح هن مذهب کي اوير ۾ مقبول بنايو. اهڙي طرح هن جا اثر هندوستان ۾ گهٽجي ويا. اسان کي انهيءَ جو اندازو چيني سياحن قاهين، (۴۰۰ع) شنگ مين) (۵۷۸ع) ۽ هو ان سانگ (٦٣٩ع کان ٦۴٨ع) جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٻڌ مذهب رڳو انهن هندن تي وڃي بچيو هو، جتي راجا انهيءَ جي سهائتا ڪندا هتا.

اهوئي سبب ٿيو جو، اشوڪ "ڪنشڪ" کان بعد هي مذهب رڳو پنجاب، ڪشمير ۽ بهار ۾ ڪجهه ڏينهن تائين زنده رهي سگهيو. ڏاکڻي هندوستان تي هن جو گهٽو اثر نه ٿيو. انهيءَ جي خاص وجهه برهمڻن ۽ راجپوت راجائن جي مخالفت هئي. ڪجهه مورخن جو ته ايستائين خيال آهي ته برهمڻن جي پڙڪائڻ سان ماڻهو عملي طرح هن مذهب جامخالف ٿي بيٺا.

ڪمارل ڀٽ ۽ شنڪر آچاريه تقريرن کان پوءِ ته ڪيترائي ٻڌ ماريا ويا. سارناٿ ۾ انهيءَ جا نشان لڌا وڃن ٿا ته اتان جا اسٽپوا ۽ ٻوڌي مندر بار بار، ڊاٿا ۽ ڪيرايا ويا. اهڙي طرح ڏهين ۽ يارهين صديءَ تائين، بنگال ۽ بهاركان سواءِ هتان جا بادشاه هن مذهب جا پوئلڳ هئا، هي مذهب هندوستان ۾ باقي رهيو. جڏهن پال سلطنت جو مسلمان فاتحن انت آندو ته هي مذهب به پنهنجي جنم ڀومي تان گولي ٿي ويو.

خود هن مذهب جي راهبن ۽ درويشن ۾ اينتري ته غيلاشي ٿي ويئي. هئي جو عوام ۾ هن مذهب جي خلاف نفرت پيدا ٿي پئي.

سموري تعليم جيڪا اخلاق کي مٿاهين ڪرڻ ۾ پنهنجو مثال نه رکندي هئي: پرمن، سنسن ۽ راهبن جي حرامپائيءَ جي ڪري بالڪل اجڙي ويئي ۽ ٻڌمذهب جيڪو اخلاق جي سڌاري لاءِ جاري ڪيو ويو سو بد اخلاقيءَ جو ڊير بڻجي ويو.

هن باري ۾ اينترو اجا چوڻ ضروري آهي ته اشوڪ ۽ ڪنشڪ جهڙن بادشاهن جي سرپرستيءَ جي توڙي جو ڪيتري به ساراهه ڪئي وڃي مگر هي مجٽوپوندو ته انهن شهنشاهن جي ٻڌ نوازيءَپڻ وارن پکشن کي دلائي لاما جي محلن جو خواب ڏيکاريو ۽ انهن ۾ اهڙيون ته اخلاقي ڪمزوريون پيدا ڪيون جو اهي برهمڻن ۽ مسلمانن جي معمولي حملن سان ڇيهون، ڇيهون ٿي پنهنجي جنم ڀوميءَ تان غائب ٿي ويا.

حوالا

١- رائس ڊيوڊس
٢- مهاونس
٣- Tissa
٤- گيا جي ويجهو هڪ ٽڪري آهي. پروفيسر مکرجي انهيءَ هنڌ کي پيرو ۽ رائس ڊيوڊس بينر چون ٿا. مگر ڊاڪٽر ايشوري پرساد هن باراري چيو آهي.
٥- اشوڪ جي انهيءَ ڪتبي مان هيءَ ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته اهڙي نالي

سان ڪتاب، انهيءَ وقت موجود هيا ۽ اهي ٻئي پروسي جوڳا سمجها وڃن ٿا. مگر ٽري ٽپڪ ۾ جيڪي ڪتاب شامل انهن ۾ اهي نالا نٿا ملن. ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ ڪائونسل انهن ڪتابن جا نالا بدلايا هجن. پوءِ به ڏاڪٽرن ٻڌن جي هي دعويٰ صحيح نٿي مڃي سگهجي. ٽري ٽپڪ ۾ سڀ ڳالهيون اهي ئي آهن جيڪي اشوڪ کان اڳ ۾ هليون ٿي آيون. انهيءَ ڪري جو ٽري ٽپڪ ۾ اشوڪ جي ڏنل وچور کان وڏيڪ ڪتاب شامل آهن.

ڊيوڊس جو هي خيال آهي ته ٽري ٽپڪ ۾ "پالي مڪ" اهوئي آهي جنهن کي اشوڪ وني سموڪس، چيو آهي ۽ ترهه گاٿا اهو ئي اهي، جنهن کي هن سني گاٿا، چيو آهي. اهڙي طرح اناگتا ڀياني، جي وشئه جو ڏس، ٻتوتو ۾ ملي ٿو. باقي ڪتابن جو ڪو نشان پتو ڪونهي.

٦- ڪنشڪ جي تاجپوشيءَ جي سال تي مورخن ۾ وڏا اختلاف آهي ۽ ڪوبه سن پڪ سان ٻڌائي نٿو سگهجي. هي سن سرينواس ۽ رام سوامي آئنگر جي تاريخ تان ورتو ويو آهي.

٧- ڏس سيرچارلس ايٽ جو ڪتاب.

٨- ڪمارل ڀٽ ستين صديءَ ۾ ٿيو. ان ويدن جي عظمت ثابت ڪئي، ۽ انهن جي ٻڌايل رسمن کي جاري ڪرڻ جي سلسلي ۾ ٻڌ مذهب جي گهڻي مخالفت ڪئي.

٩- شنڪر آچاريا ڪيرالا جي هند تي ٧٨٨ع ۾ پيدا ٿيو. هي ويدن جو تمام وڏو ڄاڻو هو. ان اپنشد ڀڳوت گيتا ۽ دوانت سوتر جا تفسير لکيا ۽ هو جڳت گروءَ جي لقب سان سڏيو ويو. ان ميسور دوارڪا، پوري ۽ بدري ڪدار ۾ مٺ قائم ڪيا. ۽ ساري هندوستان ۾ دورا ڪري ٻڌ مذهب جي عالمن سان مناظرا ڪيا ۽ انهن کي شڪست ڏني ۽ هزارين ٻڌن کي هندو بڻايو.

١٠- رائس ڊيوڊس.

باب ستون

ٻڌ مذهب جدا جدا ملڪن ۾

ٻڌ مذهب کي توڙي جو پنهنجي ديس مان نيڪالي ڏني ويئي ۽ هندوستان ۾ سواءِ سارناٿ ۽ گيا جي هن جي مڃڻ وارا گهڻا نٿا لڀڻ، مگر پوري دنيا ۾ هن جي مڃڻ وارن جو ڳاڻاٽو بي شمار آهي. نيپال، تبت، چين، ڪوريا، جپان، برما، سيام، ملايا، جاوا، سوماترا ۽ سري لنڪا ۾ هن مذهب جا پيروڪار تمام گهڻا آهن. اهڙيءَ صورت ۾ هن جو ڇاڻ دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو ته هي مذهب انهن هنڌن تي ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ پهتو ۽ هن جي موجوده شڪل ڪهڙي آهي ۽ هن جو اثر ڪيترو آهي. اسان انهن ملڪن جو اجمالي بيان ته ڪنهن پوئين باب ۾ ڏئي چڪا آهيون. هاڻي هن جو تفصيل حاضر آهي.

لنڪا:

تيسا بادشاه (٢٣٠ کان ٢٥٠ ق.م) جي زماني ۾ هندوستان جي شهنشاهه اشوڪ پنهنجي مهيند ٻڌ مذهب جي پرچار لاءِ موڪليو. مهيندر انهيءَ وقت تائين هڪ درويش واري زندگي بسر ڪري رهيو هو ۽ ٻڌن ورهين تائين گذري چڪو هو. ڪائونسل جي ٻئي سال مهيندر لنڪا ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ پاڻ سان راهبن جو هڪ جٿو به وٺي ويو. انهن ماڻهن کي تري ٽپڪ ۽ انهن جا تفسير ياد هيا، جيڪي ڪائونسل ۾ طيءِ ڪيا ويا هئا. انهن تفسيرن کي هن ”پالي“ مان ٻنگالي زبان ترجمو ڪيو. تيسا، مهيندر جو وڏو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ پاڻ ٻڌ مذهب قبول ڪيائين ۽ ان جي پکيڙڻ جو حڪم ڏنائين. هن مهيندر جي چوڻ تي ”اندو ڏيو“ ۾ ٿوپارام واگهپ ٺاهرايو جيڪو اڄ ڏينهن تائين موجود

آهي ۽ جنهن جي باري ۾ هي خيال آهي ته هن جي هينيان گوتم جي ڪنڌ جي هڏي پوريل آهي. ان جي ويجهو هڪ مٺ به هندوستاني راهبن جي رهڻ لاءِ بادشاه جوڙايو هو ۽ ان کان انن ميلن جي وچوٽيءَ تي مهنتل وهار جوڙايائين، جيڪو هن وقت تائين موجود آهي.

ٿوپارام واگهپ جوڙائڻ کان پوءِ بادشاه جي ڪجهه عورتن راهبه ٻڌڻ جو خيال ڏيکاريو، انهي تي مهيندر پنهنجي ڀيڻ سنگهه مترا کي نياپو موڪليو، جيڪا هن سان گڏ سنگهه ۾ داخل ٿي هئي، اها ڪيترين ئي راهبائن سان گڏ لنڪا آئي ۽ پاڻ سان گڏ ٻڌ وڻ جي هڪ ڏاري به پاڻ سان کنيو آئي. اها ڏاري انروڌپور ۾ روانولي واگهپ جي جي پرسان هنئين ويئي انهيءَ جون تاريخي ثابتيون موجود آهي.

جيڪو موجوده ٻوڏي وڻ جو لنڪا ۾ موجود آهي. انهيءَ ڏاريءَ جو لڳل آهي. اڄ اهو دنيا جو سڀني کان پراڻو وڻ آهي ۽ انهيءَ کي پوري سنيال هيٺ رکيو ويو آهي. انهيءَ کي پاڻي ڏيڻ ٻڌن لاءِ وڏي سعادت آهي. تيسا تيهن سالن تائين حڪومت ڪري مري ويو ۽ مهيندر به ڪجهه وقت کان پوءِ وفات ڪري ويو، انهيءَ جي موت کان پوءِ ٿوري عرصي ۾ لنڪا کي تامل قوم فتح ڪيو. مگر ١٦٤ ق.م ۾ انهيءَ قوم کي ڪڍيو ويو ۽ فاتح "دشت گامنيءَ" به پنهنجي ڏاڏي تيسا، وانگر ٻڌ مذهب قبول ڪيو ۽ انهيءَ جي سهائتا ڪندو رهيو. هن ڪيتريون ئي جايون جوڙايون، جن مان جهاٿوپ ۽ پتل وارو وڏو "مٺ" تمام گهڻا مشهور آهن. انهيءَ مٺ سوا سو ٿنيا آهن.

انهيءَ جي مرڻ کان پوءِ دراوڙ قوم وري حملو ڪيو ليڪن انهن کي "دتا گامنيءَ" ٨٨ ق.م ۾ ملڪ نيڪالي ڏني. انهيءَ بادشاه لنڪا ۾ سڀ کان اوچو ڏاگهپ ابيا گيري،تيار ڪرايو ۽ انهيءَ زماني ۾ تيئي "پٽڪ" حافظي تان ئي ڪتابي صورت ۾ آندا ويا: محققن جو رايو آهي ته اصل ٻوڌي تعليم انهن پٽڪن ۾ اصلوڪي صورت ۾ گهٽي ڀاڱي تائين ڏني وڃي ٿي ۽ جيسترا به ڪتاب انهيءَ مذهب جا ڏکڻ هندوستان تبت ۽ چين ۾ لڌا وڃن ٿا اهي سڀ انهن پٽڪن کان پوءِجا لکيل آهن ۽ ايترا اعتبار جوڳا نه آهن. انهيءَ کان سواءِ ٻڌ مذهب جي باري ۾ اهم ڪم لنڪا ڪيو، اهو پنجينءَ صديءَ ۾ ٿيو. ٤٣٠ع جي لڳ ڀڳ ٻڌ گيا جو هڪ راهب ٻڌگهوش لنڪا آيو. هي شخص وڏو فلسفي ۽ عالم هيو. هن ٻڌمذهب جو هڪ انسائيڪلو پيڊيا وسدي مارگ جي نالي سان تيار ڪئي ۽ پٽڪ جي سموري تعليم کي بنگالي زبان کان پالي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. هي تفسير ايتري قدر مقبول ٿيا جو ڊيورس جي چوڻ مطابق جو هاٿي ڪوبه تفسير بنگالي زبان ۾ لنڪا ۾ لڌو نٿو وڃي.

برما:

هتي ٻڌ مذهب جي شروعات جي باري ۾ مختلف بيان آهن. برما وارا تہ هي چون ٿا تہ گوتم خود هتي آيو هو. مگر اها انهن جي خود عقيدگي آهي. تاريخي حوالي سان سڀ کان اول هتي ٻڌ مذهب اشوڪ جي پرچارڪن جي وسيلي پهتو. پر اصل ۾ هن کي اوج پنجين صدي ۾ مليو. جڏهن ٻڌ گهوش لنڪا کان ۴۵۰ع ۾ هتي آيو. انهيءَ وقت کان وٺي ٻڌ مذهب اتي اهڙي طرح زور ورتوجو اڄ برما ۾ "ٻڌ" هجڻ اتان جي ريتن ۽ رسمن ۾ داخل ٿي چڪو آهي.انهيءَ جو نتيجو اهو آهي جو هر ڳوٺ "پگوڙا" (ٻڌ مندر) قائم ٿيل آهي ۽ ۷۵.هزارن کان مٿي اتي مذهبي فقير آهن. ٻڌ جي ٻتن کي پوڄڻ مذهبي اڳواڻن جي عزت ڪرڻ ۽ جدا جدا قسم جي شيطان روحن تي يقين رکڻ! انهن وٽ هڪ مذهب جو جزو، آهن. هڪ عام رواجي ڳوناٿو بہ ڪنهن.وڻ جو ميوو انهيءَ وقت نہ ڪائيندو ۽ ڪابہ پوک انهيءَ وقت ٿنائين نہ پوکيندو جيستائين انهيءَ نٿ (روح) کي ڪابہ پتيا نہ ڏيندو.

جيڪو انهيءَ وڻ تي يا انهيءَ جاءِ تي انهن جي چوڻ مطابق قابض آهي. ٻڌ مذهب مروڙي سروڙي انهيءَ حد تائين پهچايو ويو آهي.تہ گوتم هي سيکاريو آهي تہ هر ماڻهو پنهنجن نيڪ عملن جي وسيلي هڪ ديو يا ننڍو ديوتا بڻجي سگهي ٿو ۽ برن عملن جي ڪري هڪ يڪ يا خبيث روح بڻجي سگهي ٿو. اهي ديوتا ۽ خبيث روح پاڻ کان وڏن روحن جي قبضن ۾ آهن،جن کي "نٽ" چيو ويجي ٿو. انهن نٽن جو ڳاٽاٽو ۳۸ آهي. انهن مان جيڪو سيني کان وڏو آهي، انهيءَ جو نالو "يگ من" آهي. انهيءَ لاءِ انهن نٽن کي خوش ڪرڻ لاءِ جانورن جي قرباني ڪندا آهن. شراب پيئن ٿا، جيڪو گوتم ٻڌ جي تعليم جي بنهہ ابتڙ آهي. اهي پنهنجن ڏڻن جي موقعن تي گهڻي خوشي ملهائيندا آهن، نچندا ڳائيندا آهن ۽ نذرانوڏيندا آهن. اهي گلن جا هار کڻي ٻڌ مندر ويندا آهن اتي گوڏا کوڙي ٻڌ جو ٻڌايل فقرو ورجائيندا آهن. انيڪ، دک، انات، (سڀ فاني آهي) اهي سڀ ڏکن سان ڀرپور آهن ۽ سڀ غير حقيقي آهن.

تڏراني ڏينڻ کان پوءِ ساري رات ناچ رنگ ۾ ۽ ٿيٽر ڏسڻ ۾ گذاريندا آهن. اهي ٿيٽر مندرن جي اڳرن ۾ ڪيا ويندا آهن ۽ ڪونہ ڪو امير اهو خرچ ڏئي ويندو آهي. ڏڻن کان سواءِ هڪ خاص موقعو خوشي ملهائڻ جو ڪنهن مذهبي راهب جو موت آهي. چندي جي لسٽ کولي ويندي آهي ۽ هڪ وڏي رقم ڪٺي ڪري "چتا" جي چوڏاري سٺي خاصي عمارت تيار

ڪئي ويندي آهي، ڪيترائي نشان ناهيا ويندا آهن. رنگا رنگي جهنڊيون هنيون ونديون آهن. رانديون رونديون ۽ ناچ گانو ٿيندو آهي. انهيءَ وچ ۾ لاش کي ماکيءَ ۽ سونن ورقن ۾ ويڙهي رکيو ويندو آهي. جڏهن انهيءَ لاش کي ساڙڻ جو وقت ايندو آهي ته اها هڪ دڙي تي رکي ويندي آهي. جنهن ۾ رسو ٻڌو ويندو آهي ۽ پوءِ ٻه پارٽيون ٿي ونديون آهن.رسي کي ڇڪڻ شروع ڪيو ويندو آهي. ۽ انهيءَ ۾ جيڪو جيتي ويندو آهي اهوئي سموري خرچ پکيءَ جو ذميوار هوندو آهي. حقيقت اها آهي ته توڙي جو اهي ماڻهو پاڻ کي ٻڌ چورائن ٿا مگر انهن مان گهڻا روح ۽ خدا تي ويساه رکن ٿا. نرواڻ جي بدران هڪ بهشت جا قائل آهن جتي نيڪ ۽ صالح انسان وجي ديوتائن سان گڏ خوشيءَ ۽ آنند واري زندگي گذاريندا. عيسائي مشينري وڏي زور شور سان تبليغ جو ڪم ڪري رهي آهي ۽ هن وقت ٽائين سوا ڪروڙ جي آباديءَ مان رڳو چوٿين حصي عيسائي مذهب قبول ڪيو آهي ۽ گهٽي اميد ڪئي ٿي وڃي ته ايندڙ وقت ۾ عيسائي مذهب ۾ واڌارو ايندو (ياد رهي ته هي تحرير ١٩٤٢ع ۾ لکي وئي هئي)

تبت:

هن ملڪ ۾ ٻڌ مذهب ڪجهه اشوڪ جي پرچارڪن پکيڙيو ۽ ڪجهه ڪنشڪ جي زماني ۾ وڌيو، مگر حقيقت ۾ انهيءَ مذهب جو واڌارو هتي ستين صدي عيسويءَ ۾ ٿيو. جڏهن اتان جي بادشاه ٻه شاديون ڪيون. هڪ چيني شهزاديءَ سان ۽ نيپالي شهزاديءَ سان ۽ اهي ٻئي ٻڌ مذهب جي مڃڻ واريون نڪتيون. انهن راڻين جي اثر جي ڪري هن مذهب جو واڌارو تبت ۾ اينترو قدر ٿيو جو ان جي هڪ صديءَ کان پوءِ تبت جي راجا باقاعدي ماڻهو موڪلي هندوستان مان پکشو گهرايا. ٻڌ مذهب جي ان ملڪ پهچڻ وقت، اتي موجود مذهب تي ويساه ۽ ريجهائڻ لاءِ قربانيون تمام اوج تي هيون. اتان جي رهاڪن جي خيال ۾ انهيءَ ٽاڪرو هنڌ تي قدم قدم تي خبيث روحن جا اڏا هئا ۽ ڪوبه ڪم انهن کي خوش ڪرڻ کان سواءِ ڪري نه سگهبو هو. انهيءَ ڪري مذهبي پادرين انهيءَ ڊپ ۽ ڪمزوريءَ مان فائدو وٺندي ٻڌ مذهب کي هڪ مخصوص چولو پارايو. انهن ماڻهن جا عقيدا هاڻي هي آهن.

گوتم کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي ٻڌ آهن، مگر انهن مان خاص پنج آهن. گوتم ۽ سندس کان اڳ ۾ آيل ٻڌن ۽ ايندڙ مترٻڌ (رحمتي ٻڌ) ٽي جلوا هوندا آهن. ٻه آسماني ۽ هڪ زميني. آسماني ٻڌ ته ڌياني ٻڌ ۽ ٻڌهستو چورائيندا آهن ۽ زميني رڳو ٻڌ.اهڙي طرح موجوده ڪلپ جي لاءِ پندرنهن ٻڌن جي فهرست ٿي،جيڪي اصل ۾ پنج ئي آهن، ڌياني (فڪري) ٻڌ،ٻڌستور (فڪري) ٻڌن جو ٻيو جلوو) منشي (انساني) ٻڌ.

١- دروچن -سمانت ڀدر - ڪرڪو چند
٢- اڪشوهيا -وجر پاني - ڪنگ مني
٣- رتن تمبو - رتن پاني -ڪيسپ
٤- رپتاپ- پدم پاني - گوتم.
٥- اموگ سڌ- وسو پاني يا اولو ڪتيسور متر ٻڌ.

اهوئي اولو ڪيسو جيڪو گوتم جي شڪل ۾ آيا هو دلائي لاما يا تبت جي ضدي مذهب جي شڪل اختيار ڪري ٿو. دلائي لاما ڪو معمولي انسان نہ آهي، ان جو درجو "ادي ٻڌ" يا خدا کان پوءِ جو آهي.

انهيءَ کان سواءِ تبتي ٻڌ هڪ ابدي ۽ ازلي وجود جو،هڪ نور جو پتلو جو هڪ قادر مطلق جي هڪ ڏاهي جو ۽ بخت ڪامل جو بہ يقين رکن ٿا. ۽ انهن مان هر هڪ کي جدا جدا رب ڪري مڃيندا آهن. هن وٽ ديويون بہ آهن، جن کي اهي نار چوندا آهن. هڪ نار تواولو ڪتيسور جي پتني آهي ۽ انهيءَ ئي انهن ٻن راڻين جي صورت اختيار ڪئي هئي، جيڪا سڀ کان اول تبت جي ٻڌ بادشاه سان پرڻائي وئي هئي. هڪ ٻي نار نهايت ئي ڊيڄارينڊڙ صورت واري آهي،هن جا ٽي مک ۽ اٺ هٿ آهن. انهن مکن مان هڪ مک بالڪل سوئر جو آهي. منگوليا وارن جا ويساهہ آهي تہ زار روس جي شڪل ۾ انهن مان هڪ جنم ورتو آهي.

انهيءَ کان سواءِ خبيث روح بہ آهي. جن مان هر هڪ جي شڪل نهايت ڀوائتي آهي ۽ انهيءَ ڪري ان جا زبردست شيطانن کان ڊڄن ٿا.

انهن خبيثن جون بہ انهن جي شڪل جهڙيون زالون آهن ۽ اهي سموريون ئي نهايت خوفناڪ ۽ ظالم آهن.

پوءِ دنيا جي چئني حصن ۾ چار ديو بادشاهہ آهن ۽ انهن کي پرچائڻ ضروري آهي. ڇو بہ ڪم انهيءَ ديو کي نذراڻي ڏيڻ کان سواءِ جيڪو ان جي حد ۾ ٿئي ٿو پورو نٿو ڪيو وڃي. ۽ پوءِ وري نرڳ جو داروغو "يم" بہ آهي،جنهن نظرداريءَ هيٺ اٺ ٻرندڙ مچ ۽ اٺ زمهريري جهنم آهن. يم جي زال جو نالو پهامو آهي ۽ ابهن ٻنهي کي خوش رکڻ تمام ضروري آهي. انهن جي هٿ هيٺ هزارين ننڍا وڏا ڀوت ۽ بدروح آهن ۽ هر هڪ جي ڪاوڙجڻ سان ڏولاوا وڌي وڃن ٿا. سڀني کان آخر ۾ سوين ٻوڏي پير آهن. انهن مان هر هڪ جي مورتي رکڻ ۽ انهن کي پوڄڻ ثواب جو ڪم آهي. مذهبي ماٿهو جداجدا قسمن جا آهن. سڀ کان اتم درجو تہ لاما جو آهي. هي ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا هيڊين ٽوپين وارا ۽ ٻيا ڳاڙهين ٽوپين وارا. هيڊي ٽوپيءَ وارا شادي نہ ڪندا آهن. ڳاڙهي ٽوپيءَ وارا شادي ڪندا آهن. انهن کان سواءِ راهبن جو بہ هڪ وڏو انگ هوندو آهي. اهي پنهنجي جسم کي ڏاڍيون تڪليفون ڏيندا آهن. اڪيلا برف جي ڍڪيل لنگهن يا ڪڏن ۾ پيا هوندا آهن. ڪاڏي پيتي لباس ۽ ٻي هر شيءَ کان بيپرواهہ هوندا آهن.

دلائي لاما:

دلائي لاما جي مرڻ کان پوءِ جيترا به ڀار ڄمندا آهن، انهن مان هڪ نئون دلائي لاما چونڊيو ويندو آهي. چونڊ جو طريقو به دلچسپ آهي. سڀ ٻار هڪ هنڌ گڏ ڪيا ويندا آهن. مري ويل دلائي لاما جون سڀ شيون ڪنيون ڪيون ويندون آهن ۽ انهن ۾ ٻيون شيون به ملايون ونديون آهن. جيڪو ٻار دلائي لاما جون شيون پسند ڪري ٿو ۽ ٻين شين کي هٿ نٿو لائي، اهوئي دلائي لاما بنجي وڃي ٿو. خيال اهو آهي ته جيئن ته هر ماڻهوءَ کي پنهنجي شين سان محبت هوندي آهي. انهيءَ ڪري انهن ٻارن سان اهو جنهن جي شڪل ۾ دلائي لاما، جنم ورتو آهي، پنهنجون شيون سڃاڻي ٿو. دلائي لاما کان پوءِ لاما اعظم ۽ هڪ راهب هوندي آهي. انهن مانوري ۾ هڪ جي هيٺ ڪيترائي لاما ۽ راهبائون هونديون آهن. اهڙي طرح تبت ۾ لامائن جي تمام گهڻائي آهي. انهيءَ پٺريلي ملڪ ۾ ٽن هزارن کان وڌيڪ عبادت گهر آهن. انهن لامائن جو ۽ مذهبي ماڻهن جو عوام مٿان ڪافي اثر آهي: اهي مذهبي ماڻهن جو هز ڪم نهايت سچائي ۽ نوڪرن وانگر ڪندا آهن. انهيءَ اثر جو سبب اهو آهي ته هڪ ته ٻوڏي تعليم ڇڙن پيشوائن کي نفس مارڻ جو ڏاڍو انهن جي دلين تي ويهاري ڇڏيو آهي. ٻيو ته انهن کي انهيءَ ڳالهه جي پڪ آهي ته لاما، انهن جي ۽ خبيث روحن جي وچ ۾ ديوار جو ڪم ڏين ٿا. جيڪڏهن اهي انهن جي حفاظت نه ڪن ته ماڻهن کي خبيث روح جيئرو نه ڇڏين.

چين:

چيو وڃي ٿو ته ٻڌ مذهب ٻي صدي ق.م ۾ چين ۾ پهتو هيو. مگر تاريخي حيثيت سان پهرين صدي عيسويءَ کان اڳ ۾ هن جو ڪو به نشان نٿو ملي. انهيءَ صدي ۾ چين جو شهنشاه مينڪسائيءَ هڪ خواب لڌو هو. جنهن ۾ ان جي چوڻ مطابق هن پنهنجي راڄڌانيءَ ۾ ٻڌ مذهب جا پرچارڪ گهرايا. انهيءَ شهنشاه جي گهڻي ڪوشش هوندي به ٻڌ مذهب ٽن سون سالن تائين ڪو خاص اثر قائم ڪري نه سگهيو. انهيءَ جو سبب اهو هيو جو خود چين ۾ ٻه فلسفانا مذهب موجود هئا. جن جي هجڻ ۾ ڪنهن ڌارئي مذهب جو اثر وٺڻ ايترو سولو نه هو. پهريون مذهب تاوي هيو ۽ ٻيو "ڪنفيوشي" اهي مذهب اخلاقيات جي تعليم ڪري ٻڌ جي نسبت عوام ۾ گهڻ ڪشش نه رکندا هئا. پوءِ به مذهب هوريان، هوريان پکڙبو ويو. مگر

هاڻي بہ هن جي اها حالت آهي جو ڪوبہ چيني خالص ٻوڌي مذهب جو پوئلڳ ڪونهي. چيني جهڙي طرح هر مذهب مان پنهنجي پسند جا نڪتا چوندي وٺندو آهي. اهڙي طرح هن ٻڌ مذهب کي مجي ڪيس ڇا مان ڇا بنائي ڇڏيو آهي.

ٽين صديءَ عيسويءَ ۾ هي مذهب ڪجهہ وڌيو ۽ چوٿين صدي جڏهن "شي هو" باشاهہ ٿيو تہ چيني بہ ٻڌ بنجڻ لڳا. ان کان پوءِ چين ۾ ٻڌجي باري ايتري دلچسپي وڌي وئي جو "فاهيان، (پنجين صدي) "هو سانگ" (ڇهين صدي) ۽ "آئي تشڪ" (ستين صدي) جڏهن هندوستان ۾ آيا تہ هتان ٻڌمذهب جا ڪتاب ڪٽي ويا. اهي جيترا بہ ڪتاب آهن اهي سڀ "فاهيان" جي نقطہ نظر سان لکياويا آهن. اهڙي طرح چين جا ٻڌ جڻ تہ اتر هندوستان جي ٻڌن جا پوئلڳ آهن.

چين ۽ تبت جي ٻڌن ۾ فرق: مگر حالتن پٽاندر انهن ۾ تبت جي ٻڌن ۾ تمام گهڻو فرق آهي.مڪين مڪيہ ڳالهيون هن نموني بيان ڪري سگهجن ٿيون.

١- چين ۾ تبت کان گهٽ ديوين ۽ ديوتا آهن ائين چئجي تہ تبت وارن وانگر هتي بہ "ٻڌ" ٻڌ مکيہ مسنتو پير ۽ ديو ديوتا آهن.

٢- چين ۾ اچڻ وارو ٻڌ يعني رحمتي ٻڌهڪ نام ديوتا واري حيثيت رکندو آهي ۽ ان جي شڪل هميشهہ هڪ ڪلمڪ ٿلهي ماڻهوءَ جهڙي هوندي آهي.

٣- مذهبي ماڻهن خاص طرح پکشو ۽ لاماکي ذليل سمجهندا آهن ۽ انهن جي ڪابہ عزت ڪانہ ڪندا آهن ۽ انهن جو اخلاق ڪو چڱو نہ آهي. توڙي جو اهي پنهنجي ساک پيدا ڪرڻ لاءِ طرح طرح سان پنهنجن جسمن کي تسيا ڏيندا آهن ايستائين پنهنجي ڪوڙيل ٽڪڻ تي برندڙ آنگر رکي دعا گهرندا آهن. آنگريون، سازي سازي هٿ ڪارا ڪري ڇڏيندا آهن. انهن کان نفرت جو خاص سبب هي آهي تہ چيني عام طور تي خانداني زندگي گذاريندا آهن ۽ وري هي ماڻهو انهن جي ابتڙ آهن.

٤: ديوين ۾ خاص طرح چيني رحم جي ديويءَ "ڪوئين" کي تمام گهڻو پيارو رکندا آهن ۽ انهن جي مورتين جي پوڄا وڏي احترام سان ڪندا آهن.

جاپان:

هن ملڪ ۾ ٻڌ مذهب ڪوريا کان ٥٥٢ع ۾ آيو ۽ خود ڪوريا ۾ هي مذهب چوٿين صديءَ عيسوي پهتو هيو. انهيءَ وقت جپان ۾ بہ مذهب هلندڙ هئا. هڪ "شنتومذهب" ٻيو "ڪنفوشي" ڪنفوشي تہ اهوئي چين وارو اخلاق ۽ فلسفي جو ترجمان مذهب آهي. مگر شنتر مذهب ڪتنب ۽

وڏڙن جي روحن ۽ قدرت ۽ فطرت جي نظارن جي پوڄا تي ٻڌل مذهب آهي. انهيءَ سان گڏاهو هيءَ تعليم به ڏيندو آهي ته ”ميڪادو“ يعني جاپان جو بادشاهه ڪو عام انسان نه آهي، پر هو سج جي ديويءَ جو پٽ آهي ۽ انهيءَ الاهيءَ شان ڏنو وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي ته شنتو مذهب هميشه کان جپان جي حڪومت جو مذهب رهيو آهي. تنهن ڪري جڏهن ٻڌ مذهب جپان ۾ پهتو ته ٻنهي مذهبن ڪي هڪٻئي سان ناهه ڪرڻو پيو. ايستائين جو ٻڌ مذهب جي سيني کان وڏي جاپاني سرپرست شهنشاهه ”شوٽو ڪوئيشي“ جو هي قول عام ۾ ڏاڍو مقبول ٿيو ته ”شنتو“ ڪنفوشي ۽ ٻڌ مذهب اهي ٽئي هڪ وڻ جون ڏاريون آهن. انهيءَ ڪري هن بادشاهه جي اثر هيٺ جاپان جا بادشاهه هن مذهب جا سرپرست بڻيا. آخرڪار انين صديءَ عيسويءَ تائين (ٻڌ سنو مان ڪٽي ويا ۽ جاپان جي بادشاه کي ”دلائي لاما“.وانگر انهن جو اوتار ڪري مڃيو ويو.

اها حالت ٻارهين صديءَ تائين رهي. مگر جڏهن عيسايت جو اثر وڌڻ لڳو ته ٻڌ مذهب هڪ ٻيو چولو متايو ۽.انهيءَ ۾ ”هونن“ (١٢١٢-١١٢٣) نالي ٻيو هڪ نئون فرقو ناهيو. هن فرقي روح جي وجود کي مڃيو ۽ چوٽڪاري لاءِ ۽ (اميد) تي ويساه رکڻ لاءِ چيو: هنن جي نظر ۾ لکين سال اڳ (اميدا) انساني صورت ۾ جنم ورتو هو ۽ دنيا کي (چوٽڪاري، جو رستو ڏيکاريو هو، هي ماڻهو(اميدا) کي ازلي ۽ ابدي ڪري مڃين ٿا ۽ چون ٿا ته هيءَ اها ئي آهي جنهن ۾ اسان رهون ٿا، چرون پرون ٿا ۽ وجود ۾ اچون ٿا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ”جودو“ ۾ٽورو ڦيرو آيو ۽ ان جو نالو ”جودوشن“ پيو.

ٻيو ٻڌ فرقو ”زن“ جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. هي جاپانين کي تمام گهڻو پيارو آهي. هي جسم کي سختين برداشت ڪرڻ جي لائق بنائڻ جو قائل آهي ۽ سوچ ويچار ۽ ڌيان گيان تي زور ڏئي ٿو. هن فرقي جاپان ۾ وڏا وڏا مفڪر ۽ عملي ماڻهو پيدا ڪيا آهن. ٽيون فرقو نيچرن آهي. هي انهيءَ ڳالهه تي زورڏئي ٿو ته هر ڪم جي فيصلي واسطي انهن کي ”سوتر“ پڙهڻ گهرجن، جيڪي گوتم ٻڌ چڏي ويو آهي. ٻين مفسرن ۽ عالمن جي راءِ تي ڀروسو نه ڪرڻ گهرجي. انهيءَ فرقي جي ڪري ڪيترين سماجي برايون نڪري ويون ۽ ماڻهو.ٻڌ مذهب جا ڪتاب پڙهڻ لڳا.

مطلب ته جاپان ۾ ٻڌ مذهب جي ارتقا هي چٽي طرح ظاهر ڪري رهيو آهي ته ٻڌمت جڏهن به ڪنهن ڌارئي ملڪ ۾ ويو ته ان ۾ انهيءَ ملڪ جون ڪيترين ئي شامل ٿي ويون ۽ ڪيترين اهڙيون ڳالهيون جيڪي ملڪ وارن جي طبيعت جي ابتڙ آهن. ترڪ ڪيون ويون آهن. جاپان ٻين ملڪن وانگر ٻڌ مذهب اتي پهچڻ کان پوءِ روح جو قائل ٿي ويو. هو ديوتائن ۽ هڪ

ازلي ۽ ابدي ذات کي مڃڻ لڳو ۽ ڪرم کي بڪيڙن کي وساري ويٺو. جاپان جو ظاهري مذهب چين جي مذهب سان ملي جلي ٿو. البت هتي ديوتا آسماني خدا جي صفت سان واڳيا ويا آهن. ديوتا هي خالق به آهن ازلي، ابدي آهي ته قادر مطلق به. انهيءَ جا نالا ”ديني جي“ ۽ ”اميدا“ ٻڌستو ۾ ”ڪونون“ (چيني ڪونين) تمام پيارا آهن. هوءَ اميدا، سان گڏ بهشت جي مالڪياڻي به آهي. انهن ٻنهي جي اجازت کان سواءِ اتي ڪوبه وڃي نٿو سگهي. ان کان سواءِ ۽ پيا به ڪيترائي ديوين ۽ ديوتا آهن ۽ انهن سڀني تي يقين ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري جو جاپاني ٻڌ مذهب ڪيترين ئي ديوين ۽ ديوتائن کي مڃي ٿو ۽ پوڄي ٿو.

ليڪن انهن ڳالهين هوندي به ٻڌ راهبن جو عوام ۾ ڪو خاص اثر ڪونهي. انهن کي جنتر منتر چاٽندڙن کان وڌيڪ اهميت نٿي ڏني وڃي.

نيپال:

نيپال ۾ جيڪو ٻڌ مذهب چالو آهي. انهيءَ تي تبتي ٻڌمت جو گهاٽو اثر آهي. اهي به مقامي ديوي ۽ ديوتائن جا قائل آهن. مگر انهيءَ سان نيپالي خدا جي وجود کي به مڃين ٿا ۽ گوتم کي انسان سمجهن ٿا ”مسترهوگن“ جيڪو اتان جي ٻڌن جو حال لکيو آهي، انهيءَ ۾ هن پنهنجي هڪ ٻڌ دوست جو اهو جواب لکيو آهي، جيڪو هن کي هن سوال تي مليو هو ”ٻڌڪير آهي؟ هو خدا آهي خالق آهي؟ نبي آهي يا پير آهي؟ هو آسمان مان هيٺ لٿو يا عورت جي پيٽ مان پيدا ٿيو“ جواب مليو هو ته ”سنسڪرت ۾ ٻڌ جي معنيٰ عقل مند آهي يا اهو جنهن جو بيءُ عقل ذريعي ئي هلي سگهي ۽ هي خدا جي نالن مان هڪڙو نالو آهي، جنهن کي اسان انهيءَ ڪري ”اوهي ٻڌ“ به چوندا آهيون، جو هو مخلوق نه آهي، پر خالق آهي. ”ساڪيا ٻڌ“ (گوتم ٻڌ) زمين تي رهندڙ انسان آهي. حقيقي ٻڌ جي پوڄا جي وسيلي هومها اتم مقام تي وڃي پهتو ۽ هن نرواڻ حاصل ڪيو. اسان انهيءَ ڪري هن کي ٻڌ چوندا آهيون.

ڪوچين آواز ۽ فارموسا وغيره:

ڪوچين، آوا، فارموسا، جاوا ۽ سوماترا وغيره ۾ ٻڌ مذهب چوٿين، پنجين ۽ پوءِ جي صدين ۾ چين جي وسيلي پکڙيو. منگوليا ۽ سائبريا ۾ ته هتان ٿي ويو. انهن هنڌن تي هن جي مڃڻ وارن جو انگ اڃا به موجود آهي. انهيءَ کان اڳ ۾ هي مذهب ڪابل، تاشقند، بلخ ۽ بخارا

پکڙجي چڪو هو. انهن هنڌن جي باري ۾ گهڻو احوال "واهين هوان سانگ" ۽ سنگ ين" جي بيانن مان ملي ٿو. "سنگ پن" لکيو آهي ته انهيءَ زماني ۾ ختن جو بادشاه توڙي جو ٻڌ مذهب مڃيندڙ ڪين هيو پوءِ به ان جي ملڪ ۾ ڪافي انگ ٻڌ جي مڃيندڙن جوهيو ۽ هندوستان مان لاڳيتا پرچارڪ ايندا ويندا رهندا هئا. بلخ ٻوڌي هيو، مگر ڪافرستان هڪ تاتاري هن مذهب جو ڪٽر دشمن هيو ۽ انهيءَ مذهب جي پوئلڳن کي جتي به ڏسندو هو اتي ماري ڇڏيندو هو.

"هو ان سانگ" لکيو آهي ته افغانستان ۾ "ڪپا" نالي هڪ ٻوڌي بادشاه حڪومت ڪندو هو، مگر پوڄا گهر گهڻو ڪري سڃا پيا هوندا هئا. قنڌار ۾ به "مٺ" خالي هوندا هئا. پشاور ۾ "ڪنشڪ" جو جوڙايل مٺ به ويران هيو. عام طور ماڻهو "ماهيان" فرقي کي مڃيندا هئا. البته ڪشمير ۾ ٻڌمت جو زور هيو اتي پنج سو پوڄا گهر ۽ پنج هزارکن راهب هئا. سنڌ ۾ ماڻهو "هنيان" فرقي کي مڃيندا هئا. هن وقت ڪشمير جي اوپر وارن صوبن کان سواءِ هن مذهب جي پوئلڳن جو نالو نشان به ڪونهي. انهيءَ مذهب جي جاءِ اسلام اچي والاري آهي. مگر انهن مسلمانن ۾ وڏن جي اثر هيٺ تمام گهڻي وهم پرستي ڏني وڃي ٿي.

حوالا:

١- استوري آف ٻڌ ازم

٢- Jodo

٣- Amida

٤- Jodoshin

٥- Zen

٦- Nichiren

٧- آدمشماريءَ جي تازن انگن اکرن مطابق هن وقت اٽڪل ساڍا ٽي ڪروڙ "هنيان" ٻڌ لنڪا، برما، سيام ۽ انام وغيره ۾ آهن. جاوا، سوماترا، ڀوتان، سيڪم، چين، تبت، منگوليا، جاپان ۽ نيپال ۾ اٽڪل پنجاه ڪروڙ (هينيان) مت جا پوئلڳ آهن. اهڙي طرح اٽڪل پوري دنيا ۾ هن مذهب جي مڃڻ وارن جو تعداد اندازاً چوونجاه (٥۴) ڪروڙن کان وڌيڪ آهي. (ياد رهي ته هي ڪتاب ١٩۴٢ع ۾ ڇپيو هو)

ضميمو نمبر ١:

حياتيءَ جو ڦيٿو- اسان هن کان اڳ ۾ لکي چڪا آهيون تہ جھڙي طرح صليب عيسائن جي، سواستڪا آرين جو ۽ هلال مسلمانن جو نشان آهي. اهڙي طرح "چرخ حيات" (حياتيءَ جو ڦيٿو) ٻڌن جو نشان آهي. هي بہ اسان ٻڌايو آهي.تہ هي نشان ڇو وجود ۾ آيو ۽ شروعات ۾ هن جي ڪھڙي معنيٰ هئي. بعد ۾ ٻڌن هن ڦيٿي کي مورتيءَ ۾ تبديل ڪيو ۽ گول ڦيٿو ٺاهي انهيءَ جون جدا جدا قسمن جون شڪليون ٺاهيون. اهڙي قسم جا ٽي ڦيٿا مليا آهن. هڪ اجنتا جي گُفا ۾، هڪ تبت ۾ ۽ هڪ جاپان ۾. ڊاڪٽر واڊل ثابت ڪيو آهي تہ انهن چڪرن ۾ ٻڌ جي تعليم ٻارهن شڪلين وسيلي ظاهر ڪئي ويئي.آهي.-ان هيٺين طريقي سان انهن کي بيان ڪيو آهي.

(١) اوديا:

(جهالت) اجنتا جي تصويرن ۾ جهل کي اهڙي نموني سان ڏيکاريو ويو آهي تہ هڪ انڌي اُٺ جي ٻڪ ۾ ناڪيلي پئي آهي، جنهن کي هڪ جت جهليو بيٺو آهي.

تبتي تصوير ۾ هڪ انڌو شخص رستو پڇائيندو وڃي رهيو آهي. جاپاني تصوير ۾ انسان جي بدران ديو جي تصوير ٺاهيل آهي.

(٢) سنڪارا (قوت ۽ لاڙو):

هن خيال کي اجنتا جي غار ۾ ڪنير ۽ ان جو چاڪ ۽ ٺاهيل ٿانون جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي. تبتي تصوير ۾ خالي چڪ ۽ ٿانو ڏيکاريا ويا آهن. ڪنير ڪونهي.-جاپاني تصوير ۾ ٿانو ۽ ڪنير گم آهن. فقط چڪ ڏيکاريو ويو آهي.

(٣) ونانا (هوش):

اجنتا ۽ جاپان جي تصويرن ۾ فقط هڪ پولو ڏيکاريو ويو آهي، مگر تبتي تصوير ۾ پولي کي هڪ وڻ تي چڙهندي ڏيکاريو ويو آهي. اٿان لاما اهو مڃين ٿا تہ انسان جو عقل شروعات بالڪل پولي وانگر هوندو آهي ۽ هوريان، هوريان علم ۽ تجربي جي ڪري ترقي ڪري ٿو.

(٤) روپ (مادي صفتون ۽ خصوصيتون):

اجنتا ۾ بہ تصويرون ڏيکاريون ويون آهن. جن جو مطلب چٽو نہ آهي. تبتي تصوير ۾ هڪ ٻيڙي درياءَ اڪرندي ڏيکاري وئي آهي.جاپاني تصوير ۾ ٻيڙيءَ ۾ ماڻهو بہ ويهاريو ويو آهي.

(٥) کل آئتا (ڇهه حواس):

يعني پنج حواس ۽ ڇهين طاقت ذهني جنهن کي من چون ٿا. اجنتا جي تصوير ۾ هڪ انساني مهاندو ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي منهن تي نقاب پيل آهي. پردي جي پنيان اک، نڪ،کن ۽ وات، اهي سڀ چٽا ڏيکاريا ويا آهن. ۽ نرڙ تي هڪ اک جيڏو ٽنگ ڏيکاريو ويو آهي. جپاني تصوير ۾ رڳو انسان ڏيکاريو ويو آهي. تبتي تصوير ۾ هڪ اهڙو گهر ڏيکاريو ويو آهي، جنهن کي ڇهه طبقا آهن.

(٦) پهياسو (ميلاپ):

اجنتا جي تصوير ۾ هي شڪل سوڙهي ٿي ويئي آهي. جاپاني ۽ تبتي تصويرن ۾ هڪ اهڙو ماڻهو ويٺل ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي اک ۾ تير کتل آهي.

(٧) دوانا (احساس):

اجنتا جي تصوير ۾ هي شڪل ميٽجي وئي آهي. تبتي ۽ جاپاني تصوير ۾ عاشق ۽ معشوق ياڪر پائيندي ڏيکاريا ويا آهن.

(٨) ترشنا (اڃ- آسات):

هڪ ماڻهوءَ کي پاڻي پيئندي ڏيکاريو ويو آهي.

(٩) اپادنا (پڪڙ):

اجنتا ۽ جاپاني تصويرن ۾ شڪليون ڊٺل آهن، تبتي تصوير ۾ هڪ ماڻهو ميون چونڊيندي ڏيکاريو ويو آهي.

(١٠) ڀهائونا (لاڙو):

اجنتا ۽ جاپاني تصويرن ۾ ۽ اهي ڊهي ويا آهن، تبتي تصوير ۾ هڪ ڍڪي عورت ڏيکاري وئي آهي.

(١١) جاتي (پيدائش):

ماءُ ۽ ٻار جي تصوير ٺاهي وئي آهي.

(١٢) مرت (موت):

هن ۾ ڪراڙپ، ڪمزوري ۽ موت جون تصويرون آهن.

ضميمو نمبر ۲:

سوئر جو گوشت يا کُنبِي

ٻوڌي ڪتابن مطابق آخري ڪاڌو جيڪو گوتم ڪاڌو (چند سوناري وٽ) ڪاڌو هو. اهي چانور هئا ۽ ترڪاري هئي. جنهن کي "سڪرمردو" چوندا هئا. يوروپي مورخن انهيءَ جو ترجمو "سوئر جو گوشت" ڪيو آهي. تنهن ڪري رائس ڊيوڊس جهڙي محقق ته آخري ڪاڌو اهوئي ٻڌايو آهي. مگر تازي تحقيق مان هي ڳالهه ڄاڻ ۾ آئي آهي ته "سڪر مردو" جي معنيٰ آهي "اها ڪنبِي جيڪا سوئر کائيندا آهن". مهاٻوڌي جرنل ۱۹۰۱ع ۾ هن لفظ جي کوجنا ڪري ٻڌايو ويو آهي ته بهار ۾ ڪنبِيءَ کي سڪر مردو چوندا هئا. هن جا ٻيا نالا گورجيا، ڪرستا ۽ بلي لوٽن آهن.

مسٽر سٽراس، پروفيسر منيوٽس ۽ سوپڊرا پڪشوءَ انهيءَ جا اهي ترجما ڪيا آهن. شميم به اهوئي لکيو آهي، مگر امير احمد علويءَ هن لفظ جو ترجمو لاهوري گجر، ڪيو آهي، جيڪو صحيح نٿو لڳي. ائين ٿو ڀائنجي ته ڪنبِيءَ کي جيڪا "موٽا" جي پاڙ وانگر هوندي آهي. "سوئر" پسند ڪندو آهي ۽ ان کي شوق سان کائيندو آهي. قديم زماني ۾ شايد انسان به هن پاڙ کي پچائي ڪري کائيندا هئا. تنهن ڪري "چند" به پنهنجي گروءَ ۽ پير جي واسطي اهائي ڀاڄي تيار ڪرائي. جڏهن گوتم ڀاڄي چکي ته ان کي محسوس ٿيو ته هن ۾ ڪا زهريلي پاڙ ملي ويئي آهي. هن ٻين پڪشن کي اها نه کائڻ ڏني پر سموري ديڳڙي زمين تي هارائي ڇڏي ۽ دفن ڪرائي ڇڏي.

اهو بحث فضول آهي ته گوتم سوئر جو گوشت کائيندو هو يا نه. انهيءَ ڪري جو هن لفظ جو صحيح مفهوم ڇتونه آهي ۽ واقعن جي بيان ۾ ترجمي جي صحت جو خيال ڪرڻ گهرجي ۽ نه هي ڏسڻ گهرجي ته اهي واقعا اعتقاد مطابق آهن يا نه؟ گوتم جي باري ۾ هيءَ به دعويٰ آهي ته هو سوئر جو گوشت نه کائيندو هو صحيح نه آهي.

انهيءَ ڪري جو گوتم هميشه انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته جيڪي ڪجهه ٻن جي ڪمسني ۾ وڌو وڃي اهو پڪشوءَ کي کائڻ گهرجي، ظاهر آهي ته جڏهن پڪشو گهر، گهر وڃي ڀکيا وٺندا هئا، چنال ۽ شودرن جي درن تي ڀکيا ملندي هوندي ته ان ۾ گوشت به ملندو هوندو. انهيءَ ڪريٰ گوتم ۽ ان جا چيلا به گوشت کائيندا هوندا. انهيءَ کان سواءِ ديودت، جڏهن انهيءَ ڳالهه تي زور ڀريو ته پڪشن کي "گوشت کائڻ کان منع ڪئي وڃي ته گوتم

صاف صاف چئي ڏنو هو ته يڪشو اهوسپ ڪجهه ڪائيندو جيڪو هن کي ٻکيا ۾ ملندو ۽ هن ملڪ ۾ جيڪو ڪاڌو وجي ٿو ۽ جتي هو ٻکيا وني ٿو. مطلب ته آخري ڪاڌو جيڪو گوتم ٻڌ ڪاڌو اهو سوئر نه هيو. پرهاها ڪنهيءَ جي پاڙ هئي جيڪا گهٽ ذات وارا ماڻهو انهيءَ زماني ۾ ترڪاريءَ طور ڪائيندا هئا.

ضميمو نمبر ٣:

ٻڌ جي جنم ڀومي لمبيني باغ

١٠٩٦ع ۾ ڊاڪٽر فوهرر نيپال اسٽيٽ اندر رامنڊٽيءَ جي هنڌ تي هڪ پٿر جو منارو زمين ۾ پوربل ڳولهي لڌو. انهيءَ پٿر تي اشوڪ شاهه مگڌ جو هڪ ڪتبو هيو. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو هو پنهنجي تخت نشينيءَ کان ويهن سالن کان پوءِ اتي آيو ۽ هن گهوڙي جي شڪل جهڙو هڪ ٿنڀو هتي کوڙايو ۽ انهيءَ تي هڪ برج نهراياڻين. جنهن تي "هتي ٻڌ پيدا ٿيو" اڪرايو هو. هي اسٽوپا ۽ گهوڙو بجليءَ جي ڪرڻ ڪري ڪري پيا هئا. گهوڙو ته هٿ نه آيو مگر ٿنڀو ويجهو ئي هڪ مندر ۾ پيل مليو هو. هتي هڪ صندوق به ملي آهي. جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا گلدان ۽ گهڻا ئي زيور ۽ جواهر مليا آهن. انهيءَ مان اهو به ثابت آهي ته هي ئي هنڌ گوتم جو جنم هنڌ آهي. مطلب ته هر طرح سان اهو ثابت ٿي ويو ته اهوئي هيءُ هنڌ آهي، جتي گوتم ماءُ جي پيٽ مان نڪري دنيا جي جهوليءَ ۾ آيو.

انهيءَ ڪوجنا ڪانپوءِ هن هنڌ ٻڌ ماڻهن لاءِ هڪ تيرٿ گاهه جي حيثيت اختيار ڪئي آهي. " مسٽر شيو نارائڻ شميم" هتي پهچڻ جي صورت هيئن بيان ڪئي آهي:

هن جاءِ تي نيپال جي دربار جي اجازت سان وڃي سگهجي ٿو. دربار کان ڪي قدر امداد جي به ضرورت پوي ٿي. ائن ڪلاڪن رات جو پالڪيءَ جي سواريءَ ۾ "اسڪا بازار" کان سرحد تائين پهچي سگهون ٿا. ان کان پوءِ درياءَ اچن ٿا. هاٿيءَ جي سواري تي انهن کي پار ڪرڻو پوي ٿو ۽ وري پوءِ هڪ جهنگل اچي ٿو، جنهن ۾ جهاڙي نظر اچي ٿي. هتي ئي ٿنڀ مليو آهي. ٿوريون وکون اڳتي هلي هڪ تلاءَ جا به نشان مليا آهن. جتي ٻڌ جي ماتا سنان ڪيو هو ۽ جنهن نديءَ کي "نيل درياءَ" ٻڌ ست ڪتابن ۾ لکيو ويو آهي، هن وقت به انهيءَ درياءَ جونالو ساڳيو ئي آهي.

ضميمو نمبر ۴:

وفات جي جاءِ (ڪسي نگر ضلعو گورکپور)

مسٽر شيو نارائڻ شميم جي زبانيءَ سان هن جي حالت بہ ٻڌو. جيڪڏهن مسافر گورکپور جي ريلوي لائين تي چار اسٽيشنون اڳيرو وڃي "ديوريا" اسٽيشن تي لهي پئي تہ اتي لاريءَ جي سواري ملندي آهي. جيڪا "ڪسيا" پهچائيندي آهي. ٻارنهن ڪلاڪن ڪان ٢ ٻي وڳي تائين ملي وڃي ٿي.لاري وري واپس اٿي ٿي. جيڪڏهن هي سفر پسند نہ اچي تہ گورکپور کان ڪسيا ٣٥ ميل پڪي سڙڪ آهي.موٽر ڪار ٣٥ رپين ۾ اوٽ موٽ ملي وڃي ٿي.ڪسيا اهو هنڌ آهي، جتي ٻڌ ڀڳوان کي نرواڻ حاصل ٿيو هو. مندر جي مرمت ڪئي وئي آهي. مورتي جيڪا ليٽيل حالت ۾ آهي. اها ڀريائين ٽڪرا ٽڪرا ٿيل هئي. هيءَ هن وقت ٢٠ فوٽ کن ڊگهي آهي. ياترين سونن ورقن سان هن مورتيءَ کي سينگاريو آهي.ڪناريءَ جو پردو هن جي مٿان پيل آهي. ٻتي هروقت ٻرندي رهي ٿي. سنگ آسڻ جي هڪ ٻانهن تي آنند جي ڏک ۽ پيڙاجي حالت ۾ مورت نهيل آهي. جڏهن تہ هن سان گڏ ٻہ ٻيا سنگي آهن. هن مندر جي ويجهو هڪ اسٽوپا آهي.ان جي لڳ ٻہ دفن ٿيل شيون هٿ آيون آهن. اهڙي طرح کيترائي کنڊر بہ مليا آهن، مندر کان ٿورن قدمن جي وٿيءَ تي ٻڌ جي هڪ پيتل مورت هٿ آئي آهي. سني نموني ڪٽل آهي. جنهن کي وهار جا ماڻهو رماهنا ، جي مورتي سڏين ٿا. مندر کان ٿوري مفاصلي تي برما جي هڪ امير يا ترين جي واسطي هڪ ڌرم سالا نهرايو آهي. انهيءَ ۾ هڪ برمي ڀڪشو رهندو آهي. ان جي هڪ ڪمري ۾ برما جون نهيل سنگ مر مر ۽ پتل جون ٻڌ جون مورتيون رکيل آهن. دروازي تي هڪ گهڙيال برمي ساخت جو موسيقيءَ سان آواز ڪندو آهي. سالن جا سال هي مندر نڌڻڪو رهيو. آخر ١٨٧٧ع ۾ مسٽر ڪار لائل هن کي سينگاريو. جنهن جو احوال هڪ سنگمرمر جي سر تي انگريزي ۾ ڏنل آهي، جنهن جو ترجمو هن ريت آهي:

هي مشهورمجسمو ۽ مندر ٻڌ جي نرواڻ جي حالت ۾ آهن ۽ هن جي ويجهو وارا اسٽوپا ٻئي کوٽيا ويا آهن. مورتي جا بيشمار ٽڪرا هر هنڌ لڌا ويا. انهن سيني ٽڪرن کي ڪٺو ڪيو ويو ۽ انهن کي ترتيب ڏيئي ۽ مرامت ڪري مورتيءَ کي اصل صورت ۾ آندو ويو. مندر جي مرامت ڪرائي ويئي ۽ ان جي مٿان ڇت وڌي ويئي.

ڪسي نگر
اي - اي ڪار لائل مارچ ١٨٧٧ع
آرڪيالاجيڪل اوورسيز

اصل ۾ هي هند ٻڌن جي تيرٿن مان هڪ ضروري تيرٿ آهي. ڀهريائين ته هندوستان کان ٻاهريان ٻڌمت وارا ياتري ايندا هئا. مگر هاڻي اتي هڪ وڏوساليانو ميلو لڳندو آهي. اوري ٻري جي ياترين جي اچڻ سان هتي وڏي رونق لڳندي آهي. ٻڌن جي ڪتابن ۾ هن جو نالو ”ڪوسي نڪلا“ آهي. ڪوسي نگر يا ڪسي نگر به آيو آهي. هاڻي هن کي ”ڪسيا“ چون ٿا.

ضميمو نمبر ٨:

نالند يا نالندا يونيورسٽي

راڄ گير کان ستن ميلن جي پنڌ تي نالند نالي هڪ ڳوٺ آهي. هاڻي هن کي وڏو ڳوٺ چون ٿا. گوتم هتي ٽي مهينا ترسيو هو ۽ ڪيترائي خطبا ڏنا هئائين. هتان جي امير سوداگرن جن جو انگ پنج سو کن ٿيندو ڏهن لکن اشرفين جو چندو ڪيو ۽ انهيءَ مان ڪيترائي خريد ڪري هڪ ”مٺ“ ٺهرائي ڪري ٻڌ جي نذر ڪيائون. راجائن انهيءَ عمارت ۾ واڌارو آندو. وچ هندستان جي هڪ راجا هڪ هال ٺهرايو ۽ سنوري عمارت جي چوڌاري ڪوٽ ڪڍرايو ۽ ان ۾ رڳو هڪ وڏو در رکرايو. انهيءَ اڳڻ ۾ پنهنجي زماني جا مشهور ترين راهب عالم رهندا هئا. تنهن ڪري جڏهن به ڪو تعليم حاصل ڪرڻ جي خيال سان ايندو هو ته اهو راهب جيڪو ڏربان جا فرض ادا ڪندو هو طالب علم کان ڪجهه سوال پڇندو هو ۽ جيستائين انهن جا صحيح جواب نه حاصل ڪندو هو تيستائين ان کي اندر اچڻ نه ڏيندو هو. گهڻو ڪري داخلي جي امتحان جي شروعات هتان ئي ٿيندي هئي. مطلب ته هن مٺ ٿوري ئي وقت ۾ هڪ يونيورسٽي جي حيثيت سان دنيا ۾ شهرت حاصل ڪئي. ”فاهين“ جي وقت تائين هي اڀپوري هئي. مگر اِت سانگ، هتي انهيءَ سال ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ هو انگ سانگ ڇهه سال. هتان جا پڙهيل نهايت معتبر سمجهيا ويندا هئا. استادن جو انگ تمام گهڻو هيو. هڪ هزار کن استاد اهڙا هيا جيڪي ويهن علمن تي ليڪچر ڏيندا هئا. پنج سو، ٽيهن مضمونن تي، ڏهه اهڙا (هوانگ-سانگ سوڌ) نجو پنجاه مضمونن جا ڄاڻو هيا. قابل استادن جهڙوڪ ”ناگا رجن“ ۽ آريا ديو، جهڙن هن يونيورسٽيءَ کي تمام مٿي آندو. هوانگ سانگ، جي وقت ۾ سدا ڀهار هن يونيورسٽيءَ جو صدر هيو. هي عالم هر فن مولا هيو ۽ هر هڪ علم تي عبور رکندو هو.

وقت جي حڪومت ڪيترائي ڳوٺ هن مٺ لاءِ وقف ڪري ڇڏيا هئا ۽ عوام به ڪافي مدد ڪندو هيو. جنهن جو نتيجو اهو هيو جو شاگردن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ايندي هئي. گهر کان وڌيڪ هتي آرام هيو.

آثار قديمه وارن هن جاءِ جي کوٽائي ڪرائي ڪيترين ئي شيون ڪڍيون آهن. جيڪي ڏسڻ وٽان آهن.

منير سولنگي

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيکي بہ ڪٽين، جيکي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)